# حساب ڀاڱو - I

## درجو ڏهون








$$1 + 2 + 3 + \cdots \cdots + 78 + 79 + 80$$
$$= (1 + 80) + (2 + 79) + \cdots + (39 + 42) + (40 + 41)$$

# ڀارتيه سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ ڀوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيتروار جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٽ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٿ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جيئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر : اَپيپاس ٢١١٦ (پر.ڪر ٤٣/١٦)ايس.ڊي ٤ تاريخ ٢٥-٤-٢٠١٦
موجب اسٽاپٽ ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٢٩.١٢.١٧ جي ميٽنگ ۾ هن
درسي ڪتاب کي سنه ٢٠١٨-١٩ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# حساب

## پاڱو - I

## درجو ڏهون

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي واڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

PD296P

چاپو پهريون : 2018
سڌاريل چاپو : 2022

© مهاراشٽرراجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل،
پُڻي- ۴۱۱۰۰۴.
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ ٿو رکي. منڊل جي ڊائريڪٽر جي لکيل اجازت کانسواءِ هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڇپائي نٿو سگهجي.

## حساب وشيہ ماهر ڪاميٽي

ڊاڪٽر منگلا نارڙيڪر (اَڌيڪش)
ڊاڪٽر جئشري اَترِي (ميمبر)
شري رماڪانت سرودي (ميمبر)
شري ونائڪ گوڙ بولي (ميمبر)
شريمتي پراجڪتا گوکلي (ميمبر)
شري سنديپ پنچ ڀائي (ميمبر)
شريمتي پوجا جاڌو (ميمبر)
شريمتي اُجولا گوڙبولي (ميمبر-سيڪريٽري)

## حساب وشيہ ڪاريہ گٽ ميمبر

شري اُميش ريڙي
شري سنيل شريواستو
شريمتي جيشري پُرندڙ
شريمتي تروبين پوپٽ
شري اَٽپا پريت
شري انساري عبدل حميد
شري سنديش سوناوڻي
شري وسنت شيواڙي
شري مليشام بيٿي
شري شريپاد ديشپانڊي
شري پرتاپ ڪاشد
شريمتي سواتي ڌرم اَڌڪاري
ڊاڪٽر پارتي شهستربڌي
شري انسار شيخ
شري راما وهنياڙڪر
شري پرمود ڊومبري
شري پرڪاش جهينڊي
شري شريڪانت رتنپارکي
شري اروند ڪمار تواري
شري سريش داتي
شريمتي سوُرنا ديشپانڊي
شري پرڪاش ڪاپسي
شريمتي آريا ڀڙي
شري ملند ڀاڪري
شري گيانيشور ماشاڙڪر
شري لڪشمڻ داوڻڪر
شري سڌيرپاٽيل
شري گڻيش ڪولتي
شريمتي روهڻي شِرڪي
شري بنسي هوالي
شري رويندرکنداري
شري راجيندر چوڌري

مُکيہ سنيوجڪ : شريمتي اُجوالا شريڪانت گوڙبولي
انچارج آفيسرحساب،
پاٺيہ پُستڪ منڊل پُڻي

ٻاهريون صفحو ۽ ڪمپيوٽر آريکن :
شري سنديپ ڪوڙي
ممبئي

سنيوجڪ : شريمتي ڪيتڪي جاني
انچارج آفيسر سنڌي.
سنيوجن : شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر

ڪاپي رائيٽر سنڌي
شري سچيتانند آڦڙي، مکيہ نرمتي اڌڪاري
شري سنجيہ ڪانبلي، نرمتي اڌڪاري
شري پرشانت هرڻي، نرمتي سهايڪ اڌڪاري
ترجمو ڪندڙ : شري اشوڪ ڪملداس مکتا
ڇڪاس ڪندڙ : شري وجيہ راجڪمار منگلاڻي.
ڪاغذ : 70 جي. ايس. ايم ڪريمِوو.
ڇاپيندڙ :
پرنٽنگ آرڊر :

ٽائيپسيٽنگ :
شريمتي شوڀا لالچنداڻي

پرڪاشڪ
وويڪ اُتم گوساوي، ڪنٽرولر
پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌيناۡيَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گَوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

شاگرد دوستو

ڏهين درجي ۾ توهان جو سواگت حساب ڀاڱو - I ۽ حساب ڀاڱو - II اِهي ڪتاب توهان کي هن سال اَڀياس ڪرڻا آهن.

حساب ڀاڱو - I ۾ آلجبرا، اَرٿ - يوجنا ۽ عدد شاستر اِهي مکيه ڪيتر آهن نائين درجي ۾ اِنهن يونٽن جي سڃاڻپ ڏنل آهي. اِنهن بابت وڌيڪ اَڀياس هن سال ٿيندو. مالي - يوجنا ۾ GST اِهو هڪ نئون باب، اُن بابت سڃاڻپ ڏنل آهي. جتي نوان ڀاڱا، سوتر يا اُپيوجن ڏنل هرهڪ باب ۾ حل ڪيل مثال، اَڀياس لاءِ مثال اِن کان سواءِ هوشيار ٻارن لاءِ خاص للڪاري سوال ڏنل آهن. جيڪي خاص تاري نشانيءَ سان ڏنل آهن. جيڪي شاگرد ڏهين درجي بعد حسابن جو اَڀياس نه ڪرڻ وارا آهن اُنهن لاءِ هن ڪتاب ۾ حسابن جون بنيادي ويچار ڌارائون، ڀين ڪيترن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ حسابن جو اِستعمال وغيره ڏنل آهي. ’’ وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اِن سري هيٺ ڏنل مسودو، اُنهن شاگردن لاءِ ڪارگر ٿيندو جيڪي اَڳتي، اوچي تعليم ۾ حسابن جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهن. اَهڙن شاگردن کي اِن مسودي جو اَڀياس ڪرڻ گهرجي. اَئپ جي ماڌيم وسيلي ڪيو. آر. ڪوڊ ذريعي هرهڪ سبق جي وڌيڪ ڄاڻ توهانکي ملندي. اُنجو اَڀياس توهانکي اُپيوگ ٿيندو.

ڏهين درجي جو اِمتحان اَهميت وارو سمجهو ويندو آهي. اِن ڳالهه کي تناو سان نه ڪٽي شاگرد چڱيءَ طرح ڪتاب جو اَڀياس ڪري جس حاصل ڪندا.

ان لاءِ شڀ ڪامنائون.



(ڊا. سُنيل مگر)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ
نرمتي و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل پڻي.

پڻي
١٨ مارچ ٢٠١٨، گُڙي پاڙوا
ڀارتيه سوُريه تاريخ : ٢٧ ڦاڳڻ ١٩٣٩

درجي ڏهين حساب ڀاڱو I- اَڀياس ڪري شاگرد هيٺ ڏنل لياقتون حاصل ڪندا

| ڪيتر | يونٽ | لياقت |
| --- | --- | --- |
| 1. عدد گيان | 1.1 اَنگي پروگريشن | • اَنگي پروگريشن اُپيوگ ڪري مثال حل ڪرڻ<br>• مستقبل ۾ ڪنهن خاص مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ڏاڪيوار نيوجن ڪرڻ |
| 2. آلجبرا | 2.1 ٻسگهي مساوتون<br>2.2 ٻن ڦيرائتن ۾ ليڪي مساوت | • وهنوار ۾ جيڪو مسئلو ٻه سگهي مساوت وسيلي پيش ڪري حل ڪرڻ<br>• لفظي مثال سمجهي، مساوت ٺاهي حل ڪرڻ (هڪ ڦيرائتو يا ٻه ڦيرائتو)<br>• لفظي مثالن کي ٻن ڦيرائتن ۾ پيش ڪري، حل ڪرڻ |
| 3. وهنواري حساب | 3.1 وهنواري، حساب | • بچت، سيڙپ اِنهن مُدن بابت سمجهڻ<br>• واپار وڻج ۾ مالي وهنوار ۾ زباني - سڃاڻپ |
| 4. عدد شاستر اِمڪان | 4.1 اِمڪان<br>4.2 گراف مرڪزي | • راند، ووٽنگ وغيره ۾ اِمڪان جو اُپيوگ<br>• خاص حاصل ٿيل ڄاڻ جي ليکا روپ ۾ گراف - گول گراف وغيره روپ ۾ پيشڪش<br>• گروهيل ڪلاس مان سراسري، اَڌڪ ۽ ڍنگ لهڻ |

## ماسترن لاءِ سوچنا

ڀرياڻين ڪتاب جو سمورو اَڀياس ڪري سمجهو. جدا جدا رونٽن جي سمجهاڻي ۽ سوترن جي چڪاس ڪري، مشغوليون پوري ڪرڻ ۾ مدد ڪريو.
عملي ڪم وسيلي ملهه ماپڻ ڪرڻو آهي. شاگردن کي خود - اِظهار لاءِ همٿايو. ڪنهن شاگرد ڪو حساب. علحدي نموني حل ڪيو آهي ته اُن شاگرد کي شاباسي ڏيو.

# فهرست

| باب | صفحو |
|---|---|


| | |
|---|---|
| 1. ٻن ڦيرائٽن ۾ ليڪي مساواتون ........................... | 1 کان 29 |
| 2. پسگهي مساواتون ........................................ | 30 کان 54 |
| 3. انگي پروگريشن ........................................ | 55 کان 80 |
| 4. مالي رٿا ................................................ | 81 کان 112 |
| 5. اِمڪان .................................................. | 113 کان 128 |
| 6. عدد شاستر ............................................. | 129 کان 168 |
| • جواب .................................................. | 169 کان 176 |

# 1 ٻن ڦيرائن ۾ ليڪي مساوتون

## اچو تہ سکون



- ٻن ڦيرائتن ۾ ليڪي مساوتن کي حل ڪرڻ جا طريقا - گرافتي طريقو ڪريمرس طريقو
- ٻن ڦيرائتن وارين ليڪي مساوتن ۾ بدلائڻ جوڳيون مساوتون
- هم وقتي مساوتن جا حل

## ذرا ياد ڪريوُن



### ٻن ڦيرائتن ۾ ليڪي مساوتون (Linear equation in two variables)

جن مساوتن ۾ ٻہ ڦيرائتا ڪم آندل هجن ۽ ڦيرائتن جي سگهہ 1 آهي اِنهن مساوتن کي ٻن ڦيرائتن واريون ليڪي مساوتون چوندا آهن اَهڙين مساوتن جو اَڀياس اَسان نائين درجي ۾ ڪري چڪا آهيون.

$ax+by+c=0$ اِهو ٻن ڦيرائتن ۾ ليڪي مساوت جو عام روپ آهي. اسانکي ڄاڻ آهي تہ هنن مساوتن ۾ a ۽ b جو ملهہ 0 (ٻڙي) نہ هئڻ گهرجي.

مثال : $3x=4y-12$ هن مساوت جو عام روپ (پرماڻڪ روُپ) $3x-4y+12=0$ آهي.

**مشغولي :** هيٺ ڏنل فهرست پوري ڪريو

| نمبر | مساوت | ٻن ڦيرائتن ۾ ليڪي مساوت آهي يا نہ؟ |
|---|---|---|
| 1 | $4m + 3n = 12$ | آهي |
| 2 | $3x^2 - 7y = 13$ | |
| 3 | $\sqrt{2}x - \sqrt{5}y = 16$ | |
| 4 | $0x + 6y - 3 = 0$ | |
| 5 | $0.3x + 0y - 36 = 0$ | |
| 6 | $\frac{4}{x} + \frac{5}{y} = 4$ | |
| 7 | $4xy - 5y - 8 = 0$ | |

## هم وقتي مساوتون (Simultaneous linear equations)

جڏهن ٻن ڦيرائتن وارين ٻن ليکي مساوتن جو هڪ وقت تي عام حل ملي تو تہ اِنهن مساوتن کي هم وقتي مساوتون چئجي ٿو.

نائين درجي ۾ ڦيرائتو رد ڪرڻ وارو طريقو ڪم آڻي مساوتون حل ڪرڻ جو طريقو آسان سکيو آهي. اَچو تہ اُن جو ٿورو اَڀياس ڪريون.

**مثال (1)** هيٺ ڏنل هم وقتي مساوتون حل ڪريو :

$$5x - 3y = 8;\ 3x + y = 2$$

**سمجهاڻي (حل)**

**طريقو I :**

$$5x - 3y = 8 \ldots \quad (\mathrm{I})$$

$$3x + y = 2 \ldots \quad (\mathrm{II})$$

مساوت (II) کي ٻنهي پاسي 3 سان ضرب ڪريو

$$9x + 3y = 6 \ldots \quad (\mathrm{III})$$

$$5x - 3y = 8 \ldots \quad (\mathrm{I})$$

هاڻي مساوت (I) ۽ (III) جوڙ ڪريو

$$\begin{array}{r} 5x - 3y = 8 \\ +\ 9x + 3y = 6 \\ \hline 14x = 14 \end{array}$$

$$\therefore x = 1$$

هاڻي x=1 جو اِهو ملهہ مساوت (II) ۾ رکو

$$3x + y = 2$$

$$\therefore 3 \times 1 + y = 2$$

$$\therefore 3 + y = 2$$

$$y = -1$$

$$\therefore x = 1,\ y = -1$$

$(x, y) = (1, -1)$ اِهو مساوتن جو حل آهي.

**طريقو (II)**

$$5x - 3y = 8 \ldots \quad (\mathrm{I})$$

$$3x + y = 2 \ldots \quad (\mathrm{II})$$

مساوت (II) ۾ y جو ملهہ x جي نسبت ۾ لکو

$$y = 2 - 3x \ldots \quad (\mathrm{III})$$

هاڻي y جو اِهو ملهہ مساوت (I) ۾ رکو

$$5x - 3y = 8$$

$$\therefore 5x - 3(2 - 3x) = 8$$

$$\therefore 5x - 6 + 9x = 8$$

$$\therefore 14x - 6 = 8$$

$$\therefore 14x = 8 + 6$$

$$\therefore 14x = 14$$

$$\therefore x = 1$$

هاڻي $x=1$ جو اِهو ملهہ مساوت III ۾ رکو

$$y = 2 - 3x$$

$$\therefore y = 2 - 3 \times 1$$

$$\therefore y = 2 - 3$$

$$\therefore y = -1$$

$$\therefore x = 1,\ y = -1$$

(1,-1) اِهو مساوتن جو حل آهي.

مثال (2) حل ڪريو : $3x + 2y = 29;\ 5x - y = 18$

حل : $3x + 2y = 29 \ldots \text{(I)} \qquad 5x - y = 18 \ldots \text{(II)}$

ڏنل مساوتن کي y قيرائتي کي رد ڪرڻ واري طريقي سان حل ڪريو. اِن لاءِ هيٺ ڏنل چوڪنڊن ۾ صحيح اَنگ لکو. مساوت (II) کي 2 سان ضرب ڪرڻ سان

$$\therefore\ 5x \times \square - y \times \square = 18 \times \square$$

$$\therefore\ 10x - 2y = \square \ldots \text{(III)}$$

مساوت (I) ۾ مساوت (III) جوڙ ڪرڻ سان

$$\begin{array}{r} 3x + 2y = 29 \\ + \ \square - \square = \square \\ \hline \square = \square \end{array} \qquad \therefore\ x = \square$$

$x=5$ اِهو ملهه مساوت (I) ۾ رکڻ سان

$$3x + 2y = 29$$

$$\therefore\ 3 \times \square + 2y = 29$$

$$\therefore\ \square + 2y = 29$$

$$\therefore\ 2y = 29 - \square$$

$$\therefore\ 2y = \square \qquad \therefore\ y = \square$$

$(x, y) = (\square, \square)$ اِهو حل آهي

مثال (3) $15x + 17y = 21;\ 17x + 15y = 11$

حل : $15x + 17y = 21 \ldots \text{(I)}$

$$17x + 15y = 11 \ldots \text{(II)}$$

هنن ٻن مساوتن ۾ x ۽ y جا ضربيندڙ اَدل بدل ٿيل آهن. اَهڙين مساوتن کي حل ڪرڻ لاءِ اِنهن کي جوڙ ڪرڻ ۽ ڪٽ ڪرڻ سان ٻه نيون سؤليون مساوتون ملن ٿيون. اِنهن مساوتن کي حل ڪرڻ سان حل سؤلائيءَ سان ملي ٿو.

مساوت I ۽ II جوڙ ڪرڻ سان

$$\begin{array}{r} 15x + 17y = 21 \\ + \quad 17x + 15y = 11 \\ \hline 32x + 32y = 32 \end{array}$$

مساوت جي ٻنهي پاسي 32 سان ونڊ ڪريو

$$x + y = 1 \quad . \; . \; . \quad (III)$$

مساوت (I) مان مساوت (II) ڪٽ ڪريو

$$\begin{array}{r} 15x + 17y = 21 \\ -\;\; \underline{-17x \pm 15y = -11} \\ -2x + 2y = 10 \end{array}$$

مساوت جي ٻنهي پاسي 2 سان ونڊ ڪريو.

$$- \quad x + y = 5 \quad . \; . \; . \quad (IV)$$

مساوت (III) ۽ (IV) کي جوڙ ڪريو

$$\begin{array}{r} x + y = 1 \\ \underline{\pm \;\; x + y = 5} \end{array}$$

$$\therefore \; 2y = 6 \qquad \therefore \; y = 3$$

y=3 اِهو ملهه مساوت (III) ۾ رکو

$$x + y = 1$$

$$\therefore \; x + 3 = 1$$

$$\therefore \; x = 1 - 3 \qquad \therefore \; x = -2$$

(x,y) =(-2,3) اِهو مساوتن جو حل آهي.

## اَڀياس 1.1

1. هيٺين مشغولي پوري ڪري هم وقتي مساوتن کي حل ڪريو.

$$5x + 3y = 9 \;\text{-----}\; (I)$$

$$2x - 3y = 12 \;\text{-----}\; (II)$$

مساوت (I) ۽ (II) کي جوڙ ڪريو

$$\begin{array}{r} 5x + 3y = 9 \\ + \;\; \underline{2x - 3y = 12} \\ \square \; x = \square \end{array}$$

$$x = \frac{\square}{\square} \qquad x = \square$$

$x$=3 ملهه پهرين مساوت ۾ رکو

$$5 \times \square + 3y = 9$$

$$3y = 9 - \square$$

$$3y = \square$$

$$y = \frac{\square}{3}$$

$$y = \square$$

$(x, y) = (\square, \square)$ اهو مساوتن جو حل آهي.

2. هيٺيون هم وقتي مساوتون حل ڪريو :

(1) $3a + 5b = 26;\ a + 5b = 22$ (2) $x + 7y = 10;\ 3x - 2y = 7$

(3) $2x - 3y = 9;\ 2x + y = 13$ (4) $5m - 3n = 19;\ m - 6n = -7$

(5) $5x + 2y = -3;\ x + 5y = 4$ (6) $\frac{1}{3}x + y = \frac{10}{3}$ $2x + \frac{1}{4}y = \frac{11}{4}$

(7) $99x + 101y = 499;\ 101x + 99y = 501$

(8) $49x - 57y = 172;\ 57x - 49y = 252$



ذرا ياد ڪريون

## ٻن ڦيرائتن وارين ليڪي مساوتن جو گراف (Graph of a linear equation in two variables)

اڳ واري درجي ۾ توهان سکيا آهيو ته ٻن ڦيرائتن ۾ ليڪي مساوت، هڪ ليڪ ڏيکاري ٿي. جيڪو اَنگن جو جوڙو ڏنل مساوتن کي صحيح جو حل آهي. گراف ۾ اِهو اَنگن جو جوڙو هڪ ٽِڪي وسيلي ڏيکاري سگهجي ٿو.

مثال : $2x - y = 4$ هن مساوت جو گراف ڪيو.

حل : $2x - y = 4$ هن مساوت جو گراف ڪيڻ لاءِ $(x, y)$ جا 4 جوڙا حاصل ڪريو.

| $x$ | 0 | 2 | 3 | −1 |
|---|---|---|---|---|
| $y$ | −4 | 0 | 2 | −6 |
| $(x, y)$ | (0, −4) | (2, 0) | (3, 2) | (−1, −6) |

اَنگن جا جوڙا ٺاهڻ وقت $x$ ۽ y جا ملهه 0 (ٻڙي) کڻڻ سهوليت پريا ٿيندا آهن.



ٻن ڦيرائتن ۾ليڪي مساوتن جا گراف ڪڍڻ وقت هيٺين ڏاکن تي ڌيان ڏيو.

ڏنل مساوت لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 4 اَنگن جا جوڙا ڳولهيو

↓

گراف پني تي x- محور ۽ y- محور ڪڍي ٽٻڪا نشان ڪريو.

↓

سڀ ٽٻڪا هڪ ليڪ ۾ هئڻ گهرجن. اِنهن سڀني ٽٻڪن مان هڪ ليڪ ڪڍو.

ليڪ ڪڍڻ لاءِ ٻه ٽٻڪا ڪافي آهن پر اُنهن مان هڪ ٽٻڪو غلط نشان ڪرڻ سان، ليڪ ڪڍڻ ۾ ڪي غلط تي ويندي آهي. ٽي ٽٻڪا نشان ڪرڻ سان جيڪڏهن هڪ ٽٻڪو غلط نشان ڪيل آهي ته ٽيئي ٽٻڪا هڪ ليڪ ۾ نه ايندا. اِن مان آسانکي ڄاڻ ملندي ته هڪ ٽٻڪو غلط نشان ٿيل آهي. پر ڪهڙو ٽٻڪو غلط طريقي نشان ڪيل آهي، اِهو ڳولهڻ ۾ وقت لڳي ويندو آهي. چار ٽٻڪا نشان ڪرڻ سان جيڪڏهن هڪ ٽٻڪو غلط نشان ٿيل آهي ۽ باقي ٽي ٽٻڪا هڪ ليڪ ۾ آهن ته غلطي ڪهڙو ٽٻڪو نشان ڪرڻ ۾ ٿي آهي، اِهو ڳولهڻ سؤلو تي پوندو آهي. اِن ڪري چار ٽٻڪا نشان ڪرڻ فائديمند ٿيندو آهي.

$0x+y=2$ اِها مساوت $y=2$ اِن طريقي لکڻ وڌيڪ سهوليت ڀري آهي. هن مساوت جو گراف $x$- محور سان پورو چوٽ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته $x$ ٻڌائيندڙ اَنگن ڪهڙو به هجي، y ٻڌائيندڙ اَنگ سڀني ٽٻڪن جو ساڳيو ئي هوندو 2.

| $x$ | 1 | 4 | -3 |
|---|---|---|---|
| $y$ | 2 | 2 | 2 |
| $(x, y)$ | (1, 2) | (4, 2) | (-3, 2) |

ساڳي ۽ طرح $x+0y=2$ اِها مساوت $x=2$ اِن طريقي لکڻ وڌيڪ سهوليت ڀري آهي ۽ هن مساوت جو گراف y- محور سان پورو چوٽ هوندو آهي.



## چاڪي وٺون

### هم وقتي مساوتن حل ڪرڻ جو گرافي طريقو
### (Solution of simultaneous equations by Graphical method)

مثال $x + y = 4$ ۽ $2x - y = 2$ مساوتن جا گراف ڪڍي اِنهن جي چڪاس ڪريو.

$x + y = 4$

| $x$ | $-1$ | $4$ | $1$ | $6$ |
|---|---|---|---|---|
| $y$ | $5$ | $0$ | $3$ | $-2$ |
| $(x,y)$ | $(-1,5)$ | $(4,0)$ | $(1,3)$ | $(6,-2)$ |

$2x - y = 2$

| $x$ | $0$ | $1$ | $3$ | $-1$ |
|---|---|---|---|---|
| $y$ | $-2$ | $0$ | $4$ | $-4$ |
| $(x,y)$ | $(0,-2)$ | $(1,0)$ | $(3,4)$ | $(-1,-4)$ |




گراف ۾ هرهڪ ٽبڪو جنهن مساوت جو گراف آهي اُن کي نهڪائي ٿو. ٻئي ليڪون هڪ ٻئي کي .. هن ٽبڪي وٽ ڪپن ٿيون.

اِنڪري (2,2) اهو اَنگن جو جوڙو يعني ته $x=2$ ۽ $y=2$ اِهي ملهه $x+y=4$ ۽ $2x-y=2$ اِنهن ٻنهي مساوتن کي نهڪائن ٿا.

ڏنل هم وقتي مساوتن کي جيڪو ملهه نهڪائي ٿو اُهو ملهه ٻنهي مساوتن جو حل آهي :

$x = 2$ ۽ $y = 2$ آهي

اهي مساوتون ڦيرائڻ رد ڪرڻ واري طريقي سان حل ڪري اِنهن جي چڪاس ڪريون.

$x + y = 4 \ldots$ (I)

$2x - y = 2 \ldots$ (II)

مساوتون (I) ۽ (II) جو جوڙ ڪريو.

$3x = 6 \therefore x = 2$

$x=2$ اهو ملهه مساوت (I) ۾ رکو

$x + y = 4$

$\therefore 2 + y = 4$

$\therefore y = 2$

**مشغولي I :** $5x - 3y$ $x - y = 1;$ اهي هم وقتي مساوتون گرافي طريقي حل ڪرڻ لاءِ هيٺيان چڄرا (ٽيليفون) پوريون ڪريو ۽ ٻڌائيندڙ اَنگ پڻ حاصل ڪريو.

$5x - 3y = 1$

| $x$ | 2 | | | −4 |
|---|---|---|---|---|
| $y$ | | 8 | −2 | |
| $(x, y)$ | | | | |

$x - y = 1$

| $x$ | 0 | | 3 | |
|---|---|---|---|---|
| $y$ | | 0 | | −3 |
| $(x, y)$ | | | | |

- گراف پني تي ٻڌائيندڙ (مساووي) طريقي سان ٽٻڪا نشان ڪريو.
- مساوتن جا گراف ڪڍو.
- ليڪن جي ڪپيندڙ ٽٻڪي جا مساو جاچيو. اُنهن تان هم وقتي مساوتن جو حل لکو.

**مشغولي II :** اِهي مساوتون ڦيرائتو رد ڪرڻ واري طريقي سان حل ڪري اِنهن جي چڪاس ڪريو.

**ذرا سوچيو**

$5x - 3y = 1$ مساوت جو گراف ڪڍڻ لاءِ هيٺين هڪ ٽيبل ۾(چڄري ۾) ٻڌائيندڙ اَنگ (مساو) ڏنل آهن اِنهن کي ڏسو.

| $x$ | 0 | $\frac{1}{5}$ | 1 | −2 |
|---|---|---|---|---|
| $y$ | $-\frac{1}{3}$ | 0 | $\frac{4}{3}$ | $-\frac{11}{3}$ |
| $(x, y)$ | $\left(0, -\frac{1}{3}\right)$ | $\left(\frac{1}{5}, 0\right)$ | $\left(1, \frac{4}{3}\right)$ | $\left(-2, -\frac{11}{3}\right)$ |

- ٽٻڪا نشان ڪرڻ لاءِ اِهي مساو سهوليت پريا آهن چا ؟
- مساوو ڳولهڻ وقت ڪهڙي ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ گهرجي جيئن ٽٻڪا نشان ڪرڻ سهوليت پريا ٿي سگهن.

## اَڀياس 1.2

1. هيٺيون مساوتون گرافي طريقي حل ڪرڻ لاءِ هيٺيون ٽيبلون پوريون ڪريو

$$x + y = 3 \; ; \; x - y = 4$$

$x + y = 3$

| $x$ | 3 | □ | □ |
|---|---|---|---|
| $y$ | □ | 5 | 3 |
| $(x, y)$ | (3, 0) | □ | (0, 3) |

$x - y = 4$

| $x$ | □ | −1 | 0 |
|---|---|---|---|
| $y$ | 0 | □ | −4 |
| $(x, y)$ | □ | □ | (0, −4) |

2. هيٺيون مساوتون گرافي طريقي حل ڪريو

(1) $x + y = 6 \; ; \; x - y = 4$

(2) $x + y = 5 \; ; \; x - y = 3$

(3) $x + y = 0 \; ; \; 2x - y = 9$

(4) $3x - y = 2 \; ; \; 2x - y = 3$

(5) $3x - 4y = -7 \; ; \; 5x - 2y = 0$

(6)★ $2x - 3y = 4 \; ; \; 3y - x = 4$



## اچو چرچا ڪريون

$x + 2y = 4$ ; $3x + 6y = 12$ هم وقتي مساوتون ڏنل آهن، اِنهن کي گرافي طريقي حل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل اَنگن جا جوڙا هينئين چجرن ۾ ڏنل آهن.

$3x + 6y = 12$

| $x$ | $-4$ | $1$ | $8$ |
|---|---|---|---|
| $y$ | $4$ | $1.5$ | $-2$ |
| $(x, y)$ | $(-4, 4)$ | $(1, 1.5)$ | $(8, -2)$ |

$x + 2y = 4$

| $x$ | $-2$ | $0$ | $2$ |
|---|---|---|---|
| $y$ | $3$ | $2$ | $1$ |
| $(x, y)$ | $(-2, 3)$ | $(0, 2)$ | $(2, 1)$ |

اِنهن اَنگن جا جوڙا هيٺ ڏنل گراف ۾ نشان ڪيل آهن. اِنهن کي جاچيو ۽ گراف جي هيٺيان ڏنل سوالن جي باري ۾ چرچا ڪريو.




(1) متين ٻنهي مساوتن جو گراف ساڳيو آهي يا اَلڳ الڳ آهي؟

(2) $x+2y=4$ ۽ $3x+6y=12$ اِنهن هم وقتي مساوتن جا حل ڪهڙا آهن؟ اُهي ڪيترا آهن؟

(3) متين ٻنهي مساوتن ۾ $x$ جي ضربيندڙ y جي ضربيندڙ ۽ اِستر پدن ۾ ڪهڙو لاڳاپو نظر اَچي ٿو؟

(4) ٻن قيراتن ۾ ليکي مساوتون ڏنل آهن ته اُنهن مساوتن جي گراف هڪ ليڪ ڪڏهن ٿيندي آهي اِهو آسان ڪيئن ڳولهيندا اسين؟

هاڻي ٻيو مثال ڏسو

$x+2y=4$ ۽ $2x+4y=12$ اِنهن مساوتن جو گراف مٿين طريقي وانگر هڪ ٻئي گراف پني تي ڪڍو گرافن جي جاچ ڪريو $x+2y=4$ ۽ $2x+4y=12$ اِنهن هم وقتي مساوتن جي حل جي باري ۾ ويچار ڪريو. y ۽ $x$ جي ضربيندڙ ۽ اِستر پدن اِنهن جي وچ ۾ لاڳاپي جو ويچار ڪري نتيجو ڪڍو.

**ICT Tools or Links**

Geogebra software جي مدد سان X-محور، Y- محور ڪڍو. جدا جدا هم وقتي مساوتن جا گراف ڪڍي اُنهن جا حل جاچيو.

**ڄاڻي وٺون**

## مقرر ڪندڙ (Determinant)

$\begin{vmatrix} a & b \\ c & d \end{vmatrix}$ اهو چار عددن جو مقرر ڪندڙ آهي. $(a, b)$, $(c, d)$ اِهي آڏيون قطارون آهن،

ساڳي ءَ طرح $\begin{pmatrix} b \\ d \end{pmatrix}$, $\begin{pmatrix} a \\ c \end{pmatrix}$ اِهي اُڀا عالم آهن. اِنهن ٻن پدن وارا مقرر آهن، چاڪاڻ ته هرهڪ آڏي قطار ۾ 2 پد (عدد) آهن. اِهو مقرر هڪ عدد ليکيو ويندو آهي. اِهو عدد ad-bc آهي.

يعني ته $\begin{vmatrix} a & b \\ c & d \end{vmatrix} = ad-bc$

$ad-bc$ اِهو $\begin{vmatrix} a & b \\ c & d \end{vmatrix}$ مقرر جو ملهه آهي.

مقرر کي نالو ڏيڻ لاءِ عام طور A,B,C,D... آهڙا انگريزي اَلفابيٽس ڪم آندا ويندا آهن.

### حل ڪيل مثال

مثال : هيٺين مقررن جا ملهه لهو

$(1)\ A = \begin{vmatrix} 5 & 3 \\ 7 & 9 \end{vmatrix}$ $(2)\ N = \begin{vmatrix} -8 & -3 \\ 2 & 4 \end{vmatrix}$ $(3)\ B = \begin{vmatrix} 2\sqrt{3} & 9 \\ 2 & 3\sqrt{3} \end{vmatrix}$

حل :

$$(1)\,A = \begin{vmatrix} 5 & 3 \\ 7 & 9 \end{vmatrix} = (5 \times 9) - (3 \times 7) = 45 - 21 = 24$$

$$(2)\,N = \begin{vmatrix} -8 & -3 \\ 2 & 4 \end{vmatrix} = [(-8) \times (4)] - [(-3\ ) \times 2] = -32 - (-6)$$

$$= -32 + 6 = -26$$

$$(3)\,B = \begin{vmatrix} 2\sqrt{3} & 9 \\ 2 & 3\sqrt{3} \end{vmatrix} = [2\sqrt{3} \times 3\sqrt{3}] - [2 \times 9] = 18 - 18 = 0$$


چاڪي ونون

## مقرر وارو طريقو (ڪرئمر جو قاعدو) Determinant method (Crammer`s Method)

ڏنل هم وقتي مساواتون سؤلي طريقي سان ۽ گهٽ ۾ گهٽ جڳهه ڪم آڻي مقرر طريقي سان حل ڪري سگهجن ٿيون. اِن ڪي هم وقتي مساواتن ڪي حل ڪرڻ جو مقرر طريقو چئجي ٿو. اِهو طريقو سِوس (Swiss) ۾ رهندڙ آلجبرا جي ڄاڻ ٻڌو گيبريل ڪرئمر ڳولهي ڪڍيو. اِنڪري هن طريقي کي ڪرئمر جو طريقو چئجي ٿو.

اِها ٻن ڦيرائتن واري ليکي مساوت سهوليت جي خيال کان $a_1x + b_1y = c_1$

آهڙي طريقي لکجي ٿي. $a_2x + b_2y = c_2$

سمجهو تہ، $a_1x + b_1y = c_1 \quad . . . \quad (I)$

۽ $a_2x + b_2y = c_2 \quad . . . \quad (II)$

اهي $a_1,\ b_1,\ c_1$ ۽ $a_2,\ b_2,\ c_2$ ڦيرائتن وارا هم وقتي مساواتون آهن.

اَسان اهي هم وقتي مساواتون حل ڪنداسين.

مساوت (I) کي $b_2$ سان ضرب ڪريو

$$a_1 b_2 x + b_1 b_2 y = c_1 b_2 \quad . . . \quad (III)$$

مساوت (II) کي $b_1$ سان ضرب ڪريو

$$a_2 b_1 x + b_2 b_1 y = c_2 b_1 \quad . . . \quad (IV)$$

مساوت (III) مساوت (IV) ڪٽ ڪريو :

$$\begin{array}{r} a_1 b_2 x + b_1 b_2 y = c_1 b_2 \\ -\ a_2 b_1 x \pm b_2 b_1 y = -c_2 b_1 \\ \hline (a_1 b_2 - a_2 b_1)\ x = c_1 b_2 - c_2 b_1 \end{array}$$

$$x = \frac{c_1 b_2 - c_2 b_1}{a_1 b_2 - a_2 b_1} \quad . . . \quad (V)$$

ساڳيءَ طرح ،

$$y = \frac{a_1 c_2 - a_2 c_1}{a_1 b_2 - a_2 b_1} \quad . . . \quad (VI)$$

متين حل ۾ $c_1 b_2 - c_2 b_1,\ a_1 b_2 - a_2 b_1,\ a_1 c_2 - a_2 c_1$ اهي ملهه ياد رکڻ لاءِ ٿوري جڳهه ۾ لکڻ لاءِ مقرر طريقي ۾ لکو.

هينين مساوتن جا ضربيندڙ (ڳڻڪ) ءِ اِستر پد ڏسو

$$a_1 x + b_1 y = c_1$$
$$a_2 x + b_2 y = c_2$$ ءِ

هاڻي $\begin{pmatrix} c_1 \\ c_2 \end{pmatrix}, \begin{pmatrix} b_1 \\ b_2 \end{pmatrix}, \begin{pmatrix} a_1 \\ a_2 \end{pmatrix}$ اِهي ٽي ڪالم ملندا.

مساوت (V) ءِ مساوت(VI) ۾ x ءِ y جا ملهه مقرر طريقي جي مدد سان لکو.

$$x = \frac{c_1 b_2 - c_2 b_1}{a_1 b_2 - a_2 b_1} = \frac{\begin{vmatrix} c_1 & b_1 \\ c_2 & b_2 \end{vmatrix}}{\begin{vmatrix} a_1 & b_1 \\ a_2 & b_2 \end{vmatrix}}$$

ءِ $$y = \frac{a_1 c_2 - a_2 c_1}{a_1 b_2 - a_2 b_1} = \frac{\begin{vmatrix} a_1 & c_1 \\ a_2 & c_2 \end{vmatrix}}{\begin{vmatrix} a_1 & b_1 \\ a_2 & b_2 \end{vmatrix}}, \qquad (a_1 b_2 - a_2 b_1) \neq 0$$

اِهي ياد رکڻ لاءِ $\begin{vmatrix} a_1 & c_1 \\ a_2 & c_2 \end{vmatrix} = D_y,\ \begin{vmatrix} c_1 & b_1 \\ c_2 & b_2 \end{vmatrix} = D_x,\ \begin{vmatrix} a_1 & b_1 \\ a_2 & b_2 \end{vmatrix} = D$

سان ڏيکاريو $x = \frac{D_x}{D}$ ءِ $y = \frac{D_y}{D}$ يعني تہ ٿوري ۾

$D, D_x, D_y$ اهي مقرر لکڻ لاءِ $\begin{pmatrix} c_1 \\ c_2 \end{pmatrix}, \begin{pmatrix} b_1 \\ b_2 \end{pmatrix}, \begin{pmatrix} a_1 \\ a_2 \end{pmatrix}$

اِنهن ڪالمن کي سلسليوار لکڻ جو طريقو ڏيان ۾رکو.

$$a_1x + b_1y = c_1$$
$$a_2x + b_2y = c_2$$

اِنهن مساوتن مان $\begin{pmatrix} c_1 \\ c_2 \end{pmatrix}, \begin{pmatrix} b_1 \\ b_2 \end{pmatrix}, \begin{pmatrix} a_1 \\ a_2 \end{pmatrix}$ اِهي ٽي ڪالم ملندا آهن.

- D ۾ $\begin{pmatrix} c_1 \\ c_2 \end{pmatrix}$ اِهو ڪالم ڇڏيو ويو آهي
- $D_x$ لاءِ D ۾ $\begin{pmatrix} a_1 \\ a_2 \end{pmatrix}$ x جي ضربيندڙن جو ڪالم ڇڏي اُن جي بدران اِستر پدن جو ڪالم ڪنيو ويو آهي.
- $D_y$ لاءِ D ۾ $\begin{pmatrix} b_1 \\ b_2 \end{pmatrix}$ y جي ضربيندڙن جو ڪالم ڇڏي اُن جي بدران اِستر پدن جو ڪالم ڪنيو ويو آهي.



**ياد رکو**

ڪرئمر جو طريقو ڪم آڻي هم وقتي مساوتن کي حل ڪرڻ جو طريقو

ڏنل مساوت $ax + by = c$ جي روپ ۾ لکو

↓

$D$، $D_x$ ۽ $D_y$ انهن مقررن جا ملهه لهو.

↓

$x = \frac{D_x}{D}$ ۽ $y = \frac{D_y}{D}$

جي مطابق $x$ ۽ $y$ جا ملهه لهو.



**گيبريل ڪرئمر** (Gabriel Cramer)

(31 جولاءِ 1704 - 4 جنوري 1752)

هن سِوز آلجبرا جي ڇاڱن جو جنم جنيوا ۾ ٿيو. حسابن جي وشيه ۾ هو ننڍپڻ کان هوشيار هو ارڙهن سالن عمر ۾ هن کي ڊاڪٽريٽ جي پدوي ملي. هو جنيوا ۾ پروفيسر هو.

## حل ڪيل مثال

مثال : ڪرئمر جي طريقي سان هيٺيون هم وقتي مساوتون حل ڪريو :

$$5x + 3y = -11 \;;\; 2x + 4y = -10$$

حل : ڏنل مساوتون

$$5x + 3y = -11$$
$$2x + 4y = -10$$

$$D = \begin{vmatrix} 5 & 3 \\ 2 & 4 \end{vmatrix} = (5 \times 4) - (2 \times 3) = 20 - 6 = 14$$

$$D_x = \begin{vmatrix} -11 & 3 \\ -10 & 4 \end{vmatrix} = (-11) \times 4 - (-10) \times 3 = -44 - (-30)$$
$$= -44 + 30 = -14$$

$$D_y = \begin{vmatrix} 5 & -11 \\ 2 & -10 \end{vmatrix} = 5 \times (-10) - 2 \times (-11) = -50 - (-22)$$
$$= -50 + 22 = -28$$

$$x = \frac{D_x}{D} = \frac{-14}{14} = -1 \qquad\qquad y = \frac{D_y}{D} = \frac{-28}{14} = -2$$

$\therefore \; (x, y) = (-1, -2)$ اهو ڏنل هم وقتي مساوتن جو حل آهي.

**مشغولي 1 :** ڏنل هم وقتي مساوتن کي مقرر طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل چوڪنڊا پورا ڪريو

$$y + 2x - 19 = 0 \;;\; 2x - 3y + 3 = 0$$

حل : ڏنل مساوتون $ax + by = c$ هن طريقي سان لکون

$$2x + y = 19$$
$$2x - 3y = -3$$

$$D = \begin{vmatrix} \square & \square \\ 2 & -3 \end{vmatrix} = \square \times (-3) - 2 \times (\square) = \square - (\square)$$
$$= \square - \square = \square$$

$$D_x = \begin{vmatrix} 19 & \square \\ \square & -3 \end{vmatrix} = 19 \times (\square) - (\square) \times (\square) = \square - \square$$
$$= \square$$

$$D_y = \begin{vmatrix} \square & 19 \\ 2 & \square \end{vmatrix} = [(\square) \times (\square)] - [(\square) \times (\square)]$$

$$= \square - \square = \square$$

$$x = \frac{D_x}{D}$$

$$\therefore\ x = \frac{\square}{\square} = \square$$

$$y = \frac{D_y}{D}$$

$$y = \frac{\square}{\square} = \square$$

$\therefore (x, y) = (\square, \square)$ اِهو ڏنل هم وقتي مساوتن جو حل آهي.

**مشغولي 2** : هيٺين مشغولي پوري ڪريو :-

$3x-2y=3$ ، $2x+y=16$

متين مساوتن جو مقررن جو ملهه

$D = \begin{vmatrix} & \\ & \end{vmatrix} = \square$ ، $D_x = \begin{vmatrix} & \\ & \end{vmatrix} = \square$ ، $D_y = \begin{vmatrix} & \\ & \end{vmatrix} = \square$

ڪرئمر جي طريقي سان حل اَچي ٿو.

$$x = \frac{\square}{\square} = \square \qquad y = \frac{\square}{\square} = \square$$

$\therefore (x, y) = (\square, \square)$ حل آهي.

**ذرا سوچيو**

- جيڪڏهن $D = 0$ آهي ته حل ڪهڙو ٿيندو؟
- گڏيل حل ممڪن نه هجي ته اُن مساوت جي ليڪ ڪهڙي روپ ۾ هوندي؟

## آڀياس 1.3

.1
$$\begin{vmatrix} 3 & 2 \\ 4 & 5 \end{vmatrix} = 3 \times \square - \square \times 4$$
$$= \square - 8$$
$$= \square$$

.2 هيٺين مقررن جا ملهه لهو

(1) $\begin{vmatrix} -1 & 7 \\ 2 & 4 \end{vmatrix}$ (2) $\begin{vmatrix} 5 & 3 \\ -7 & 0 \end{vmatrix}$ (3) $\begin{vmatrix} \frac{7}{3} & \frac{5}{3} \\ \frac{3}{2} & \frac{1}{2} \end{vmatrix}$

.3 هيٺيون هم وقتي مساوتون ڪرئمر جي طريقي سان حل ڪريو:

(1) $3x - 4y = 10 \;;\; 4x + 3y = 5$ (2) $4x + 3y - 4 = 0 \;;\; 6x = 8 - 5y$

(3) $x + 2y = -1 \;;\; 2x - 3y = 12$ (4) $6x - 4y = -12 \;;\; 8x - 3y = -2$

(5) $4m + 6n = 54 \;;\; 3m + 2n = 28$ (6) $2x + 3y = 2 \;;\; x - \frac{y}{2} = \frac{1}{2}$

## ٻن ڦيرائتن وارين ليڪي مساوتن ۾ بدلائڻ جوڳيون مساوتون
## (Equations reducible to a pair of linear equations in two variables)

**مشغولي** : هيٺيون چجرو پورو ڪريو :

| مساوتون | ڦيرائتن جو انداز | ليڪي آهي يا نه |
|---|---|---|
| $\frac{3}{x} - \frac{4}{y} = 8$ | 2 | نه |
| $\frac{6}{x-1} + \frac{3}{y-2} = 0$ | $\square$ | $\square$ |
| $\frac{7}{2x+1} + \frac{13}{y+2} = 0$ | $\square$ | $\square$ |
| $\frac{14}{x+y} + \frac{3}{x-y} = 5$ | $\square$ | $\square$ |

### ذرا سوچيو

متين چجري ۾ ٻن ڦيرائتن واريون ڪيتريون ئي مساوتون ڏنيون ويون آهن. اُهي ليڪي نہ آهن پر اُنهن کي ليڪي مساوتن ۾ بدلائي سگهجي ٿو ڇا؟

### ياد رکو

ڏنل ڦيرائتن ۾ ٺهڪندڙ ملهہ رکي اَهڙين مساوتن کي ليڪي مساوتن ۾ بدلائي سگهجي ٿو. اِهي ملهہ واپرائي مساوت کي ليڪي مساوت ۾ لکو. ڪھڙو بہ $\frac{m}{n}$ اڻپور جو ڇيد 0 ٿي سگهي ٿو. اِهو نہ وساريو.

## حل ڪيل مثال

مثال (1) حل ڪريو : $\frac{4}{x} + \frac{5}{y} = 7; \frac{3}{x} + \frac{4}{y} = 5$

حل : $\frac{4}{x} + \frac{5}{y} = 7; \frac{3}{x} + \frac{4}{y} = 5$

$$4\left(\frac{1}{x}\right) + 5\left(\frac{1}{y}\right) = 7 \quad . . . \quad (I)$$

$$3\left(\frac{1}{x}\right) + 4\left(\frac{1}{y}\right) = 5 \quad . . . \quad (II)$$

مساوت (I) ۽ (II) ۾ $\left(\frac{1}{x}\right) = m$ ۽ $\left(\frac{1}{y}\right) = n$ ملهہ رکڻ سان هيٺيون مساوتون ملنديون

$$4m + 5n = 7 \quad . . . \quad (III)$$

$$3m + 4n = 5 \quad . . . \quad (IV)$$

اِهي مساوتون حل ڪرڻ سان

$m = 3, n = -1$ اهي حل ملن ٿا.

هاڻي ، $m = \frac{1}{x}$ $\quad \therefore x = \frac{1}{3} \quad \therefore 3 = \frac{1}{x}$

ساڳيءَ طرح ، $n = \frac{1}{y}$ $\quad \therefore y = -1 \quad \therefore -1 = \frac{1}{y}$

$\therefore (x, y) = (\frac{1}{3}, -1)$ اِهي ڏنل مساوتن جا حل آهن.

مثال (2) حل ڪريو : $\frac{4}{x-y} + \frac{1}{x+y} = 3 \ ; \ \frac{2}{x-y} - \frac{3}{x+y} = 5$

حل : $\frac{4}{x-y} + \frac{1}{x+y} = 3 \ ; \ \frac{2}{x-y} - \frac{3}{x+y} = 5$

$$4\left(\frac{1}{x-y}\right) + 1\left(\frac{1}{x+y}\right) = 3 \ . \ . \ . \quad (I)$$

$$2\left(\frac{1}{x-y}\right) - 3\left(\frac{1}{x+y}\right) = 5 \ . \ . \ . \quad (II)$$

مساوات (I) ۽ (II) ۾ $a = \left(\frac{1}{x-y}\right)$ ۽ $b = \left(\frac{1}{x+y}\right)$ ملهه رکڻ سان هيٺيون مساواتون ملنديون

$$4a + b = 3 \ . \ . \ . \quad (III)$$

$$2a - 3b = 5 \ . \ . \ . \quad (IV)$$

مساواتون (III) ۽ (IV) حل ڪرڻ سان $a = 1$ ۽ $b = -1$ اِهي حل ملن ٿا.

پر $b = \left(\frac{1}{x+y}\right)$ ۽ $a = \left(\frac{1}{x-y}\right)$

$$\left(\frac{1}{x+y}\right) = -1 \ ۽ \ \left(\frac{1}{x-y}\right) = 1$$

$$x - y = 1 \ . \ . \ . \quad (V)$$

$$x + y = -1 \ . \ . \ . \quad (VI)$$

مساواتون (V) ۽ (VI) حل ڪرڻ سان $x = 0$ ۽ $y = -1$ اِهي حل ملن ٿا.

$\therefore$ $(x, y) = (0, -1)$ اهي ڏنل مساواتن جا حل آهن.

**ياد رکو**

متين مثالن ۾ بدلاءِ ڪري آندل هم وقتي مساواتن کي ڦيرائتو رد ڪرڻ واري طريقي حل ڪيل آهن. اِهي مساواتون ڪرئمر طريقي يا گرافي طريقي حل ڪري اُنهن جو حل ملندو ڇا؟ ڪري ڏسو.

مشغولي : چؤڪنڊي ٻڌنل مساوتن جو حل حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين مشغولي ڪريو.

$$\frac{5}{x-1} + \frac{1}{y-2} = 2 \;;\; \frac{6}{x-1} - \frac{3}{y-2} = 1$$

ملهه ڪٽي $\left(\frac{1}{x-1}\right) = m$ ۽ $\left(\frac{1}{y-2}\right) = n$

نيون مساوتون

مساوتون حل ڪري

$6m - 3n = 1$ | $\square$

$m = \square$ ۽ $n = \square$

m ۽ n جو ملهه رکڻ سان ملندڙ مساوتون

$\left(\frac{1}{x-1}\right) = \frac{1}{3}$ | $\square$

مساوتون حل ڪرڻ سان

$x = \square$ ۽ $y = \square$

$\therefore$ $(x,\ y) = (\ \ ,\ \ \ )$ مساوتون حل ڪرڻ سان

## اڀياس 1.4

1. هيٺيون هم وقتي مساوتون حل ڪريو :

(1) $\frac{2}{x} - \frac{3}{y} = 15 \;;\; \frac{8}{x} + \frac{5}{y} = 7$

(2) $\frac{10}{x+y} + \frac{2}{x-y} = 4 \;;\; \frac{15}{x+y} - \frac{5}{x-y} = -2$

(3) $\frac{27}{x-2} + \frac{31}{y+3} = 85 \;;\; \frac{31}{x-2} + \frac{27}{y+3} = 89$

(4) $\frac{1}{3x+y} + \frac{1}{3x-y} = \frac{3}{4} \;;\; \frac{1}{2(3x+y)} - \frac{1}{2(3x-y)} = -\frac{1}{8}$



**ذرا ياد رکو**

## هم وقتي مساواتون جا اُپيوگ Application of simultaneous equations

**مشغولي :** هيٺ ڇؤکنڊي جي هيٺيان ڪجهه هدايتون ڏنل آهن. اُنهن مان ملندڙ مساواتون ڇؤکنڊن ۾ لکو.

سارڌڪ جي عمر ساڪشيءَ جي عمر جي ٻيڻ کان ٨ سال گهٽ آهي

مان سارڌڪ

منهنجي هاڻوڪي عمر $x$ سال آهي

مان ساڪشي

منهنجي هاڻوڪي عمر y سال آهي.

سارڌڪ ۽ ساڪشيءَ جي هاڻوڪي عمر جو جوڙ 25 سال آهي.

4 سال اڳ ساڪشيءَ جي عمر سارڌڪ جي عمر کان 3 سال گهٽ هئي.

مثال (1) هڪ مستطيل جي گرد ماپ 40 س م آهي. مستطيل جي ڊيگهه، مستطيل جي ويڪر جي ٻيڻ کان 2 س م وڌيڪ آهي. مستطيل جي ڊيگهه ۽ ويڪر لهو.

حل سمجهو ته مستطيل جي ڊيگهه $x$ س م ۽ ويڪر y س م آهي.

پهرين شرط موجب –

$$2(x + y) = 40$$

$$x + y = 20 \quad . . . \quad (I)$$

ٻئين شرط موجب –

$$x = 2y + 2$$

$$\therefore \quad x - 2y = 2 \quad . . . \quad (II)$$

مساواتون (I) ۽ (II) کي مقرر طريقي سان حل ڪريو

$$x + y = 20$$

$$x - 2y = 2$$

$$D = \begin{vmatrix} 1 & 1 \\ 1 & -2 \end{vmatrix} = [1 \times (-2)] - (1 \times 1) = -2 - 1 = -3$$

$$D_x = \begin{vmatrix} 20 & 1 \\ 2 & -2 \end{vmatrix} = [20 \times (-2)] - (1 \times 2) = -40 - 2 = -42$$

$$D_y = \begin{vmatrix} 1 & 20 \\ 1 & 2 \end{vmatrix} = (1 \times 2) - (20 \times 1) = 2 - 20 = -18$$

$$x = \frac{D_x}{D} \text{ ۽ } y = \frac{D_y}{D}$$

$$\therefore \quad x = \frac{-42}{-3} \text{ ۽ } y = \frac{-18}{-3}$$

$$\therefore \quad x = 14 \text{ ۽ } y = 6$$

∴ مستطيل جي ڊيگهه 14 س م ۽ ويڪر 6 س م آهي.

**مثال (2)**

**سيل! سيل!! سيل!!! فقط ٻه ڏينهن**



مون وٽ ڪجهه ڪانٽن وارين ۽ ڪجهه ڊجيٽل واچون آهن. اُهي مان سستي اَگهه تي وڪڻ وارو آهيان.

پهرين ڏينهن جو وڪرو

ڪانٽن وارين واچون = 11

ڊجيٽل واچون = 6

مونکي مليا 4330 رپيا.

ٻين ڏينهن جو وڪرو

ڪانٽن وارين واچون = 22

ڊجيٽل واچون = 5

مونکي مليا 7330 رپيا.

ته مون دواران وڪٽيل هرهڪ واچ جي قيمت ڪيتري؟

حل : سمجھو تہ کاتن واري ھڪ واچ جي قيمت آھي $x$ رپيا ۽ ھڪ ڊجيٽل واچ جي قيمت آھي $y$ رپيا

پھرين شرط مطابق ،

$$11x + 6y = 4330 \quad . \; . \; . \quad (I)$$

ٻين شرط مطابق ،

$$22x + 5y = 7330 \quad . \; . \; . \quad (II)$$

مساوت 1 کي 2 سان ضرب ڪرڻ سان

$$22x + 12y = 8660 \quad . \; . \; . \quad (III)$$

مساوت (II) مان (III) مساوت ڪٽ ڪرڻ سان

$$\begin{array}{r} 22x + 5y = 7330 \\ -22x \underline{+} 12y = \underline{\ }8660 \\ \hline -7y = -1330 \end{array}$$

$$\therefore \quad y = 190$$

y=190 اِھو ملھہ مساوت (I) ۾ رکڻ سان

$$11x + 6y = 4330$$

$$\therefore \quad 11x + 6(190) = 4330$$

$$\therefore \quad 11x + 1140 = 4330$$

$$\therefore \quad 11x = 3190$$

$$\therefore \quad x = 290$$

$\therefore$ کاتن واري ھڪ واچ جي قيمت 290 رپيا

۽ ھڪ ڊجيٽل واچ جي قيمت 190 رپيا آھي.

مثال (3)



هڪ ٻيڙي 6 ڪلاڪن ۾ مٿاهين وهڪري ۾ 16 ڪ م ۽ هيٺياهين وهڪري ۾ 24 ڪ م مفاصلو طيءِ ڪري ٿي.

اها ئي ٻيڙي 13 ڪلاڪن ۾ مٿاهين وهڪري ۾ 36 ڪ م ۽ هيٺائين وهڪري ۾ 48 ڪ م مفاصلو طيءِ ڪري ٿي.

ٻڌايو! بيٺل پاڻيءَ ۽ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ٻيڙيءَ جي رفتار ڪيتري آهي؟

حل : سمجهو تہ ٻيڙيءَ جي بيٺل پاڻيءَ ۾ رفتار $x$ ڪ م / ڪلاڪ ۽ وهڪري جي رفتار $y$ ڪ م / ڪلاڪ

ٻيڙيءَ جي هيٺياهين وهڪري ۾ رفتار $(x+y)$ ڪ م / ڪلاڪ آهي.

ٻيڙيءَ جي مٿاهين وهڪري ۾ رفتار $(x-y)$ ڪ م / ڪلاڪ آهي.

رفتار = وقت ∴ وقت $x$ رفتار = مفاصلو

ٻيڙيءَ کي مٿاهين وهڪري ۾ 16 ڪ م مفاصلو پورو ڪرڻ ۾ لڳندڙ وقت $\frac{16}{x-y}$ ڪلاڪ

ٻيڙيءَ کي هيٺياهين وهڪري ۾ 24 ڪ م مفاصلو پورو ڪرڻ ۾ لڳندڙ وقت $\frac{24}{x+y}$ ڪلاڪ

پهرين شرط مطابق

$$\frac{16}{x-y} + \frac{24}{x+y} = 6 \quad . . . \quad (I)$$

ٻين شرط مطابق

$$\frac{36}{x-y} + \frac{48}{x+y} = 13 \quad . . . \quad (II)$$

مساوت (I) ۽ (II) ۾ $\frac{1}{x-y} = m$ ۽ $\frac{1}{x+y} = n$ ملهہ رکڻ سان هيٺيون مساوتون ملن ٿيون

$$16m + 24n = 6 \quad . . . \quad (III)$$

$$36m + 48n = 13 \quad . . . \quad (IV)$$

مساوت (III) ۽ (IV) کي حل ڪرڻ سان $m = \frac{1}{4}, \; n = \frac{1}{12}$ ملهه ملي ٿو.

$m$ ۽ $n$ جا ملهه واپس رکڻ سان هيٺيون مساوتون ملن ٿيون.

$$x - y = 4 \; . \; . \; . \quad (V)$$

$$x + y = 12 \; . \; . \; . \quad (VI)$$

مساوتون (V) ۽ (VI) حل ڪرڻ سان $x = 8, \; y = 4$ ملهه ملن ٿيون.

∴ بيڙيءَ جي بيٺل پاڻيءَ ۾ رفتار 8 ڪ م / ڪلاڪ ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جي رفتار 4 ڪ م / ڪلاڪ آهي.

مثال 4 : ڪا رقم ڪجهه ٻارن ۾ هڪجيتري ورهائي ويئي جيڪڏهن 10 ٻار وڌيڪ آهن ته هرهڪ ٻار کي 2 رپيا گهٽ ملن ٿا ۽ جيڪڏهن 15 ٻار گهٽ آهن ته هرهڪ ٻار کي 6 رپيا وڌيڪ ملن ٿا، ته ٻڌايو ته ڪل رقم ڪيتري آهي؟ اِها رقم ڪيتري ٻارن ۾ ورهائي ويئي؟

حل : سمجهو ته ٻارن جو اَندازو $x$ آهي ۽ هرهڪ ٻار کي ملندڙ رقم $y$ آهي

∴ ڪل ورهايل رقم $xy$ رپيا آهي.

پهرين شرط مطابق ،

$$(x + 10)\,(y - 2) = xy$$

$$\therefore \; xy - 2x + 10y - 20 = xy$$

$$\therefore \; -2x + 10y = 20$$

$$\therefore \; -x + 5y = 10 \; . \; . \; . \quad (I)$$

ٻين شرط مطابق ،

$$(x - 15)\,(y + 6) = xy$$

$$\therefore \; xy + 6x - 15y - 90 = xy$$

$$\therefore \; 6x - 15y = 90$$

$$\therefore \; 2x - 5y = 30 \; . \; . \; . \quad (II)$$

مساوتون (I) ۽ (II) جوڙ ڪرڻ سان

$$\begin{array}{rr} & -x + 5y = 10 \\ + & 2x - 5y = 30 \\ \hline & x = 40 \end{array}$$

$x$=40 اِهو ملهه مساوت (I) ۾ رکڻ سان

$$-x + 5y = 10$$

$$\therefore \; -40 + 5y = 10$$

$$\therefore \; 5y = 50$$

$\therefore \quad y = 10$

رپيا $400 = 10 \times 40 = xy$ = ڪل رقم

∴ 40 ٻارن ۾ 400 رپيا هڪجيترا ورهايا ويا

مثال (5) هڪ ٽن اَنگن وارا عدد اَنگن جي جوڙ جي سترهوڻ (17) آهي اِن عدد ۾ 198 جوڙڻ سان اِنهن جي جوڙ اُپت، اَصلي عدد تي اَنگن جي ادل بدل ڪرڻ سان ملندڙ عدد آهي. ساڳيءَ طرح ايڪن واري اَنگ ۽ سوَن واري اَنگ جي جوڙ اُپت وچين اَنگ کان 1 گھٽ آهي. اِهو ٽن اَنگن وارو ان عدد لهو.

حل : سمجھو ته سون وارو اَنگ $x$ آهي ۽ ايڪن وارو اَنگ $y$ آهي.

ڏهاڪن وارو اَنگ (وچون اَنگ) باقي ٻن اَنگن جي جوڙ اُپت کان 1 وڌيڪ آهي.

| ايڪا | ڏاڪا | سؤ |
|---|---|---|
| $y$ | $x + y + 1$ | $x$ |

∴ ٽن اَنگن وارو عدد = $100x + 10(x + y + 1) + y$

$= 100x + 10x + 10y + 10 + y = 110x + 11y + 10$

انهن اَنگن جي جوڙ اُپت = $x + (x + y + 1) + y = 2x + 2y + 1$

∴ پهرين شرط مطابق ،

ٽن اَنگن وارو عدد = 17 × (اَنگن جي جوڙ اُپت)

$\therefore \quad 110x + 11y + 10 = 17 \times (2x + 2y + 1)$

$\therefore \quad 110x + 11y + 10 = 34x + 34y + 17$

$\therefore \quad 76x - 23y = 7 \; . \; . \; . \quad (I)$

ڏنل عدد ۾ اَنگن جي اَدل بدل ڪرڻ سان ملندڙ عدد

$= 100y + 10(x + y + 1) + x = 110y + 11x + 10$

ڏنل عدد = $110x + 11y + 10$

ڏنل ٻين شرط مطابق ، اَنگن جي اَدل بدل ڪرڻ سان ملندڙ عدد = 198+ ڏنل عدد

$\therefore \quad 110x + 11y + 10 + 198 = 110y + 11x + 10$

$\therefore \quad 99x - 99y = -198$

$\therefore \quad x - y = -2$

يعني $x = y - 2 \; . \; . \; . \quad (II)$

مساوات (II) ۾ مليل $x$ جو ملهه مساوات (I) ۾ رکڻ سان ،

$\therefore \quad 76(y - 2) - 23y = 7$

$\therefore \quad 76y - 152 - 23y = 7$

$53\,y = 159$

$\therefore \quad y = 3 \qquad \therefore$ ايڪن وارو اَنگ $= 3$

$3 \;=\; y$ ملهه مساوات (II) ۾ رکي

$x \;=\; y - 2$

$\therefore \quad x = 3 - 2 \;=\; 1$

$\therefore$ سوَن وارو اَنگ $= 1 \qquad \therefore\; x = 1$

وچون اَنگ = ڏهاڪن وارو اَنگ $= x + y + 1 = 1 + 3 + 1 = 5$

$\therefore$ ڏنل ٽن اَنگن وارو عدد $= 153$.

## اَڀياس 1.5

1. ٻن طددن ۾ تفاوت 3 آهي وڏي عدد جي ٽيڻ ۽ ننڍي عدد جي ٻيڻ جي جوڙ اُپٽ 19 آهي تہ اُهي عدد لکو.

2. مشغولي پوري ڪريو




3. پيءُ جي عمر ۽ پٽ جي ٻيڻ جوڙڻ سان جوڙ اُپٽ 70 ٿئي ٿي ۽ پٽ جي عمر ۾ پيءُ جي عمر جي ٻيڻ جوڙڻ سان جوڙ اُپٽ 95 ٿئي ٿي تہ ٻنهي جي عمر لکو.

4. هڪ اَڪيور جو ڇيد، اَنس جي ٻيڻ کان 4 وڌيڪ آهي. جيڪڏهن اَنس ۽ ڇيد ٻنهي مان 6 گهٽائجن تہ ڇيد، اَنس جي ٻارهوڻ جي برابر آهي. تہ اَڪيور لکو.

5. 10 ٽن کٽي سگهندڙ مال کڻندڙ ٽرڪ ۾ A ۽ B اَهڙيون ٻن قسمن جون پيٽيون پريون ويون آهن جيڪڏهن A قسم جون150 پيٽيون ۽ B قسم جون 100 پيٽيون پريون وڃن تيون تہ ٽرڪ جي 10 ٽن کٽي سگهڻ جي جڳهہ پوري پرجي وڃي ٿي. جيڪڏهن A قسم جون 260 پيٽيون پرجن تيون تہ ٽرڪ جي 10 ٽنن جي جڳهہ پرڻ لاءِ B قسم جون 40 پيٽيون لڳنديون تہ هرهڪ قسم جي پيٽي ۽ جو وزن ڪيترو آهي؟

6.★ وشال 1900 ڪ م جي ياترا جو ڪجهہ مفاصلو بس رستي ۽ باقي مفاصلو جهاز رستي پورو ڪيو. بس جي سراسري رفتار 60 ڪ م في ڪلاڪ آهي ۽ جهاز جي سراسري رفتار 700 ڪ م في ڪلاڪ آهي جيڪڏهن هيءَ ياترا هن 5 ڪلاڪن ۾ پوري ڪئي آهي تہ وشال بس رستي ڪيترو مفاصلو ياترا ڪئي؟

## گڏيل اَڀياس 1

.1 هيٺين سوالن جا صحيح جواب چونڊيو

(1) $4x + 5y = 19$ جو گراف ڪڍڻ لاءِ x=1 ملهه ڪڍڻ وقت y جو ملهه ڪيترو ٿيندو؟

(A) 4 (B) 3 (C) 2 (D) -3

(2) x ۽ y ڦيرائتن وارن هم وقتي مساوتن ۾ جيڪڏهن $D_x = 49$، $D_y = -63$ ۽ $D = 7$ آهي x = ڪيترو ؟

(A) 7 (B) -7 (C) $\frac{1}{7}$ (D) $\frac{-1}{7}$

(3) $\begin{vmatrix} 5 & 3 \\ -7 & -4 \end{vmatrix}$ ڏنل مقرر جو ملهه ڪيترو آهي؟

(A) −1 (B) −41 (C) 41 (D) 1

(4) $3x-2y-4=0, x+y=3$ اِهي هم وقتي مساوتون حل ڪرڻ وقت D جو ملهه ڪيترو آهي؟

(A) 5 (B) 1 (C) -5 (D) -1

(5) $ax + by = c$ ; ۽ $mx + ny = d$ انهن ٻنهي هم وقتي مساوتن ۾ جيڪڏهن $an \neq bm$ آهي تہ ڏنل مساوتن جو

(A) فقط هڪ حل آهي (B) ڪوبہ حل نہ آهي

(C) ٻيڪڙ حل آهن (D) فقط ٻہ حل آهن.

.2 $2x - 6y = 3$ مساوت جو گراف ڪڍڻ لاءِ هيٺ ڏنل چجرو پورو ڪريو

| $x$ | $-5$ | ☐ |
|---|---|---|
| $y$ | ☐ | 0 |
| $(x, y)$ | ☐ | ☐ |

.3 هيٺ ڏنل هم وقتي مساوتون گرافي طريقي حل ڪريو :

(1) $2x + 3y = 12$ ; $x - y = 1$

(2) $x - 3y = 1$ ; $3x - 2y + 4 = 0$

(3) $5x - 6y + 30 = 0$ ; $5x + 4y - 20 = 0$

(4) $3x - y - 2 = 0$ ; $2x + y = 8$

(5) $3x + y = 10$ ; $x - y = 2$

.4 هيٺين مقررن جو ملهه لهو

(1) $\begin{vmatrix} 4 & 3 \\ 2 & 7 \end{vmatrix}$ (2) $\begin{vmatrix} 5 & -2 \\ -3 & 1 \end{vmatrix}$ (3) $\begin{vmatrix} 3 & -1 \\ 1 & 4 \end{vmatrix}$

.5 هينيون هم وقتي مساوتون ڪرئمر طريقي حل ڪريو :

(1) $6x - 3y = -10 \;;\; 3x + 5y - 8 = 0$

(2) $4m - 2n = -4 \;;\; 4m + 3n = 16$

(3) $3x - 2y = \frac{5}{2} \;;\; \frac{1}{3}x + 3y = -\frac{4}{3}$

(4) $7x + 3y = 15 \;;\; 12y - 5x = 39$

(5) $\frac{x+y-8}{2} = \frac{x+2y-14}{3} = \frac{3x-y}{4}$

.6 هينيون هم وقتي مساوتون حل ڪريو :

(1) $\frac{2}{x}+\frac{2}{3y}=\frac{1}{6} \;;\; \frac{3}{x}+\frac{2}{y}=0$  (2) $\frac{7}{2x+1}+\frac{13}{y+2}=27 \;;\; \frac{13}{2x+1}+\frac{7}{y+2}=33$

(3) $\frac{148}{x}+\frac{231}{y}=\frac{527}{xy} \;;\; \frac{231}{x}+\frac{148}{y}=\frac{610}{xy}$  (4) $\frac{7x-2y}{xy}=5 \;;\; \frac{8x+7y}{xy}=15$

(5) $\frac{1}{2(3x+4y)}+\frac{1}{5(2x-3y)}=\frac{1}{4} \;;\; \frac{5}{(3x+4y)}-\frac{2}{(2x-3y)}=-\frac{3}{2}$

.7 هينيان لفظي مثال حل ڪريو :

(1) هڪ ٻن اَنگن واري عدد ۽ اُنهن اَنگن جي اَدل بدل ڪري ملندڙ عدد جي جوڙ اُپٽ 143 آهي. جيڪڏهن ڏنل عدد ۾ ڏهاڪن واري جاءِ جو ملهہ، ايڪن واري جاءِ جي ملهہ کان 3 وڌيڪ آهي تہ ڏنل اَصلي عدد ڪهڙو آهي؟

سمجهو تہ ايڪن واري جاءِ وارو اَنگہ $= x$

ڏهاڪن واري جاءِ وارو اَنگہ $= y$

$\therefore$ اَصلي عدد $= \Box\, x + y$

اَنگن جي اَدل بدل ڪرڻ سان ملندڙ عدد $= \Box\, y + x$

پهرين شرط مطابق

اَنگن جي اَدل بدل ڪرڻ سان ملندڙ عدد ڏنل عدد

$\boxed{10y+x} + \Box = 143$

$\Box\, x + \Box\, y = 143$

$x + y = \Box \quad \ldots\ldots (\mathrm{I})$

ٻين شرط مطابق،

3 + ايڪن وارو اَنگہ = ڏهاڪن وارو اَنگہ

$y = \Box + 3$

$-x + y = 3 \quad \ldots\ldots (\mathrm{II})$

(I) ۽ (II) مساواتن جو جوڙ ڪرڻ سان

$2x = \square$ $\quad\quad \therefore \; x = 8$

$x = 8$ جو ملهه مساوات (I) ۾ رکڻ سان

$x + y = 13$

$8 + \square = 13$

$\therefore \; y = \square$

$= 10y + x$

$= \square + 8 = 58$

(2) ڪانتاٻائيءَ هڪ دڪان تان ڏيڍ ڪلو چانهہ ۽ 5 ڪلو کنڊ ورتي. دڪان تي وڃڻ لاءِ هن 50 ر رڪشا جو ڀاڙو ڀريو. اِن لاءِ هن جو ڪل خرچ 700 رپيا ٿيو. پوءِ هن کي خبر پيئي تہ اِهي شيون آن لائين آرڊر ڪرڻ سان گهر پهچائي ملي سگهن ٿيون. ٻئي مهني هن 2 ڪلو چانهہ ۽ 7 ڪلو کنڊ آن لائين گرائي ، اِن لاءِ هن جو 880 رپيا خرچ ٿيو. تہ چانهہ ۽ کنڊ جي هرهڪ ڪلو جي قيمت ٻڌايو.

(3) اَنوشڪا وٽ 100 رپين وارا $x$ ۽ 50 رپين وارا $y$ نوٽ آهن.

انوشڪا کي آنند متين نوٽن جي روپ ۾ ڪل 2500 ر رقم ڏني

- - - - - - - - مساوات I

آنند هن کي نوٽ اَدل بدل ڪري پئسا ڏنا تہ ڏنل رقم پهرين رقم کان 500 ر گهٽ آهي.

- - - - - - - - مساوات II

مساواتون حل ڪري جواب ٻڌايو

100 رپين وارا نوٽ $\square$ $\quad$ 50 رپين وارا نوٽ $\square$

4. منيشا ۽ سويتا جي هاڻوڪين عمر جي جوڙ اُپٽ 31 سال آهي. 3 سال اَڳہ منيشا جي عمر، سويتا جي اُن وقت جي عمر جي چوڻ جيتري هئي، تہ ٻنهي جي هاڻوڪي عمر لهو.

★ 5. هڪ ڪارخاني ۾ چاڻو ۽ اَڻچاڻو ڪاريگرن جي روزاني ڪمائي جو ريشو 5:3 آهي. اُنهن جي هڪ ڏينهن جي پگهار 720 رپيا آهي تہ هرهڪ چاڻو ڪاريگر ۽ اَڻچاڻو ڪاريگر جي پگهار لهو.

★ 6. هڪ سڌي رستي تي A ۽ B ٻہ جڳهيون آهن اُنهن جي وچ ۾ مفاصلو 30 ڪ م آهي. حميد موٽر سائيڪل تي A کان B ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتو. ساڳئي وقت جوسيف B کان A ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتو. اُهي ٻئي 20 منٽن کانپوءِ هڪ ٻئي سان گڏيا. جوسيف جيڪڏهن اُن وقت نڪري اُبتڙ طرف ۾ وڃي ها، تہ هن سان حميد ٽن ڪلاڪن کان پوءِ ملي ها ، تہ هرهڪ جي رفتار ڪيتري آهي؟

P0858C

# 2 ٻسگهي مساوتون



## اَچو تہ سکون

- ٻسگهي مساوتون سڃاڻڻ
- ٻسگهي مساوتن کي حل ڪرڻ جو طريقو
- ٻسگهي مساوتن جي حلن جا قسم
- حل (جزا) ۽ ضربيندڙن جي وچ ۾ لاڳاپو
- ٻسگهي مساوتن جو اُپيوگ



## ذرا ياد ڪريون

وديارٿي دوستو، نائين درجي ۾ اَسان گهٽپدن جي باري ۾ سکيا آهيون. اُنهن ۾ سگهہ جي آڌار تي هوندڙ گهٽپدن جو پڻ اَسان اَڀياس ڪيو آهي. هڪ ڦيرائتي ۾ جيڪو گهٽپدو هڪ سگهہ وارو هوندو آهي، اُن کي ليڪي گهٽپدو ۽ جنهن جي سگهہ ٻہ هوندي آهي اُن کي ٻسگهي گهٽپدو چئبو آهي.

**مشغولي :** هيٺين گهٽپدن کي ليڪي گهٽپدن ۽ ٻسگهي گهٽپدن ۾ ورهايو.

$5x^2$, $3x^2 - 5x$, $3x - 7$, $x^2 + 3x - 5$, $5x + 9$

| ليڪي گهٽپدا | ٻسگهي گهٽپدا |
| --- | --- |
| | |

هاڻي اَسان ٻسگهي گهٽپدن جو ملهہ 0 ڪٺي جيڪي مساوتون ملنديون اُنهن جو اَڀياس ڪنداسين.
اَهڙين مساوتن کي ٻسگهي مساوتون چئبو آهي.

اَسان روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي دفعا اُنهن ٻسگهي مساوتن جو اُپيوگ ڪندا آهيون.

مثال : سنکيت 200 چورس ميٽر پکيڙ وارو هڪ مستطيل پلاٽ خريد ڪيو. پلاٽ جي ڊيگهہ سندس ويکر کان 10 ميٽر وڌيڪ هئي تہ اُن پلاٽ جي ڊيگهہ ۽ ويکر ڪيتري هئي؟

سمجهو تہ پلاٽ جي ويکر x ميٽر آهي.

$\therefore$ ڊيگهہ = $(x + 10)$ ميٽر

ويکر x ڊيگهہ = مستطيل پلاٽ جي پکيڙ

$\therefore \; 200 = (x + 10) \times x$

$\therefore \; 200 = x^2 + 10x$

يعني تہ $x^2 + 10x = 200$

$\therefore \; x^2 + 10x - 200 = 0$

هاڻي $x^2+10x-200=0$ اِها ٻسگهي مساوت حل ڪري آسان پلاٽ جي ڊيگهه ۽ ويڪر ٻڌائي سگهون ٿا.

ٻسگهي مساوتون ڪيئن حل ڪجن اِنهن جو آسان آپياس ڪنداسين.



### ذرا ياد ڪريون

> **مشغولي:** $x^2 + 3x - 5,\ 3x^2 - 5x,\ 5x^2$ اِهي گهٽپدا سگهه واري روپ ۾ لکي اُنهن پدن جي ضربيندڙن (گُڻڪ) جي جاچ ڪري اُنهن کي خالي چؤڪنڊن ۾ صحيح طريقي لکو.
>
> $x^2 + 3x - 5\ ,\quad 3x^2 - 5x + 0\ ,\quad 5x^2 + 0x + 0$
>
> ✦ $x^2$ جا گُڻڪ نمبر وار [1]، [3] ۽ [5] يعني 0 نہ آهن آهن
>
> ✦ x جا گُڻڪ نمبروار 3، [ ] ۽ [ ] آهن.
>
> ✦ اِستر پد نمبر وار [ ]، [ ] ۽ [ ] آهن.
>
> هتي ٻين ۽ ٽين گهٽپدن ۾ اِستر پد 0 آهي.

## ٻسگهي مساوت جو پرماڻڪ روپ (Standard form of quadratic equation)

هڪ قيرائتي ۾ جنهن مساوت جي قيرائتي جي سگهه وڌ ۾ وڌ 2 آهي. اُنهن مساوتن کي ٻسگهي مساوت چئجي ٿو.

اُهي پرماڻڪ روپ ۾ $ax^2 + bx + c = 0$ جي روپ ۾ لکجن ٿا. $ax^2 + bx + c = 0$, ۾ $a$, $b$ ۽ $c$ حقيقي عدد آهن ۽ a جو ملهہ 0 نہ هئڻ گهرجي.

$ax^2 + bx + c = 0$ اِن روپ ۾ مساوت کي ٻسگهي مساوت جو پرماڻڪ روپ چئجي ٿو.

**مشغولي :** هيٺيون تختو پورو ڪريو

| ٻسگهي مساوت | پرماڻڪ روپ | $a$ | $b$ | $c$ |
|---|---|---|---|---|
| $x^2 - 4 = 0$ | $x^2 + 0x - 4 = 0$ | 1 | 0 | −4 |
| $y^2 = 2y - 7$ | . . . . . . . . . | . . . | . . . | . . . |
| $x^2 + 2x = 0$ | . . . . . . . . . | . . . | . . . | . . . |

### حل ڪيل مثال

**مثال (1)** ٻڌايو تہ هيٺين مساوتن مان ڪهڙيون مساوتون ٻسگهي مساوتون آهن.

(1) $3x^2 - 5x + 3 = 0$ (2) $9y^2 + 5 = 0$

(3) $m^3 - 5m^2 + 4 = 0$ (4) $(l + 2)(l - 5) = 0$

**حل :** (1) $3x^2 - 5x + 3 = 0$ هن مساوت ۾ قيرائتي جي وڌ ۾ وڌ سگهه 2 آهي

∴ اِها مساوت ٻہ سگهي مساوت آهي.

(2) $9y^2 + 5 = 0$ □ هن مساوات ۾ ڦيرائتي جي وڌ ۾ سگهه □ آهي .

∴ اها مساوات ٻہ سگهي مساوات □ .

(3) $m^3 - 5m^2 + 4 = 0$ هن مساوات ۾ ڦيرائتي جي وڌ ۾ وڌ سگهه 2 نہ آهي.

∴ اِها مساوات ٻہ سگهي مساوات □ .

(4) $(l + 2)(l - 5) = 0$

$\therefore \quad (l - 5) + 2(l - 5)l = 0$

$\therefore \; l^2 - 5l + 2l - 10 = 0$

$\therefore \; l^2 - 3l - 10 = 0$ □ هن مساوات ۾ ڦيرائتي جي وڌ ۾ وڌ □ آهي.

∴ ڏنل مساوات ٻہ سگهي مساوات □ .



## چاڪي وٺون

## ٻسگهي مساوتن جا جزا (حل) (Roots of a quadratic equation)

اسان اَڳين درجن ۾ ڏٺو آهي تہ $x$ جو ملهہ a ڪٽي گهٽپدي جو ملهہ 0 هجي تہ $(x\text{-a})$ گهٽپدي جو جزو آهي. يعني $p(x)$ هڪ گهٽپدو آهي ۽ $p(\text{a})=0$ آهي تہ $(x\text{-a})$ اِهو $p(x)$ جو جزو آهي. اَهڙي حالت ۾ a اِهو $p(\text{a})=0$ جو هڪ حل (جزو) آهي يا a اِهو $p(x)=0$ جو جزو آهي ائين چئجي سگهجي ٿو.

مثال طور :

$x^2 + 5x - 6$ هن گهٽپدي ۾ $x = -6$ ڪٽي ،

$x^2 + 5x - 6 = (-6)^2 + 5 \times (-6) - 6$

$= 36 - 30 - 6 \quad = 0$

∴ $x = -6$ اِهو هن مساوات جو حل آهي

يعني $-6$ اِهو عدد $x^2 + 5x - 6 = 0$

هن مساوات جو جزو آهي.

$x^2 + 5x - 6$ هن گهٽپدي ۾ $x = 2$ ڪٽي ،

$x^2 + 5x - 6 = 2^2 + 5 \times 2 - 6$

$= 4 + 10 - 6$

$= 8 \quad \neq 0$

∴ $x = 2$ اِهو $x^2 + 5x - 6 = 0$

هن مساوات جو حل نہ آهي.

### حل ڪيل مثال

مثال $2x^2 - 7x + 6 = 0$ هن مساوات جا (i) $x = \frac{3}{2}$ ۽ (ii) $x = -2$ اِهي حل آهن چا اِهو ٻڌايو

حل (i) $2x^2 - 7x + 6$ هنن گهٽپدي ۾ $x = \frac{3}{2}$ اهو ملهہ ڪٽي گهٽپدي جو ملهہ لهو.

$$2x^2 - 7x + 6 = 2\left(\frac{3}{2}\right)^2 - 7\left(\frac{3}{2}\right) + 6$$

$$= 2 \times \frac{9}{4} - \frac{21}{2} + 6$$

$$= \frac{9}{2} - \frac{21}{2} + \frac{12}{2} = 0$$

$\therefore\ x = \frac{3}{2}$ هن مساوت جو حل آهي

(ii) $2x^2 - 7x + 6$ هنن گهٽپدي ۾ $x = -2$ اِهو ملهه ڪٽي گهٽپدي جو ملهه لهو.

$$2x^2 - 7x + 6 = 2(-2)^2 - 7(-2) + 6$$

$$= 2 \times 4 + 14 + 6$$

$$= 28 \neq 0$$

$\therefore\ x = -2$ اِهو $2x^2 - 7x + 6$ هن مساوت جو حل نہ آهي.

**مشغولي :** جيڪڏهن $x = 5$ اِهو $kx^2 - 14x - 5 = 0$ هن مساوت جو هڪ جزو آهي تہ $k$ جو ملهه لهڻ لاءِ هيٺين مشغولي پوري ڪريو :

حل : $kx^2 - 14x - 5 = 0$ هن مساوت جو هڪ جزو $\square$ آهي .

$\therefore\ x = \square$ اِهو ملهه متين ٻسگهي مساوت ۾ رکي.

$$\therefore\ k\boxed{5}^2 - 14\boxed{5} - 5 = 0$$

$$\therefore\ 25k - 70 - 5 = 0$$

$$\therefore\ 25k - \square = 0$$

$$\therefore\ 25k = \square$$

$$\therefore\ k = \frac{\square}{\square} = 3$$



**ياد رکو**

(1) $ax^2 + bx + c = 0$ اهو ٻسگهي مساوت جو پرماڻڪ روپ آهي. جتي $a$، $b$ ۽ $c$ حقيقي عدد آهن ۽ a جو ملهه 0 نہ آهي.

(2) ڦيرائتي جي جنهن ملهه ۾ ٻسگهي مساوت جا ٻيئي پاسا هڪجهڙا آهن (يعني ٻسگهي مساوت حل ٿي سگهي ٿي) اُهو ملهه ٻسگهي مساوت جو حل يا ٻسگهي مساوت جو جزو آهي.

## اَڀياس 2.1

1. ڪهڙيون به ٻه ٻيگهي مساوتون لکو.

2. هيٺين مساوتن مان ڪهڙيون مساوتون ٻيگهي مساوتون آهن ٻڌايو.

(1) $x^2 + 5x - 2 = 0$ (2) $y^2 = 5y - 10$ (3) $y^2 + \frac{1}{y} = 2$

(4) $x + \frac{1}{x} = -2$ (5) $(m + 2)(m - 5) = 0$ (6) $m^3 + 3m^2 - 2 = 3m^3$

3. هيٺيون مساوتون $ax^2 + bx + c = 0$ جي روپ ۾ لکو هرهڪ مساوت ۾ c,b,a جو ملهه ٻڌايو.

(1) $2y = 10 - y^2$ (2) $(x - 1)^2 = 2x + 3$ (3) $x^2 + 5x = -(3 - x)$

(4) $3m^2 = 2m^2 - 9$ (5) $p(3 + 6p) = -5$ (6) $x^2 - 9 = 13$

4. ٻيگهي مساوت جي پاسي ۾ ڏنل ملهه اُن مساوت جا جزا آهن يا نه ٻڌايو.

(1) $x^2 + 4x - 5 = 0$ , $x = 1, -1$ (2) $2m^2 - 5m = 0$ , $m = 2, \frac{5}{2}$

5. جيڪڏهن $x = 3$ اِهو $kx^2 - 10x + 3 = 0$ هن مساوت جو هڪ جزو آهي ته $k$ جو ملهه ڪيترو آهي؟

6. $5m^2 + 2m + k = 0$ هن ٻيگهي مساوت جو هڪ جزو $\frac{-7}{5}$ ته $k$ جو ملهه لهڻ لاءِ هيٺين مشغولي پوري ڪريو.

حل : $5m^2 + 2m + k = 0$ هن مساوت جو هڪ جزو ☐ آهي.

$\therefore m =$ ☐ مٿين مساوت ۾ رکڻ سان

$\therefore 5 \times$ ☐$^2 + 2 \times$ ☐ $+ k = 0$

$\therefore$ ☐ + ☐ $+ k = 0$

$\therefore$ ☐ $+ k = 0$

$\therefore k =$ ☐



### ذرا ياد ڪريون

اسان گذريل سال گهٽپدا باب ۾ $x^2 - 4x - 5$, $2m^2 - 5m$, $a^2 - 25$ اَهڙن ٻيگهي گهٽپدن جا جزا ڪڍڻ جو طريقو سکي چڪا آهيون. هيٺين مشغولي ڪري اُن جو دؤر ڪريو.

**مشغولي** : هيٺين ٻيگهي گهٽپدن جا جزا ڪڍو.

(1) $x^2 - 4x - 5$

توهان اِهو چجرو پورو ڪريو

تارا جي پگهار $100, 200, 300, 400, \ldots$ اَنگي پروگريشن سلسلي ۾ آهي. ياد آيو؟

$$t_1 = 100, \quad t_2 = 200, \; t_3 = 300, \ldots \qquad t_2 - t_1 = 100 = d$$

اِهو عام تفاوت 100 آهي.

ميرا جي پگهار 10,20,40,80 .... اَنگي پروگريشن سلسلي ۾ نہ آهي. $20 - 10 = 10,\ 40 - 20 = 20,\ 80 - 40 = 40$ يعني عام تفاوت ساڳيو نہ آهي.

فقط هن سلسلي ۾ هرهڪ پد، اُن کان اَڳہ آيل پد کان ٻيڻو ٿئي ٿو.

$$\frac{t_2}{t_1} = \frac{20}{10} = 2, \quad \frac{t_3}{t_2} = \frac{40}{20} = 2, \quad \frac{t_4}{t_3} = \frac{80}{40} = 2$$

$\therefore$ $\frac{t_{n+1}}{t_n}$ ۾ يعني اَڳتي پد ۽ اُن کان اَڳہ وارا پد جي ونڊ اُپت ساڳي آهي. اَهڙي طرح $\frac{t_{n+1}}{t_n}$ سلسلي کي جاميٽرڪ پروگريشن چئجي ٿو. $\frac{t_{n+1}}{t_n}$ جي ونڊ اُپت 1 کان وڌيڪ هجي، تہ جاميٽرڪ پروگريشن اَنگي پروگريشن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيز رفتار سان وڌي ٿو، اِهو اَڀياس ڪريو.

جيڪڏهن اِها ونڊ اُپت 1 کان گهٽ هجي تہ سلسلو ڪيئن بدلجندو، اِن جو پڻ اَڀياس ڪريو.

هن سال اَسان فقط اَنگي پروگريشن جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهيون. اَنگي پروگريشن جو .. پد ڪيئن سگهجي اِهو اَسان ڏٺو آهي هاڻي پهرين n پدن جي جوڙ اُپت ڪيئن لهجي اِهو اَسان ڏسڻ وارا آهيون.

ٽي سؤ سال پھريون جي ڳالھ آھي. جرمنيءَ ۾ بيوُٽنير (Buttner) نالي ھڪ اُستاد جو اِسڪول ھو. ھن اُستاد کي جوھان مارٽن بارٽيلس نالي ھڪ سھايڪ ھو ھن جو ڪم ھو ٻارن کي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ لکڻ سيکارڻ. بيوُٽنير ڏاڍو سخت سڀاءُ جو ھو. بيوٽنير سر کي ھڪ ڪم پورو ڪرڻو ھو ڪلاس ۾ ٻار جڳھڙو نہ ڪن اِنڪري ھن ڪم ۾ رڌل رکڻ لاءِ ٻارن کي اَنگي حساب ڏيڻ ۾ ويچار ڪريو. ھن ٻارن کي چيو 1 کان 100 تائين اَنگہ سليٽ تي لکو ۽ اُنھن جو جوڙ ڪريو. اُستاد پنھنجو ڪم شروع ڪيو. ٻارن اَنگن لکڻ شروع ڪيا. پنجن منٽن ۾ ھڪ سليٽ اُبتي ٽيڻ جو آواز آيو. ھن ڪارل گائوس ڏانکن نيھاريو ۽ چيو، اِھو ڇا آھي؟ مان توکي 1 کان 100 تائين اَنگہ لکي اُنھن کي جوڙ ڪرڻ لاءِ چيو آھي. سليٽ اُبتي ڪري ڇو رکي ٿي ۽ توکي ڪجھ ڪرڻو نہ آھي ڇا؟

ڪارل گائوس چيو ”مان جوڙ ڪيو آھي.“

اُستاد چيو ”ڇا؟ ايترو جلدي جوڙ ڪيئن ٿي ويو؟ اَنگہ بہ نہ لکيا اَٿئي، جواب ڪيترو آيو؟

ڪارل گائوس چيو ” پنج ھزار پنجاھہ“

اُستاد عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيو ”جواب ڪيئن ڪڍيئہ؟

ڪارگل گائوس جي ترت جوڙ اُپت ڪرڻ جو طريقو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سبتي پاسي کان اَنگہ | 1 | 2 | 3 | 4 | … | 100 |
| اُبتي پاسي کان اَنگہ | 100 | 99 | 98 | 97 | … | 1 |
| جوڙ اُپت | 101 | 101 | 101 | 101 | … | 101 |

ھرھڪ جوڙي جي جوڙ اُپت 101 اَچي ٿي اِھا جوڙ اُپت 100 دنفعا آئي. اِنڪري 100x101 اِنھن جي ضرب ڪئي. اِھو 10100 آيو. ھتي 1 کان 100 تائين اَنگن جو بہ دفعا ويچار ڪيو ويو. اِنڪري 10100 جو اَڌ ڪيو. اِھو 5050 آيو. اِن ڪري 1,2,3,......100 اِنھن اَنگن جي جوڙ اُپت 5050 آھي اُستاد ھنن کي شاباس ڏني.

ھاڻي گائوس جي جوڙ ڪرڻ جي طريقي کي ڪم آڻي اُن کي پروگريشن جي n پدن جي جوڙ اُپت ڪرڻ جو سوتر ملندو.



**جوھان فريڊرچ ڪارل گائوس** 30 اَپريل 1777 - 23 فيبروري 1855

ڪارل گائوس ھڪ مھان جرمن حساب جو ڄاڻو ھو. ھن جو جنم براڊن سوائيڪ ۾ ھڪ اَڻ پڙھيل پريوار ۾ ٿيو. بيوُٽنير جي اِسڪول ۾ ھن پنھنجي عقلمنديءَ جي جھلڪ ڏيکاري. اُن ڪانپوءِ بيوٽينر جي مدد سان جوھان مارٽن بارٽيلس جي گائوس سان دوستي ٿي ٻنھي گڏجي اَڌڪ شاستر جو ھڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. بارٽيلس، گائوس جي اَساڌارڻ عقلمندي کي گھڻن ئي ماڻھن تائين پھچائي.



## چاڪي وٺون

## اَنگي پروگريشن جي پهرين n پدن جي جوڙ اُپٽ (Sum of first $n$ terms of an A. P.)

اَنگي پروگريشن $a, a+d, a+2d, a+3d, \ldots \ a+(n-1)d$

هن پروگريشن ۾ پهريون پد آهي a ۽ عام تفاوت آهي d اِن پروگريشن ۾ پهرين n پدن جي جوڙ اُپٽ $S_n$ سان ڏيکارجي ٿي.

$$S_n = [a] + [a+d] + \ldots + [a+(n-2)d] + [a+(n-1)d]$$

اهي پد اُبتي سلسلي ۾ بناوت ڪري رکڻ سان

$$S_n = [a+(n-1)d] + [a+(n-2)d] + \ldots + [a+d] + [a]$$

جوڙ ڪرڻ سان

$$2S_n = [a+a+(n-1)d] + [a+d+a+(n-2)d] + \ldots + [a+(n-2)d+a+d] + [a+(n-1)d+a]$$

$$2S_n = [2a+(n-1)d] + [2a+(n-1)d] + \ldots + [2a+(n-1)d] \ldots n \text{ دفعا}$$

$$2S_n = n\,[2a+(n-1)d]$$

$$S_n = na+\frac{n(n-1)}{2}d \quad \text{يا} \quad S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d]$$

مثال طور $14, 16, 18, \ldots$ اَنگي پروگريشن جي پهرين 100 پدن جي جوڙ اُپٽ لهو.

هتي $a = 14,\ d = 2,\ n = 100$

$$S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d]$$

$$\therefore\ S_{100} = \frac{100}{2}[2 \times 14+(100-1) \times 2]$$

$$= 50\,[28 + 198]$$

$$= 50 \times 226 = 11{,}300$$

$\therefore$ ڏنل سلسلي جي پهرين 100 پدن جي جوڙ اُپٽ 11,300 آهي.



### ياد رکو

ڏنل اَنگي پروگريشن جو پهريون a ۽ عام تفاوت d هجي، تہ

$$t_n = a+(n-1)d$$

$$S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d] = na+\frac{n(n-1)}{2}d$$

انگي پروگريشن جي پهرين n پدن جو جوڙ ڪرڻ جو هڪ ٻيو سوتر پڻ ملي ٿو.

$a, a+d, a+2d, a+3d, \ldots [a+(n-1)d]$ هاڻي هن پروگريشن ۾

$n \; [a+(n-1)d]$ پد آهي ۽ $t_1 = a$ = پهريون پد آهي.

$S_n = \frac{n}{2} [\underline{a}+\underline{a+(n-1)d}]$ هاڻي

$\therefore \quad S_n = \frac{n}{2}[t_1 + t_n] = \frac{n}{2}$ [ پهريون پد + آخري پد ]

## حل ڪيل مثال

مثال (1) پهرين n قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپت ڪريو.

حل : پهريان n قدرتي اَنگ $1, 2, 3, \ldots, n$.

$a = 1, \quad d = 1, \quad n$ پد $= n$ هتي

$S_n = 1 + 2 + 3 + \ldots + n$

$S_n = \frac{n}{2}$ [ پهريون پد + آخري پد ]

$= \frac{n}{2}[1+n] \quad = \frac{n(n+1)}{2}$

$\therefore$ پهرين $n$ قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپت $\frac{n(n+1)}{2}$ آهي.

مثال (2) پهرين n ٻڌي قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپت ڪريو

حل : پهريان n ٻڌي قدرتي اَنگ $2, 4, 6, 8, \ldots, 2n$.

$t_1 =$ پهريون پد $= 2$ , $t_n =$ آخري پد $= 2n$

طريقو I

$= \frac{n}{2}[t_1 + t_n]$

$= \frac{n}{2}[2+2n]$

$= \frac{n}{2} \times 2(1+n)$

$= n(1+n)$

$= n(n+1)$

طريقو II

$S_n = 2 + 4 + 6 \ldots + 2n$

$= 2(1+2+3+\ldots+n)$

$= \frac{2[n(n+1)]}{2}$

$= n(1+n)$

$= n(n+1)$

طريقو III

$S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d]$

$= \frac{n}{2}[2\times 2+(n-1)2]$

$= \frac{n}{2}[4+2n-2]$

$= \frac{n}{2}[2+2n]$

$= \frac{n}{2} \times 2(1+n)$

$= n(1+n) = n(n+1)$

$\therefore$ پهرين n ٻڌي قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپت $n(1+n)$ لڌو

مثال (3) پھرين n اِڪي قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپت لھو.

حل : پھريان n اِڪي قدرتي اَنگ

$1, 3, 5, 7, \ldots, (2n - 1).$

$a = t_1 = 1$ ۽ $t_n = (2n - 1), d = 2$

طريقو I

$S_n = \frac{n}{2}[t_1 + t_n]$

$= \frac{n}{2}[1 + (2n - 1)]$

$= \frac{n}{2}[1 + 2n - 1]$

$= \frac{n}{2} \times 2n$

$= n^2$

طريقو II

$S_n = \frac{n}{2}[2a + (n-1)d]$

$= \frac{n}{2}[2 \times 1 + (n-1) \times 2]$

$= \frac{n}{2}[2 + 2n - 2]$

$= \frac{n}{2} \times 2n$

$= n^2$

طريقو III

$S_n = 1 + 3 + \ldots + (2n-1)$

$= (1 + 2 + 3 + \ldots + 2n)$

$- (2 + 4 + 6 + \ldots + 2n)$

$= \frac{2n(2n+1)}{2} - \frac{2n(n+1)}{2}$

$= (2n^2 + n) - (n^2 + n)$

$= n^2$

$\therefore$ پھرين $n$ اِڪي قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپت $n^2$ آھي.

مثال (4) مشغولي : 1 کان 150 تائين سيني اِڪي اَنگن جي جوڙ اُپت لھو.

حل : 1 کان 150 تائين سيني $1, 3, 5, 7, \ldots, 149$ اِڪي اَنگن جي جوڙ اُپت لھو.

ھتي d=2 ۽ a=1 پھريون 1 کان 150 تائين اِڪي اَنگ ڪيترا آھن اِھو لھو.

$t_n = a + (n - 1)d$

$149 = 1 + (n - 1)2 \qquad \therefore\ 149 = 1 + 2n - 2$

$\therefore\ n = 75$

ھاڻي $1 + 3 + 5 + \ldots + 149$ 75 اَنگن جو جوڙ ڪريو

$d = 2, n = 75$ ۽ $a = 1$

طريقو I

$S_n = \frac{n}{2}[2a + (n-1)d]$

$S_n = \square$

$S_n = \square \times \square$

$S_n = \square$

طريقو II

$S_n = \frac{n}{2}[t_1 + t_n]$

$S_n = \frac{75}{2}[1 + 149]$

$S_n = \square \times \square$

$S_n = \square$

## اَڀياس 3.3

1. هڪ اَنگي پروگريشن جو پهريون پد 6 ۽ عام تفاوت 3 آهي تہ $S_{27}$ لهو.

$$a = 6,\ d = 3,\ S_{27} = ?$$

$$S_n = \frac{n}{2}[\square + (n-1)\,d]$$

$$S_{27} = \frac{27}{2}[12 + (27-1)\square]$$

$$= \frac{27}{2} \times \square$$

$$= 27 \times 45 \quad = \square$$

2. پهرين 123 ٻڌي قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپٽ لهو.

3. 1 ۽ 350 جي وچ ۾ سيني ٻڌي اَنگن جي جوڙ اُپٽ لهو.

4. هڪ اَنگي پروگريشن جو اُڻويهون پد 52 ۽ انٽيهون پد 128 آهي، تہ اُنجي پهرين 56 پدن جي جوڙ اُپٽ لهو.

5. 1 ۽ 140 جي وچ ۾ چئن سان ونڊجندڙ قدرتي اَنگ ڪيترا آهن، اِهو لهو اِنهن اَنگن جي جوڙ اُپٽ لهڻ لاءِ هيٺين مشغولي پوري ڪريو

1 ۽ 140 جي وچ ۾ ايندڙ چئن سان ونڊجندڙ اَنگ

↓

4, 8, . . . . . . . . . , 136

↓

اِهي ڪل ڪيترا اَنگ آهن؟ $n = \square$

↓

$a = \square$, $d = \square$, $t_n = \square$

↓

$t_n = a + (n-1)d$

↓

$136 = \square + (n-1) \times \square$

↓

$S_n = \frac{n}{2}[2a + (n-1)d] \leftarrow \square = n$

$S_{\square} = \frac{\square}{2}[\qquad] \quad = \square$

1 ۽ 140 جي وچ ۾ ايندڙ چئن سان ونڊجندڙ اَنگن جي جوڙ اُپٽ $= \square$

6.★ هڪ اَنگي پروگريشن جي پهرين 55 پدن جي جوڙ اُپٽ 3300 آهي، تہ اِن جو 28 پد لهو.

★7. هڪ اَنگي پروگريشن جي ٽن لڳاتار پدن جي جوڙ اُپٽ 27 آهي ۽ اُنهن جي ضرب اُپٽ 504 آهي، تہ اِهي پد لهو. (ٽي لڳاتار پد $a-d, a, a+d$ کڻو)

★8. هڪ انگي پروگريشن جي چئن لڳاتار پدن جي جوڙ اُپٽ 12 آهي ۽ اِنهن چئن لڳاتار پدن مان ٽئين ۽ چوٿين پد جي جوڙ اُپٽ 14 آهي، تہ چارئي پد لهو.
(چار لڳاتار پد $a-d, a, a+d, a+2d$ کڻو)

★9. هڪ اَنگي پروگريشن جو نائون پد ٻڙي آهي، تہ ثابت ڪريو تہ اُڻٽيهون پد، اُڻويهين پد کان ٽيڻو آهي.



**چاڪي وٽون**

## اَنگي پروگريشن جو اُپيوگ (Application of A.P.)

مثال (i) هڪ مڪسر ٺاهيندڙ ڪمپنيءَ ٽئين سال 600 مڪسر ٺاهيا ۽ ستين سال 700 مڪسر ٺاهيا. هرهڪ سال ٺهندڙ مڪسرن ۾ واڌ هڪجيتري رکي هينيان اَنداز لهو. (i) پهرين سال جي پيدائش (ii) ڏهين سال جي پيدائش (iii) پهرين ستن سالن ۾ ڪل پيدائش.

حل : ڪمپنيءَ ۾ ٺهندڙ مڪسرن ۾ واڌ هر سال هڪجيتري رکي ويئي آهي.

اِنڪري لڳاتار سال ۾ ٺهندڙ مڪسرن جو اَنداز اَنگي پروگريشن جي روپ ۾ آهي.

(i) ڪمپنيءَ n سال ۾ $t_n$ مڪسر ٺاهيا آهن. اِهو مڃي، ڏنل ڄاڻ انوسار

$$t_3 = 600, t_7 = 700$$

اَسانکي ڄاڻ آهي تہ $t_n = a+(n-1)d$

$$t_3 = a+(3-1)d$$

$$= 600 = a+2d \quad .......... (I)$$

$$t_7 = a+(7-1)d$$

$$= a+6d = 700 \quad .......... (II)$$

$a+2d = 600 \therefore a = 600 - 2d$ اِهو ملهہ مساوت (II) ۾ رکي

$$600 - 2d + 6d = 700$$

$$4d = 100 \quad \therefore \quad d = 25$$

$$a+2d = 600 \qquad \therefore \quad a + 2 \times 25 = 600$$

$$a + 50 = 600 \qquad \therefore \quad a = 550$$

∴ پهرين سال جي پيدائش 550 مڪسر آهي.

$$\text{(ii)} \quad t_n = a+(n-1)d$$

$$t_{10} = 550+(10-1) \times 25$$

$$= 550 + 225 = 775$$

∴ ڏهين سال ۾ پيدائش 775 آهي.

(iii) پهرين ستن سالن جي پيدائش لهڻ لاءِ $S_n$ جو سوتر واپرائي

$$S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d]$$

$$\therefore \; S_7 = \frac{7}{2}[1100 + 150] = \frac{7}{2}[1250] = 7 \times 625 = 4375$$

∴ پهرين ستن سالن جي ڪل پيدائش4375 آهي.

مثال (2) قرض ڪنيل 3,25,000 رپيا چڪائڻ لاءِ اَجيم شرما پهرين مهني 30,500 رپيا پريا اُنڪانپوءِ هر مهني اَڳين مهني کان 1500 رپيا گهٽ پرڻا پون ٿا ته قرض ڪنيل رقم چڪائڻ لاءِ ڪيس ڪيترا مهنا لڳندا؟

حل : سمجهو ته قرض ڪنيل پئسا چڪائڻ لاءِ n مهنا لڳن ٿا. 30,500 مان هر مهني 1500 ر گهٽائڻا آهن.

$$\therefore \; 30,500; \;\; 30,500 - 1500; \;\; 30,500 - 2\times 1500, \;\; . .$$

اهي چڪائيندڙ رقمون اَنگي پروگريشن ۾ آهن.

پهريون پد $= a = 30500, \; d = -1500 =$ قرض ڪنيل رقم $= S_n = 3,25,000$

$$S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d]$$

$$3,25,000 = \frac{n}{2}[2\times 30500+(n-1)\times(-1500)]$$

$$= \frac{n}{2}[2\times 30500 - 1500n + 1500]$$

$$3,25,000 = 30500n - 750n^2 + 750n$$

$$\therefore \; 750n^2 - 31250n + 325000 = 0$$

$$\therefore \; 3n^2 - 125n + 1300 = 0$$ . . . . . (ٻنهي پاسي 250 سان ونڊ ڪري)

$$\therefore \; 3n^2 - 60n - 65n + 1300 = 0$$

$$\therefore \; 3n(n-20) - 65(n-20) = 0$$

$$\therefore \; (n - 20)(3n - 65) = 0$$

$\therefore \; n - 20 = 0,$ يا $3n - 65 = 0$

$n = 20$ يا $n = \frac{65}{3} = 21\frac{2}{3}$

اَنگي پروگريشن ۾ n پد قدرتي اَنگ هوندو آهي.

$$\therefore \; n \neq \frac{65}{3} \quad \therefore \; n = 20$$

∴ 20 مهنن ۾سڀي 3,25,000 رپيا رقم چڪائي ويندي.

مثال (3) اَنور هر مهني مقرر رقم جي بچت ڪري ٿو. پهرين مهني هو 200 ر بچت ڪري ٿو ٻئين مهني 250 ر بچت ڪري ٿو. ٽئين مهني 300 ر بچت ڪري ٿو ته 1000 ر بچت ڪائين مهني ۾ ٿيندي؟ اُن مهني تائين هن جي ڪل بچت ڪيتري ٿيندي؟

حل : پهرين مهني ۾ بچت 200 ر ٻئين مهني ۾ بچت 250 ر . . .

اهڙي طرح هر مهني ٿيندڙ بچت $200, 250, 300, \ldots$ اَنگي پروگريشن ۾ آهي.

هتي $a = 200, d = 50$ ، $t_n$ جو سُوتر ڪم آڻي $n$ جو ملهه لهو ۽ اُن مان $S_n$ لهو.

$$t_n = a+(n-1)d$$

$$= 200 +(n-1)50$$

$$= 200 + 50n - 50$$

$$\therefore \quad 1000 = 150 + 50n$$

$$150 + 50n = 1000$$

$$50n = 1000 - 150$$

$$50n = 850$$

$$\therefore \quad n = 17$$

1000 ر بچت 17 مهني ۾ ٿيندي

17 مهنن جي ڪل بچت ڪيتري اِها لهو

$$S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d]$$

$$= \frac{17}{2}[2 \times 200+(17-1) \times 50]$$

$$= \frac{17}{2}[400 + 800]$$

$$= \frac{17}{2}[1200]$$

$$= 17 \times 600$$

$$= 10200$$

17 مهنن جي ڪل بچت 10,200 ر آهي.

مثال (4) شڪل ۾ ڊيڪارٽيل طريقي هڪ ليڪ تي A مرڪز ڪٽي 0.5 س م نيم قطر وارو $P_1$ اَڌ گول ڪيو اِهو




ان ليڪ کي B تڪي وٽ ڪپي ٿو. هاڻي B مرڪز ڪٽي 1 س م نيم قطر وارو P2 اَڌ گول ليڪ جي ٻي پاسي ڪيو هاڻي وري A مرڪز ڪٽي 1.5 س م نيم قطر وارو P3 اَڌ گول ڪيو. اَهڙيءَ طرح A ۽ B مرڪز ڪٽي نمبروار 0.5 س م، 1 س م، 1.5 س م، 2 س م، اَهڙا نيم قطرن وارا اَڌ گول ڪيڻ ڪانپوءِ هڪ گول گهيري واري شڪل تيار ٿئي ٿي، ته اَهڙيءَ طرح 13 اَڌ گولن سان تيار ٿيل گول گهيري واري شڪل جي ڊيگهه ڪيتري آهي ( $\pi = \frac{22}{7}$ ڪٽو)

حل : A, B, A, B, . . . ان سلسلي ۾ مرڪز ڪٽي ڪيڊيل اَڌ گول گهيرن جي ڊيگهه نمبر وار $P_1, P_2, P_3$، . . .

سمجهو پهرين اَڌ گول جو نيم قطر 0.5 س م آهي. ٻين اَڌ گول جو نيم قطر 1.0 س م آهي. اِن نموني چاڙ ڏنل آهي اِن وسيلي $P_1, P_2, P_3, \ldots P_{13}$ جو ملهه لهو.

پهرين اَڌ گول جي گهيري جي ڊيگهه = $P_1 = \pi r_1 = \pi \times \frac{1}{2} = \frac{\pi}{2}$

$$P_2 = \pi r_2 = \pi \times 1 = \pi$$

$$P_3 = \pi r_3 = \pi \times 1.5 = \frac{3}{2}\pi$$

$P_1, P_2, P_3, \ldots$ اَڌ گولن جا گهيرا يعني $\frac{1}{2}\pi, 1\pi, \frac{3}{2}\pi, \ldots$ اِهي عدد اَنگي پروگريشن ۾ آهن.

هتي $a = \frac{1}{2}\pi, d = \frac{1}{2}\pi,$ اِن مان $S_{13}$ لهو

$$S_n = \frac{n}{2}[2a+(n-1)d]$$

$$S_{13} = \frac{13}{2}\left[2 \times \frac{\pi}{2} + (13-1) \times \frac{\pi}{2}\right]$$

$$= \frac{13}{2}[\pi + 6\pi]$$

$$= \frac{13}{2} \times 7\pi$$

$$= \frac{13}{2} \times 7 \times \frac{22}{7}$$

= 143 س م

∴ 13 اَڌ گولن سان تيار ٿيل گول گهيري جي ڊيگهه 143س.م. هوندي.

مثال (5) هڪ ڳوٺ ۾ 2010 تائين 4000 ماڻهو پڙهيل هئا اِهو عدد هر سال 400 وڌي ٿو تہ 2020 سال ۾ ڪيترا ماڻهو پڙهيل هوندا؟

حل :

| سال | 2010 | 2011 | 2012 | ... | 2020 |
|---|---|---|---|---|---|
| پڙهيل ماڻهو | 4000 | 4400 | 4800 | ... | |

$a = 4000, \quad d = 400 \quad n = 11$

$$t_n = a+(n-1)d$$
$$= 4000 + (11-1)400$$
$$= 4000 + 4000$$
$$= 8000$$

2020 سال ۾ 8000 ماڻهو پڙهيل هوندا.

مثال (6) شريمتي شيخ کي 2015 سال ۾ ساليانِي 1,80,000 رپيا پگهار واري نوڪري ملي آفيس وارن هن تي هر سال 10,000 پگهار وڌائڻ قبول ڪيو تہ ڪهڙي سال ۾ هن جي ساليانِي پگهار 2,50,000 ر ٿيندي.

حل :

| سال | پهرين سال (2015) | ٻين سال (2016) | ٽين سال (2017) | ... |
|---|---|---|---|---|
| پگهار (رپيا) | [1,80,000] | [1,80,000 + 10,000] | | ... |

$a = 1,80,000, \qquad d = 10,000 \qquad n = ? \qquad t_n = 2,50,000$ رپيا

$$t_n = a+(n-1)d$$
$$2,50,000 = 1,80,000 + (n-1) \times 10,000$$
$$(n-1) \times 10000 = 70,000$$
$$n-1 = 7$$
$$n = 8$$

$\therefore$ اَٺين سال هن جي ساليانِي پگهار 2,50,000 ر ٿيندي.

## اَڀياس 3.4

1. سانڪا جنوري 2016 تي فيصلو ڪيو تہ پهرين ڏينهن10ر ٻين ڏينهن 11ر ، ٽين ڏينهن 12 ر اَهڙيءَ طرح بچت ڪندي رهندي تہ 31 ڊسمبر 2016 تائين هن ڪل بچت ڪيتري ٿي؟
2. هڪ ماڻهو 8000 ر قرض ڪنيو ۽ اُن تي1360 ر وياج ڏيڻ قبول ڪيو. هڪ قسط اَڳلي قسط کان 40 ر گهٽ ڏيئي سڄي رقم 12 ماهيانين قسطين ۾ ڀري، تہ هن پهرين ۽ آخري قسط ۾ ڪيتري رقم ڀري؟
3. سچن راشٽريہ پرماڻپتر ۾ پهرين سال 5000 ر، ٻين سال 7000 ر، ٽين سال 9000ر اِن سلسلي ۾ رقم سيڙائي تہ هن جي 12 سالن ۾ ڪل سيڙايل رقم ڪيتري آهي؟
4. هڪ سڀا گرهہ ۾ ڪل 27 قطارون آهن. پهرين قطار ۾ 20 ڪرسيون آهن، ٻين قطار ۾ 22 ڪرسيون، ٽين قطار ۾ 24 ڪرسيون تہ پنڌرهين قطار ۾ ڪل ڪيتريون ڪرسيون آهن ۽ سڀاگرهہ ۾ ڪل ڪيتريون ڪرسيون آهن؟
5. ڪارگل ۾ هڪ هفتي ۾ سومر کان ڇنڇر تائين سڀني ڏينهن جو گرمي پد ماپيو ويو. اِهي ماپون اَنگي پروگريشن ۾ آهن سومر ۽ ڇنڇر جي گرمي پد جي جوڙ اُپت منگل ۽ ڇنڇر جي گرمي پد جي جوڙ اُپت کي 5°c وڌيڪ آهي. جيڪڏهن ٻڌر جو گرمي پد -30°c آهي تہ هرهڪ ڏينهن جو گرمي پد لهو.
6. وشو پرياورڻ ڏينهن تي هڪ ٽڪنڊي شڪل واري پلاٽ تي وڻ پوکڻ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. پهرين قطار ۾ هڪ وڻ، ٻي قطار ۾ 2 وڻ، ٽين قطار ۾ 3 وڻ اَهڙيءَ طرح 25 قطارن ۾ وڻ پوکيا ويا، تہ ڪل ڪيترا وڻ پوکيا ويا؟

## گڏيل اَڀياس 3

1. هيٺين سوالن ۾ صحيح جواب چونڊيو

(1) $-10, -6, -2, 2, \ldots$ اِهو سلسلو .....

(A) انگي پروگريشن آهي، چاڪاڻ تہ d=-16 آهي. (B) انگي پروگريشن آهي، چاڪاڻ تہ d=4 آهي.

(C) انگي پروگريشن آهي، چاڪاڻ تہ d=-4 آهي. (D) انگي پروگريشن نہ آهي.

(2) جنهن اَنگي پروگريشن جو پهريون پد -2 آهي ۽ عام تفاوت -2 آهي، اَهڙي اَنگي پروگريشن جا پهريان چار پد ............آهن.

(A) $-2, 0, 2, 4$ (B) $-2, 4, -8, 16$

(C) $-2, -4, -6, -8$ (D) $-2, -4, -8, -16$

(3) پهرين 30 قدرتي، اَنگن جي جوڙ اُپت هيٺين مان ڪهڙي آهي؟

(A) 464 (B) 465 (C) 462 (D) 461

(4) ڏنل اَنگي پروگريشن جو . . . $t_n = 4, d = -4$ $n=7$ تہ ‘a’ لهو.

(A) 6 (B) 7 (C) 20 (D) 28

(5) هڪ اَنگي پروگريشن ۾ $a = 3.5, d = 0,$ آهي تہ $t_n = . . .$

(A) 0 (B) 3.5 (C) 103.5 (D) 104.5

(6) هڪ اَنگي پروگريشن جا پهريان ٻہ پد 3-,4 آهن تہ ايڪويهون پد ........ آهي.

(A) −143 (B) 143 (C) 137 (D) 17

(7) جيڪڏهن هڪ اَنگي پروگريشن ۾ $d = 5$ آهي تہ $t_{18} - t_{13} = . . .$

(A) 5 (B) 20 (C) 25 (D) 30

(8) 3 جي ڪوڙي ۾ پهرين پنجن اَنگن جي جوڙ اُپت ... آهي.

(A) 45 (B) 55 (C) 15 (D) 75

(9) . . . ,15, 10, 5 ان اَنگي پروگريشن جي پهرين 10 پدن جي جوڙ اُپت ... آهي.

(A) −75 (B) −125 (C) 75 (D) 125

(10) هڪ اَنگي پروگريشن جو پهريون پد 1 آهي، $n$ پد 20 آهي. جيڪڏهن $S_n = 399$ آهي تہ $n =$

(A) 42 (B) 38 (C) 21 (D) 19

2. −49 , . . . ,−5 ,−8 ,−11 اَنگي پروگريشن آخري چوٿون پد لهو.

3. هڪ اَنگي پروگريشن جو ڏهون پد 46آهي. پنجين ۽ ستين پد جي جوڙ اُپت 52 آهي. تہ اِهو سلسلو لهو.

4. جنهن اَنگي پروگريشن جو چوٿون پد 15- ۽ نائون پد 30- آهي ۽ پهرين ڇهن پدن جي جوڙ اُپت 36 آهي، تہ پهرين ڏهن پدن جي جوڙ اُپت لهو.

5. ٻہ اَنگي پروگريشن ڏنل آهن 9,7,5........ ۽ 24,21,18....... جيڪڏهن ٻنهي اَنگي پروگريشن جو n پد ساڳيو آهي تہ n جو ملهہ لهو ۽ n پد لهو.

6. جيڪڏهن هڪ اَنگي پروگريشن جي ٽين ۽ اَٺين پد جي جوڙ اُپت 7 آهي ۽ ستين ۽ چوڏهين پد جي جوڙ اُپ 3- آهي تہ ڏهون پد لهو.

7. هڪ اَنگي پروگريشن جو پهريون پد 5- ۽ آخري پد 45 آهي جيڪڏهن اِنهن سيني پدن جي جوڙ اُپت 120 آهي تہ ڪيترا پد آهن؟ ۽ اِنهن جو عام تفاوت ڪيترو آهي؟

8. 1 کان n قدرتي اَنگن جي جوڙ اُپت 36 آهي تہ n جو ملهہ لهو.

9. 207 عدد جا ٽي حصا اَهڙيءَ طرح ڪريو جيئن اُهي عدد اَنگي پروگريشن ۾ هجن ۽ ننڍن ٻن حصن جي ضرب اُپت 4623 هجي.

10. هڪ اَنگي پروگريشن ۾ 37 پد آهن سينٽي جي وچوارن ٽن پدن جي جوڙ اُپت 225 آهي ۽ آخري ٽن پدن جي جوڙ اُپت 429 آهي تہ اَنگي پروگريشن ڪڍو.

11. ★ جن اَنگي پروگريشن جو پهريون پد a آهي ٻيون پد b آهي ۽ آخري پد c آهي تہ اِن سلسلي جي پدن جي جوڙ اُپت $\frac{(a+c)(b+c-2a)}{2(b-a)}$ آهي اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو.

12. ★ جيڪڏهن اَنگي پروگريشن جي پهرين p پدن جي جوڙ اُپت، پهرين q پدن جي جوڙ اُپت جي برابر آهي تہ اِن جي پهرين (p+q) پدن جي جوڙ اُپت آهي اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو $(p \neq q)$

13. ★ جيڪڏهن ڪنهن اَنگي پروگريشن جي m پد جو n دفعا ، n پد جي (n+m) دفعن جي برابر آهي تہ ثابت ڪريو تہ اِن اَنگي پروگريشن جو پد ٻڙي آهي.

14. 1000 ر رقم 10% سادي وياج تي سيڙائي ويئي تہ هر سال جي آخر ۾ ملندڙ وياج جي رقم اَنگي پروگريشن ۾ آهي تہ 20 سالن کان پوءِ ملندڙ وياج جي رقم لهو اِن لاءِ هيٺين مشظولي پوري ڪريو.

سادو وياج $= \frac{P \times R \times N}{100}$

پهرين سال ملندڙ سادو وياج $= \frac{1000 \times 10 \times 1}{100} = \square$

ٻن سالن ڪانپوءِ ملندڙ سادو وياج $= \frac{1000 \times 10 \times 2}{100} = \square$

ٽن سالن ڪانپوءِ ملندڙ سادو وياج $= \frac{\square \times \square \times \square}{100} = 300$

اهڙيءَ طرح 6,5,4 سال ڪانپوءِ ملندڙ سادو وياج نمبروار 400 ، □ ، □ آهي.

هن سلسلي ۾ $d = \square$ ، ۽ $a = \square$ آهي.

20 سالن ڪانپوءِ ملندڙ سادو وياج

$t_n = a + (n-1)d$

$t_{20} = \square + (20-1)\square$

$t_{20} = \square$

20 سالن ڪانپوءِ ملندڙ سادو وياج = □

# 4 مالي رٿا

## اچو تہ سکي وٺون

- جي ايس ٽي واقفيت
- ٽئڪس اِنوائسز
- جي ايس ٽي ڪٽڻ ۽ اِن پٽ ٽئڪس ڪريڊٽ
- شيئرس، مچيوئل فنڊ ۽ ايس آءِ پي

## اَچو تہ چرچا ڪريون

ماسترياڻي :- وديارٿي دوست، اَسان جي ديش ۾ واپار لاءِ ڪهڙي ٽئڪس ويوستا هلندڙ آهي؟

آيوش :- اَسان جي ديش ۾ جي ايس ٽي مطلب شيون ۽ سيوائون ٽئڪس ويوَستا هلندڙ آهي.

ماسترياڻي :- واهہ، اِن بابت توهان کي ڇا ڇا ڄاڻ آهي؟

آيان :- جي ايس ٽي معني Goods and Service Tax.

آيشا :- سڄي ديش ۾ هڪ ئي ٽئڪس عمل ۾ آندل آهي.

ماسترياڻي :- برابر اَڳ ۾ جدا جدا راڄين ۾ جدا جدا ٽئڪس لڳندي هئي اَڳ وارين ٽئڪسن ۾ ڪهڙا ٽئڪس بدلايا ويا آهن اُهي هيٺ ڏنل چتر ۾ ڏسو

شفيق :- اُتپادن ڊيل، حد ڊيل، وئٽ مرڪزي ڊيل، سيوا ٽئڪس، ناڪو وغيرهہ

ماسترياڻي :- اِهي سڀ رد ڪري هاڻي فقط جي.ايس.ٽي خريدي - وڪرو تي لڳائي ويئي آهي. اِها 1 جولاءِ 2017ع کان عمل ۾ آئي. انکري چئجي ٿو هڪ ديش - هڪ ٽئڪس هڪ بازار.



## چاڪي وٺون

**Tax Invoice**

| شيءِ خريدي لاءِ ٽئڪس اِنوائز (نمونو) | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| SUPPLIER : A to Z SWEET MART<br>143, Shivaji Rasta, Mumbai : 400001 Maharashtra<br>Mob. No. 92636 92111 email : atoz@gmail.com | | | | | | | GSTIN :27ABCDE1234H1Z5 | | | | |
| Invoice No. GST/110 | | | | | | | Invoice Date: 31-Jul-2017 | | | | |
| S. No. | HSN code | Name of Product | Rate | Quantity | Taxable Amount | CGST | | SGST | | Total |
| | | | | | | Rate | Tax | Rate | Tax | Rs. |
| 1 | 210690 | پيزا | 400 ر هرهڪ ڪلو | 500 گرام | 200.00 | 2.5% | 5.00 | 2.5% | 5.00 | 210.00 |
| 2 | 210691 | چاڪليٽ | 80 ر | 1 پئڪ | 80.00 | 14% | 11.20 | 14% | 11.20 | 102.40 |
| 3 | 2105 | آئيسڪريم | 200 ر | 1 پئڪ (500 گرام) | 200.00 | 9% | 18.00 | 9% | 18.00 | 236.00 |
| 4 | 1905 | بريڊ | 35ر | 1 گرام | 35.00 | 0% | 0.00 | 0% | 0.00 | 35.00 |
| 5 | 210690 | لوٽي | 500ر هرهڪ ڪلو | 250 پئڪ | 125.00 | 6% | 7.50 | 6% | 7.50 | 140.00 |
| | | | | | ڪُل رقم | | 41.70 | | 41.70 | 723.40 |

ويد : اِن ۾ بل ۾ اَسان کي ڪجهه نوان لفظ نظر اچن ٿا. اُنهن جو مطلب سمجهايو.

ماسترياڻي :- CGST ۽ SGST اِهي جي ايس ٽي جا ٻه ڀاڱا آهن. GST معنيٰ (Central Goods and Services Tax) مرڪزي شيون ۽ سيوا ٽئڪس اِها مرڪزي سرڪار خزاني ۾ جمع ٿئي ٿي.GST معنيٰ (State Goods & Services Tax) راجيه شيون ۽ سيوائون ٽئڪس اِها راجيه سرڪار خزاني ۾ جمع ٿئي ٿي.

ريبا :- مٿي نموني ۾ ساڄي پاسي اکرن ۽ اَنگن وڏي قطار آهي اِهو ڇا آهي؟

ماسترياڻي :- اِهو CGST آهي مطلب واپاريءَ جو سڃاڻپ نمبر (GSTIN - GST Identification Number) جن واپارين جي آرٿڪ سال ۾ ترن اوور 20 لکن کان وڌيڪ آهي اُنهن لاءِ اهو نمبر وٺڻ لازمي آهي PAN ۾ اَهڙا ڏهه اَنگ - اکر هوندا آهن. اهڙي نموني اِن GSTIN ۾ 15 انگ - اکر هوندا آهن. ان 15 اَنگ اَکرن ۾ اُن واپاري جو PAN سمايل هوندو آهي.

مثال : 27 A B C D E 1 2 3 4 H 1 Z (آخر وارو اَکهه يا اِنهن مان هڪ هوندو آهي)

- 27 → راجيه جو 2 اَنگي
- ABCDE1234 → 10اَنگه اَکري PAN
- H → رجسٽريشن نمبر
- 1 → سيني لاءِ ساڳيو (By default)
- Z → چيڪ سم ڊجٽ

(چيڪ سم ڊجٽ اِهو اِنٽرنيٽ ۾ GSTINوجهڻ سان ڄاڻ پوندي ته اِهو صحيح آهي يا غلط)

27 اهو مهاراشٽر جو ڪوڊ (State Code) آهي. اِن مان سمجهه ۾ ايندو ته واپاريءَ جو نالو مهاراشٽر ۾ درج ٿيل آهي.

جيني :- ٽئڪس انوائز ۾ HSN اِهو ڪوڊ ڇا آهي؟

ماسترياڻي :- HSN ڪوڊ مطلب اُن شيءِ جو ورگيڪرڻ ۾ خاص نمبر ڏنل آهي ٽئڪس اِنوائز ۾ اُن جو ملهه لڳائڻو هوندو آهي.

ايچ ايس اين معني Harmonized System of Nomenclature.

جوسف :- ٽئڪس اِنوائز ۾ دڪان جو نالو، ائڊريس، تاريخ، اِنوائز نمبر، موبائيل نمبر، ئي ميل آيڊي آهي.

ماسترياڻي :- هاڻي اِن اِنوائز ۾ شيون ۽ سيوائون ٽئڪس ڪهڙي سِوروپ ۾ آهن، اِهو ڏسون اِن لاءِ هيٺ ڏنل جملن ۾ خالي چوڪنڊا ڀريو. اِنوائز ۾ پيزن جو اَگهه 400 ر في ڪلو گرام آهي. اڌ ڪلو گرام پيزا ورتل آهن. اِنڪري اُنجو ملهه 200ر آهي.

- ر = 2.5% پيزن تي مرڪزي ٽئڪس ، اِن مثان راڄيه جي ٽئڪس ☐ اگهه سان 5 رپيا. ☐
- اِن مان پيزن تي 5% = 2.5%+2.5% 10 ر رپيا.
- ان نموني چاڪليٽ مثان ٽئڪس اَگهه ☐ % مطلب اُن تي ☐ ر ٽئڪس.
- آئيسڪريم مثان GST اَگهه ☐ % = اُن مثان ☐ رپيا ٽئڪس.
- ڍهيءَ مثان مرڪزي ☐ % ۽ راڄيه ☐ % ملائي ☐ % آهي.

آدتيہ :- ڊبل روٽيءَ مثان ٽئڪس 0% آهي ٻئي راڄيه توڙي مرڪزي ٽئڪسون ساڳيون آهن.

نتاد :- شيءِ جي قسم جي آڌار تي ٽئڪس جدا جدا آهن. 0%, 5%, 12%, 18% ۽ 28%.

ماسترياڻي :- هرهڪ شيءِ مثان اَگهه سرڪاري مقرر ڪندي آهي. هاڻي هڪ سيوا اِنوائز نمونو ڏسون ٿا ڏنل چاڙ موجب اِهو اِنوائز پورو ڪريو.

| شيوا ٽئڪس اِنوائز (نمونو) | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| Invoice No. 58 — آها سونيري ڪيٽر - شواپر - پٽي | | | | | | | | |
| Mob. No. 7588580000 email - ahar.khed@yahoo.com | | | | | | | | |
| GSTIN : 27 AAAAA5555B1ZA | | | | Invoice Date : 25-Dec-2017 | | | | |
| S A Code (SAC) | Food items | Qty | Rate (in Rs.) | Taxable amount | CGST | | SGST | |
| 9963 | Coffee | 1 | 20 | 20.00 | 2.5% | 0.50 رپيا | 2.5% | . . . |
| 9963 | Masala Tea | 1 | 10 | 10.00 | . . . . | . . . | 2.5% | . . . |
| 9963 | Masala Dosa | 2 | 60 | . . . . | 2.5% | . . . | . . . | . . . |
| | | | Total | . . . | | . . . | | . . . |
| Grand Total = -------- رپيا | | | | | | | | |

ماسترياڻي :- شيوا ۽ سيوائون ٽئڪس جا ٻئي بل جاچي، ٻنهي بلن جي ڪوڊ ۾ فرق سمجهو.

هريش :- شين جي بل تي HSN ڪوڊ ڏنل آهي تہ وري ناستا گهر بل تي SA ڪوڊ ڏنل آهي.

ماسترياڻي :- SAC مطلب Service Accounting Code - SAC اِهو سيوائن جي ورگيڪرڻ ۾ خاص نمبر آهي SAC مطلب هيٺ ڏنل خاڪي ۾ ڪجهہ شين ۽ سيوائن جا اگهہ ڏيکاريل آهن.

| نمبر | قسم | ٽئڪس جو اَگهہ | شيون ۽ سيوا قسم |
|---|---|---|---|
| I | ٻڙيءَ وارا (Nil rated) | 0% | شيون : اَناج وغيرهہ زندگيءَ لاءِ ضروري شيون، پاچيون، ڦل، ڪير، لوڻ، مٽيءَ جا برتن وغيرهہ<br>سيوائون : ڌارمڪ سنستائن جا پراجيڪٽ، پاڻيءَ جا واهڻ، رستا - پُلن جو اِستعمال، تعليم تندرستي سيوا، عام پبلڪ لئبرري، کيتي سيوا وغيرهہ. |
| II | گهٽ اگهہ | 5% | شيون : عام ڪم ايندڙ شيوا، ايل پي جي سلينڊر، چانهہ، تيل، ماکي فروزن پاچين، لوڻنگہ، مصالحا، منائي.<br>سيوائون: ريلوي، بس واهڻ، ٽئڪس سيوا، ومان (اڪنامي درجو ) هاسٽل ۾ ڪاڏيہ پدارت وغيرهہ. |
| III | پرماڻ اگهہ (سطح I) | 12% | شيون : گراهڪ اِستعمال شيون، لسي، ڏهي، سُڪل ميوو، پاچين ۽ ڦلن مان رسون، مُربو، جيلي، چٽڻي، موبائيل وغيرهہ.<br>سيوائون: ڇپائي - ڪم، گيسٽ هائوس، ڪنسٽرڪشن وغيرهہ |
| IV | پرماڻ اَگهہ (سطح II) | 18% | شيون : ماربل گرئنائيٽ، پرفيومس، ڌاتو، ڪمپيوٽر ، پرنٽر، مانيٽر سي سي ٽي وي وغيرهہ.<br>سيوائون : ڪوريئر سيوا، آئوٽ ڊور ڪئٽرنگہ، سرڪس، ناٽڪ، نماءُ، سنيما، شيئر ٽريڊنگہ، دلالي وغيرهہ |
| V | وڏو اَگهہ | 28% | شيون : لگزري شيون، موٽر سائيڪل، پرزا، ڪار، تماڪ، ٽڏا، پان، مصالحا، وئڪيوم ڪلينر، اي سي يونٽ، واشنگہ مشين وغيرهہ<br>سيوائون : پنج تارا هوٽل، وندر -باغ، واٽر پارڪ، ٿيم پارڪ، ڪئسينو، روس ڪورن، آءِ پي ايل، ومان (اوچو)( وغيرهہ. |

www.cbec.gov.in (Central Board of Excise & Customs) ان سائيٽ تي وڃي 0% کان 5% تائين شين مٿان جي ايس ٽي چڪاس ڪريو.

ٽپ : اها سڀ ڄاڻ سرڪار طرفان منظور ٿيل% تي آهي.

مٿي ڏنل لسٽ ۾ تبديل اَچي سگهي ٿي. بجلي، پيٽرول، ڊيزل اِهي جي ايس ٽي ۾ نہ اَچن.

مشغولي -I : توهان جي اِستعمال ۾ گهڻ ڌهن شين جي لسٽ تيار ڪريو اُنهن مٿان جي ايس ٽي اَگهه ڪيترو آهي اُهو لکو. اها ڄاڻ اخبارن، اِنٽرنيٽ، جي ايس ٽي ڪتابن يا شين جي خريدي بابت وسيلي حاصل ڪريو پوءِ دوستن سان اُنهن جي چڪاس ڪريو.

| شيءِ | جي ايس ٽي اگهه | شيءِ | جي ايس ٽي اگهه |
|---|---|---|---|
| 1. اِسڪيچ بُڪ | | 6. ------ | |
| 2. ڪمپاس | | 7.------ | |
| 3.------ | | 8. ------ | |
| 4.------ | | 9. ------ | |
| 5.------ | | 10. ------ | |

مشغولي -II مشغولي -I وانگر ڏهه سيوائون (جهڙوڪ - ريلوي ۽ ايس. ٽي بس سيوا وغيره) ملڻ لاءِ جي ايس ٽي جو اَگهه ڳولهيو يا بل حاصل ڪري تختو پورو ڪريو.

| سيوا | جي ايس ٽي اگهه | سيوا | جي ايس ٽي اگهه |
|---|---|---|---|
| 1. ريلوي بُڪنگ | | 6. ------ | |
| 2. ڪوريئر سيوا | | 7.------ | |
| 3.------ | | 8. ------ | |
| 4.------ | | 9. ------ | |
| 5.------ | | 10. ------ | |

مشغولي -III هيٺون تختو ڏسو ۽ ٻيون شيون ۽ سيوا ڪوڊ ڳولهي لکو.

| سيوا | SAC | GST اَگهه | شيءِ | HSN Code | GST اَگهه |
|---|---|---|---|---|---|
| ريلوي سيوا | 996511 | -- | ديوئلس رنگ | 3208 | 28% |
| ومان (اڪانامي) | 996411 | -- | بال بيئرنگ | 84821011 | 28% |
| چلن سيوا | 997157 | -- | اِسپيڊوميٽر | 8714 | 28% |
| دلالي سيوا | 997152 | -- | پٽاٽا | 0701 | 0% |
| ٽئڪسي | 996423 | -- | -- | -- | -- |
| 5 اِسٽار سيوا | -- | -- | -- | -- | -- |
| -- | -- | -- | -- | -- | -- |

مشغولي -IV : ڪي به 5 شيون ۽ 5 سيوائون اِنهن لاءِ HSN ۽ SAC ڪوڊ جا تختا تيار ڪريو شين ۽ سيوائن جا چٽر چپڪايو. اُن شيءِ ۽ سيوا لاءِ GST جو اَگهه ڳولهي لکو.

خاص ڳالهه شين ۽ سيوائن بابت HSN، SAC، اها مشغولي فقط ڄاڻ لاءِ آهي اِهو ياد ڪرڻ لاءِ نہ آهي.

پروجيڪٽ : جدا جدا قسمن جا بل حاصل ڪريو جيئن شيون سپلاءِ، سيوا بل وغيره اُنهن بلن ۾... حوالي جدا جدا نظريي کان اَڀياس ڪريو ۽ ڪلاس ۾ بحث ڪريو.

## حل ڪيل مثال

مثال (1) آرتي گئس ايجنسي 545 ر ملهہ جو هڪ LPG سلينڊر هڪ گراهڪ کي وڪيو جي ايس ٽي جو اَگهہ 5% آهي تہ گراهڪ کي ڊٻل اِنوائز ۾ مرڪز ۽ راڄيہ جي ڪيتري ٽئڪس ڏيندي گراهڪ کي ڪل ڪيترا رپيا ڏيڻا پوندا؟ آرتي گئسي اجنسي کي ڪل ڪيترا روپيا ٽئڪس ڏيڻي پوندي؟

حل : جي ايس ٽي ٽئڪس اَگهہ = 5% ∴ راڄيہ 2.5% ، ۽ مرڪز = 2.5%.

سي جي ايس ٽي = $\frac{2.5}{100} \times 545 = 13.625 = 13.63$ روپيا

ايس جي ايس ٽي = ٽئڪس اَگهہ = 13.63 ر گراهڪن کي ڏيڻا پوندا

گراهڪن کي ڏيڻا پوندا = $545 + 13.63 + 13.63 = 572.26$ روپيا

27.26=13.63= مرڪز لاءِ + 13.63 راڄيہ لاءِ آرتيءَ کي ڏيڻا پوندا

آرتي گئس اجنسي کي سي جي ايس ٽي -13.63 رپيا ۽ ايس جي ايس ٽي 13.63ر پرڻا پوندا. معنيٰ ڪل ٽئڪس 27.26ر پرڻا پوندا.

مثال 2 : ڪور ۽ ر سيوا ڏيندڙ هڪ ايجنٽ هڪ پارسل ناسڪ کان ناگپور موڪلڻ لاءِ گراهڪ کان ڪل 590 ر ورتا اُن ۾ 500 رپيا ٽئڪس لائق رقم تي 45 رپيا مرڪز جي ۽ 45 رپيا راڄيہ جي ٽئڪس آهي تہ اِن وهنوار ۾ GST اگهہ لهو.

حل : 90 رپيا = 45+45 = ڪل GST

∴ GST اَگهہ = $\frac{90}{500} \times 100 = 18\%$

ڪوريئر سيوا ڏيندڙ ايجنٽ 18% سيوا ٽئڪس ورتي.

مثال (3) شريڌر 50000ر ڇپيل قيمت وارو هڪ لئپ ٽاپ ورتو جو سوچيو دڪاندار اِن قيمت تي 10% ڇوٽ ڏني لئپ ٽاپ مٿان جي ايس ٽي اگهہ 18% آهي تہ دوڪاندار GST جو حساب ٺپائي، اِهو لئپ ٽاپ شريڌر کي ڪيتري وڪيو؟

حل : پهريان ڇوٽ لهنداسين :

ڇوٽ = 50,000 ڇوٽ 10% = 5,000 رپيا

∴ لئپ ٽاپ جي ٽئڪس لائق رقم = 50,000 − 5,000 = 45,000 رپيا

∴ GST 18% =SGST 9% & CGST 9%

SGST = 9% OF 45000 = 4050 رپيا

∴ CGST = 4050 رپيا

∴ لئپ ٽاپ جي قيمت = 45000 + 4050 + 4050 = 53,100 رپيا

شريڌر 53,100 رپيا لئپ ٽاپ ورتو

خاص ڳالهہ : ٽئڪس لائق رقم معنيٰ جنهن قيمت تي ٽئڪس لڳائڻي آهي. اِنوائز ملهہ مطلب ٽئڪس جوڙيل رقم مثال ۾ ڪجهہ مليل نہ هجي تہ وڪرو قيمت ئي ٽئڪس لائق رقم سمجهڻ گهرجي جيڪا جي ايس ٽي مرڪز لاءِ آهي اُها ئي راجيہ لاءِ آهي.

## اَڀياس 4.1

1. پاون ميڊيڪلس دوائون سپلائي ڪندڙ آهي اُن جي دڪان ۾ ڪجهہ دوائن مٿان GST اَگهہ 12% سيڪڙو آهي تہ CGST۽ SGST لهو.

2. هي شيءِ مٿان CGST 9% آهي تہ SGST لهو۽ GSTلهو.

3. ميسرس ريئل پينٽ، 2800 ر في دٻي ہہ دٻا لسٽر رنگہ جا وڪيا GST جو اگهہ 28% تہ انوائز ۾ CGST ۽ GST گهٽي لڳائڻي پوندي.

4. هڪ واچ جي ٽئڪس لاءِ رقم قيمت 586 ر آهي GSTاگهہ 18%آهي تہ اها واچ گراهڪ کي گهٽي ۾ پوندي؟

5. راند ڪندڙ هڪ رموٽ رڪار ڪنٽرول جي GST جوڙيل قيمت . 1770 ر آهي. GSTجو اَگهہ 18%آهي تہ اُن مٿان CGST ۽ SGST لهو.

6. ٽپ ٽاپ اليڪٽرانڪس هڪ ڪمپني کي ڊيڊ ٽن جي AC مٿان ٽئڪس جوڙيل قيمت 51200ر وڪي CGST جو اَگهہ 14% آهي تہ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب انوائز موجب لکو.

(1) SGSTجو اَگهہ (2) ACمٿان GST جو اَگهہ

(3)AC جي ٽئڪس لائق رقم (4) SGST ڪل رقم (5) CGST (6) SGST

7. پرساد 'مهاراشٽر اليڪٽرانڪس گڊس' وٽان 40000 ر ڇپيل قيمت تي واشنگہ مشين ورتي. دڪاندار 5% ڇوٽ ڏني GST جو اَگهہ 28% آهي تہ پرساد گهٽڻ رپين ۾ اِها خريد ڪئي؟ CGST ۽ SGST لهو.



چاڙهي وٺون

واپاري - زنجير جي ايس ٽي (G.S.T .in Trading Chain)

اتپادڪ ← ٻڌو واپار ← ريزڪي واپاري ← گراهڪ

واپار - زنجير (Trading Chain)

سائيءَ نموني واپاري زنجيرن ۾ GST سرڪار ۾ ڪيئن جمع ٿئي ٿي اُهو هڪ مثال ۾ ڏسون.

مثال : سمجهو تہ هڪ ٻڌي واپاريءَ کي اُتپادڪ هڪ گهڙيال نفعو ملائي 200ر وڪيو اُن ٻڌي واپاري اِهو گهڙيال هڪ ريزڪي واپاري کي 300 ر وڪيو. ريزڪي واپاري اِهو گهڙيال گراهڪ کي 400ر وڪيو. جي ايس ٽي 12% آهي اُتپادڪ، ٻڌو واپاري ۽ گراهڪ اِنپٽ ٽئڪس ڪريڊٽ (ITC) ڪيئن پري ٿو. اِهو هيٺ ڏنل نمونو ڏسي اَڀياس ڪريو.

سمجهاڻي :

اُتپادن ڪندڙ ڪان گهڙيال گراهڪ تائين پهچڻ ۾ ٿي وهنوار ٿين ٿا هرهڪ وهنوار ۾ ٿيل ٽئڪس سوروپ، جمع ٿيل ٽئڪس (راجيہ ۽ مرڪز) ڪيئن ٿئي ٿي. اِهو آسان ڏسنداسين.

گهڙيال




گهڙيال ريزڪي واپاري گهڙيال ٻڌو واپاري گهڙيال اُتپادڪ مٿي ڏنل وهنوار ۾ ٽي جدا جدا وهنوار هڪ ئي راجيہ ۾ ٿيا آهن. اُنهن جي هرهڪ ٽئڪس اِنوائز GST هيٺ ڏنل آهي.

| A ۾ GST سوَروپ | |
|---|---|
| گهڙيال جي قيمت | = ₹ 200 |
| CGST 6% | = ₹ 12 |
| SGST 6% | = ₹ 12 |
| ڪل قيمت | = ₹ 224 |

گراهڪ ٽئڪس اِنوائز

**(B2B)**

| B ۾ GST سوَروپ | |
|---|---|
| گهڙيال جي قيمت | = ₹ 300 |
| CGST 6% | = ₹ 18 |
| SGST 6% | = ₹ 18 |
| ڪل قيمت | = ₹ 336 |

ٻڌو واپاري ٽئڪس اِنوائز

**(B2B)**

| C ۾ GST سوَروپ | |
|---|---|
| گهڙيال جي قيمت | = ₹ 400 |
| CGST 6% | =₹ 24 |
| SGST 6% | = ₹ 24 |
| ڪل قيمت | =₹ 448 |

اُتپادڪ ٽئڪس اِنوائز

**(B2C)**



## اِهو ڌيان ۾ رکو

ٻن GSTIN ڌارڪن ۾ ٽيندڙ وهنوار کي Business to Business ٽوري ۾ B2B چئبو آهي. آخرين ڪڙيءَ ۾ اها گراهڪ تائين پهچي ٿي. انکي Business to Consumer يعني B2C چئبو آهي.

هن واپار زنجير ۾ هرهڪ واپاري جي ڀريل GST جي ورهاست هيٺئن ريت آهي :

| | CGST | | SGST | | GST |
|---|---|---|---|---|---|
| • اتپادڪ | ₹ 12 | + | ₹ 12 | = | ڀريل ₹ 24 |
| • ٻڌو واپاري | ₹ 6 | + | ₹ 6 | = | ڀريل ₹ 12 |
| • ريزڪي واپاري | ₹ 6 | + | ₹ 6 | = | ڀريل ₹ 12 |
| ڪُل ڀريل | ₹ 24 | + | ₹ 24 | = | ₹ 48 |

ٽپ : اِهو توهان کي ڌيان ۾ آيو؟ هرهڪ واپاري پنهنجي سطح تي اِنپٽ ٽئڪس ڪريڊٽ ۾ خريديءَ مهل ڏنل ٽئڪس ڪٽ ڪري GST ڀري ٿو آخر ۾ اِهو گهڙيال گراهڪ کي 448ر مليو مليل 48 رپين مان، ڏنل تختي موجب اِهو گراهڪ ئي GST ڀري ٿو. اِنڪري GST هڪ اَڻ سڌي ٽئڪس (Indirect Tax) آهي. پوءِ ٻڌو واپاري ۽ ريزڪي واپاريءَ کي اُنهن جي پاران ڀريل ٽئڪس، ڪين واپس ملي ٿي.

خريديءَ وقت ڀريل ٽئڪس ۾ ڪاٽ ITC (Credit Tax Input)

شيءِ جي اُتپادن کان، اُنجي گراهڪ تائين پهچڻ تائين، هرهڪ وهنوار ۾ GST لڳائي وڃي ٿي. شيءِ وڪڻڻ وقت مليل ٽئڪس مطلب آئوٽ پٽ ٽئڪس اُن واپاري شيءِ خريد ڪرڻ وقت ڏنل ٽئڪس مطلب اِنپٽ پٽ ٽئڪس اِها ٽئڪس آئوٽ پٽ ٽئڪس مان ڪٽ ڪبي اُن کي اِنپٽ ٽئڪس ڪريڊٽ چئبو آهي.

اِنپٽ ٽئڪس - آئوٽ پٽ ٽئڪس - جي ايس ٽي ڀرڻ

ٽپ : ٽوري ۾ سرڪار ۾ ٽئڪس ڀرڻ وقت هرهڪ واپاري خريدي وقت ڀريل رقم، وڪڻڻ مهل حاصل ڪيل ٽئڪس مان ڪٽ ڪري باقي ٽئڪس جمع ڪري ٿو.

## حل ڪيل مثال

مثال (1) شري روهت هڪ ريزڪي واپاري آهي مشين جي خريديءَ وقت 6500 ر GST ڏني.
شين جي وڪڻ سان هن کي GST 8000ر مليو.
تہ (i) اِن پٽ ٽئڪس ۽ آئوٽ پٽ ٽئڪس ڪيتري؟(ii) شري روهت کي Input Tax Credit گهٽي ملندي؟
(iii) هن کي GST ڪيتري ڀرڻي پوندي؟ (iv) مرڪزي ۽ راڄيہ جي ٽئڪس لکو.

حل : شري روهت لاءِ سرڪار کي ڀرڻ جي ٽئڪس

(1) وڪڻ مهل مليل (آئوٽ پٽ ٽئڪس) - 8000 ر

(2) خريديءَ وقت ڏنل ٽئڪس (اِنپٽ ٽئڪس) 6500ر

(3) مطلب اِنپٽ ٽئڪس ڪريڊٽ : 1500=8000-6500 ر

(4) مرڪزي ٽئڪس $\frac{1500}{2}$ = 750ر راڄيہ لاءِ ٽئڪس 750ر

مثال (2) ميسرس جيہ ڪيميڪل 8000 ر ٽئڪس لائق رقم تي پاڻيٽ صابڻ خريد ڪيو ۽ اُهو 10000ر ٽئڪس ٽئڪس لائق رقم تي گراهڪ کي وڪيو GST جو اَگهہ 18% تي جيہ ڪيميڪلس مرڪز ۽ راڄيہ لاءِ ڪيتري ٽئڪس ڀري؟

حل : خريديءَ وقت ڏنل ٽئڪس (Input) 8000 ر تي 18%

$$= \frac{18}{100} \times 8000$$

= 1440 ر

$\therefore$ ITC = 1440 ر

وڪڻ وقت حاصل ڪيل ٽئڪس = آئوٽ پٽ ٽئڪس

$$= \frac{18}{100} \times 10000$$

= 1800 ر

ITC آئوٽ پٽ ٽئڪس = ٽئڪس بل

= 1800 − 1440 = 360 ر

مطلب مرڪز ٽئڪس 180ر ۽ راڄيہ ٽئڪس 180ر

مثال ( 3) ميسرس جيہ ڪيميڪلس 8000ر (ٽئڪس ملايل قيمت) ۾ پاڻيٽ صابڻ خريد ڪري گراهڪ کي 10000 ر (ٽئڪس ملايل قيمت) ۾ وڪيو ٻڌايو تہ جيہ ڪيميڪل مرڪز ۽ راڄيہ جي ڪيتري ٽئڪس ڀري؟ GST جو اَگهہ 18% آهي.

حل : هتي قيمت ٽئڪس ملايم رقم آهي.

ٽئڪس + ٽئڪس لائق رقم = شيءِ جي ٽئڪس ملايل قيمت

پاڻيٽ صابڻ جي قيمت (ٽئڪس لائق) 100ر آهي

ٽئڪس سان گڏ اِها ٿيندي 118ر

$\dfrac{\text{ٽئڪس ملايل قيمت}}{\text{ٽئڪس لائق رقم}}$ = اِهو ريشو مقرر آهي.

سمجهو تہ پاڻيٽ صابڻ جي ٽئڪس لائق قيمت '$x$' رپيا آهي

$\therefore \quad \dfrac{100}{118} = \dfrac{x}{8000}$ اهڙي نموني 10000 رقم لاءِ ٽئڪس لائق رقم

$\therefore \quad x = \dfrac{8000}{118} \times 100 = 6779.66$ ر

$\therefore$ GST = 8000 − 6779.66 خريدي مهل پيريل

$\therefore$ ITC = 1220.34 ر

اهڙي نموني 10000 رقم لاءِ ٽئڪس لائق رقم 'Y'

$\therefore \quad \dfrac{100}{118} = \dfrac{y}{10000}$

$\therefore \quad y = \dfrac{10,00,000}{118} = 8474.58$ ر

$\therefore$ GST = Output tax 10000.00 − 8474.58 =

= 1525.42 ر

$\therefore$ GST = Output tax -Input Tax

= 1525.42 − 1220.34 = 305.08

$\therefore$ راجيہ ٽئڪس = مرڪزي ٽئڪس = 305.08 ÷ 2 = 152.54

جواب : جيہ ڪيميڪلس جي راجيہ ۽ مرڪز جي هرهڪ ٽئڪس 152.54 ر آهي.

> **ٽپ :** مثال (2) ۽ (3) جو ڌيان سان اَڀياس ڪريو وهنوار ۾ اِنهن پنهي جا اِنواتر ڌسڻ لاءِ ملندا. مطلب دڪاندار شيءِ جي ڇپيل قيمت ٽئڪس ملايل رقم ٻڌائي آهي يا ڇپيم قيمت تي ٽئڪس لڳائڻي آهي اِهو سمجهي، پوءِ خريداري ڪريو.

## ICT Tools or Links

مقرر ڪيل تاريخ Tax پري اُن ڪان پوءِ ڏنل تاريخ اَندر (GST Returns) داخل ڪرڻ لازمي آهي.
اِهو سڀ هاڻي On Line تي ٿيندو آهي www.gst.gov.in تي توهان اَڀياس ڪري سگهو ٿا.

مثال (4) هڪ سائيڪل اُتپادڪ، ہڏي واپاريءَ کي هڪ سائيڪل 4000 ر وڪي ہڏي واپاري اُها سائيڪل هڪ ريزڪي واپاريءَ کي 4800 ر وڪي، ريزڪي واپاريءَ اُها سائيڪل گراهڪ کي 5200 ر وڪي سڀ ملهه ٽئڪس لائق رقمون آهن GST جو اَگهه 12% آهي تہ وڪري تي هر ڏاڪي تہ CGST ۽ SGST لهو اِن لاءِ هيٺ ڏنل مشغولي پوري ڪريو.

حل : واپار - زنجير

☐ ← ₹ 4000 (12%) ← ☐ ← ₹ 4800 (12%) ← ☐ ← ₹ 5200 (12%) ← ☐

اتپادڪ وڪڻڻ وقت Tax حاصل ڪئي. = 12% $4000 = \frac{\cdots}{\cdots} \times \cdots = ☐$

ہڏي واپاري Tax حاصل ڪئي = 4800 12% = 576 ر

$\therefore$ GST = Output tax -Input Tax = ہڏي واپاري تي GST

= 576 − 480

= 96 ر

دڪاندار جي GST = 5200 12% = ☐

$\therefore$ GST = Output tax -Input Tax = دڪاندار جي GST

= ☐ − ☐

= ☐

واپار زنجير ۾ پيريل GST جي ورهاست

| ماڻهو | GST ڪل | CGST ڪل | SGST |
|---|---|---|---|
| اُتپادڪ | ₹ 480 | ₹ 240 | ₹ ☐ |
| ہڏو واپاري | ₹ 96 | ₹ ☐ | ₹ ☐ |
| دڪاندار | ₹ ☐ | ₹ ☐ | ₹ ☐ |
| ڪل | ₹ ☐ | ₹ ☐ | ₹ ☐ |

## اَچو تہ ويچار ڪريو

- سمجھيو تہ ھڪ واپاري کي جولاءِ مھني ۾ مليل آئوٽ پٽ ٽئڪس، سندس اِنپٽ ٽئڪس کان گھٽ آھي، اِن حالت ۾ ٽئڪس ڪيئن ڪٽبي؟
- سمجھو ھڪ واپاريءَ جي جولاءِ مھني ۾ آئوٽ پٽ ۽ اِن پٽ ٽئڪس برابر آھن تہ ٽئڪس ڪيتري ڀربي

## اَڀياس 4.2

1. چيتنا اِسٽورس جولاءِ مھني ۾ ڪيل خريديءَ تي 1,00,500 ر GST ڀريو ۽ 1,22,500 ر تي GST حاصل ڪئي تہ اِن عرصي ۾ چيتنا اِسٽورس کي ڪيتري GST ڀرڻي پوندي؟
2. نجما GST قاعدي اَندر درج ٿيل دڪاندار آھي ھن خريديءَ تي ڪل GST 12500 ر ڀريو ۽ وڪري تي GST 147,50 ر حاصل ڪئي تہ ٻڌايو تہ ھن کي Input ٽئڪس ڪريڊٽ ملندي ڇا؟ سندس کي GST ڪيتري ڀرڻي پوندي؟
3. امير اِنٽرپرائيز چاڪليٽ ساس بوتلون خريد ڪرڻ وقت 3800ر GST ڀريو ھن اَڪبر بردرس کي وڪڻڻ مھل 4100 ر GST حاصل ڪئي مينڪ فوڊ ڪارنر اَڪبر بردرس کان اُھي بوتلون 4500 ر GST ڏيئي خريد ڪيون تہ ھرھڪ وھنوار ۾ GST لھو CGST ۽ SGST لھو.
4. چنديگڙھ اِھو مرڪز حد اَندر آھي ھتي ملڪ گئس اجينسي گھرو اُپيوگہ لاءِ گئس ٽانڪيون 24,500 ر خريد ڪيون ۽ اُھي گراھڪن کي 26,500ر وڪيو GST اَگھہ 5% آھي تہ GST لھو CGST ۽ SGST لھو. (مرڪز حد اَندر لاءِ SGST کي UTGST چئبو آھي.)
5. ميسرس بيوٽي پراڊڪٽس 6000 ر تي GST ڏيئي سينگار جا سامان خريد ڪيا ۽ ھڪ گراھڪ کي اِھي 10,000ر ۾ وڪيا تہ اِن وھنوار ۾ ميسرس بيوٽي پراڊڪٽس جي تيار ڪيل ٽئڪس اِنوائز ۾ CGST ۽ SGST ۾ شيون ۽ سيوائون ٽئڪس جي ڪيتري رقم ڏيڪاريل آھي؟
6. ھيٺ ڏنل چارٽ موجب دڪاندار کان گراھڪ (B2C) اِن لاءِ ٽئڪس اِنوائز تيار ڪريو

نالو، ائڊريس، تاريخ وغيرھ توھان پنھنجي پسند انوسار لکو

سپلائر ـ ـ ـ ـ ـ ائڊريس ـ ـ ـ ـ ـ راجيہ ـ ـ ـ ـ ـ تاريخ

انوائز نمبر ـ ـ ـ ـ ـ GSTIN ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ

شين جا تفصيل موبائيل بيٽري ملھہ – ₹ 200 ھڪ GST ملھہ 12% HSN 8507, 1 pc.

ھيڊ فون جو ملھہ – ₹ 750 ھڪ GST ملھہ 18% HSN 8518, 1 pc.

7. هيٺ ڏنل چارٽ موجب هڪ واپاري ڪان ٻئي واپار (B2B) جو ٽئڪس اِنوائز تيار ڪريو نالو، ائڊريس تاريخ وغيره پنهنجي پسنديءَ اَنوسار لکو.

بل نمبر GSTIN تاريخ ائڊريس نالو : سپلائر
GSTIN ائڊريس، نالو حاصل ڪندڙ

شين جا تفصيل (1) پينسل باڪس 100ر، HSN 3924 20ر 12%GST
(2) جڳه - ساپزلس 50 HSN9503 اَگهه 100ر 12%GST
(3) ………………… (4) …………………

وڌيڪ ڄاڻ لاءِ

**ڪمپوزيشن يوجنا (Composition Scheme)**

جن ماڻهن جي گذريل سال ۾ ٽرن اوور1.5 ڪروڙ رپين کان گهٽ آهي. اُنهن لاءِ ڪمپوزيشن يوجنا آهي اِن يوجنا تهت ٽئڪس پريندڙ سرڪار طرفان مقرر ڪيل اَگهن تي ٽئي ٽئڪس پريندو.

**ڪمپوزيشن يوجنا جا اَگهه (GST rates for composition Scheme)**

| نمبر | سپلاءِ ڪندڙ | GST | (CGST + SGST) |
|---|---|---|---|
| 1. | ريستارنٽ | 5% | 2.5% + 2.5% |
| 2. | اُتپادڪ ۽ وڪرو ڪندڙ | 1% | 0.5% + 0.5% |

ڪمپوزيشن يوجنا جي واپارين لاءِ نيم

- واپارين کي گراهڪ کان ڪابه ٽئڪس حاصل ڪرڻي نه آهي. واپارين کي ٽئڪس اِنوائز نه پر (Bill of supply) ڏيڻو آهي.
- واپارين کي هر ٽي مهني ڏنل وقت اَنوسار سرڪار ۾ ٽئڪس جمع ڪرائڻي آهي.
- اِن يوجنا ۾ هو ٻئي راڄيه ۾ ڪجهه به وڪڻي نه ٿو سگهي پر ٻئي راڄيه مان خريد ڪري سگهي ٿو.
- ان يوجنا ۾ واپارين کي به ڪوبه ITC فائدو نه ملڻو آهي.
- واپارين کي دڪان جي بورڊ مٿان لکائڻو آهي. ''ڪامپوزيشن يوجنا واپاري'' (Composition taxable person)
- واپارين کي (Bill of supply) تي چٽن اکرن ۾ ڇپائڻو آهي ته سپلاءِ ته ڪابه ٽئڪس نه ونڻي آهي (Composition taxable person not eligible to collect tax on supplies)

## جي ايس ٽي جون خاصيتون (Features of GST)

- جدا جدا ڪيترن سڌيون ٽئڪسون ملي
- شين ۽ سيوائون هڪ ئي روپ ۾
- واپارين ۾ راجيه حوالي درج ٿيڻ
- GST حاصل ڪندڙ واپارين ڪي سهوليت سان GST پرڻ
- وهنوار ۾ شفاف پڻو
- سادي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ
- ٽئڪس مٿان ٽئڪس نٿي سا لڳي جنهن ڪري شين ۽ سيوائن جي قيمت اِستر رهي ٿي.
- شين ۽ سيوائن ۾ اَنترراشٽريه بازار سان پيٽ ڪرڻ ۾ سندن جنهن ۾ واڌ
- ميڪ اِن اِنڊيا لاءِ رفتار
- تڪنيڪ گيان تي آڌار رکندڙ سرشتو جنهن ڪري فيصلو وٺڻ سولو
- شيون ۽ سيوائون ٽئڪس اِهو ٻٽيرو ماڊل (Dual model) ڪري راجيه ۽ مرڪز لاءِ برابر ٽئڪس

## شيوا ۽ سيوا ٽئڪس جي اندر ايندڙ ٽئڪس

1. CGST-SGST (UTGST):
هڪ راجيه ۾ خريدي وڪرو وهنوار لاءِ

2. ڪمپوزيشن يوجنا (composition Scheme):
جنهن جي ٽرن اوور 20 لکن کان 1.5 ڪروڙ روپين تائين آهي اُنهن کي اِن يوجنا جو لاڀ ملندو. اُنهن کي SGST ۽ CGST اَلڳ اَگهن سان ڏيڻي آهي.

3. IGST:
(Inter State)
انتر راجيه وهنوار ڪندڙ واپارين لاءِ



وڌيڪ ڄاڻ لاءِ

**تڪ ميل شيون ۽ سيوائون ٽئڪس – IGST (Integrated GST)**

جڏهن وڪرو وهنوار ٻن راڄين (Inter State) هوندو آهي اُن وقت GST کي IGST چئبو آهي اِها سڄي مرڪزي سرڪار ۾ جمع ڪرائبي آهي هڪ راڄيه جي واپاري، ٻئي راڄيه مان شيون خريد ڪري پنهنجي راڄيه ۾ وڪيائين ته اُن وقت IGST پرڻ وقت ITC ڪيئن لهبي، اُهو ڏسنداسين.

مثال : هڪ واپاري M( مهاراشٽر جو) 20,000 جا اِسڪوٽر جا پرزا واپاري P(پنجاب) کان ورتا. اُن وقت 28% آڳهه سان هن 5600 رپيا IGST اِها P واپاريءَ کي ڏنا.

M اِهي سڀ پرزا مڪاني گراهڪن کي 25000 ر وڪيا اُن وقت 28% آڳهه سان 7000 ر حاصل ڪئي.

گراهڪ کان حاصل ڪيا.

هاڻي سرڪار کي 5600 ر مان ڪٽ ITC لاءِ ڪيئن ڪبي، اُهو سمجهنداسين.

> نوٽ :- IGST جي ڪريڊٽ وٺڻ لاءِ پهريائين آهي IGST لاءِ، پوءِ CGST لاءِ ۽ بچيل SGST لاءِ وٺبي. هتي M لاءِ IGST ڪانهي مطلب CGST لاءِ ڪريڊٽ وٺبي ۽ بچيل SGST لاءِ ڪريڊٽ وٺبي.

$\therefore$ CGST = 3500 − 3500 = 0

مطلب 5600 ر مان 3500 ر ڪريڊٽ وٺبي بچيل

5600-3500=2100 اِها SGST لاءِ ٿيندي.

> M کي 1400 ر SGST پرڻي پوندي

ڌيان ڏيو ته M واپاريءَ کي خريدي تي ڏنل 5600 ر جي سموري ڪريڊٽ ملي مطلب Input Tax جي ڪريڊٽ ملي.

---

**ITC حاصل ڪيل ٽئڪس**

حاصل ڪيل ٽئڪس (Output Liability)     خريديءَ تي ڏنل ٽئڪس (ITC)




(اِنڪري SGST1400 پرڻي پوندي)



## چاڪي وٺون

اَسان گذريل سال بچت ۽ سيڙپ بابت ڄاڻ حاصل ڪئي آهي اُن موجب توهان جيڪو ممڪن آهي اُهو عمل ڪيو هوندو هميشهه تندرست رهڻ لاءِ جيئن سرير جا سڀ عضوا رڳا ۾ هئڻ گهرجن تيئن مالي تندرستيءَ لاءِ بچت ۽ سيڙپ جو تال ميل هئڻ گهرجي. سيڙپ جا ڪيترائي قسم آهن اُنهن جو اَڀياس ۽ آزمودو ٿئي ضروري آهن.



## اَچو تہ چرچا ڪريون

شويتا هڪ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندي آهي هن مهني کان سندس پگهار 5 سيڪڙو وڌي ۽ ايندڙ مهني ڪيس بونس بہ ملڻو آهي. هوءَ وڌيل رقم سٺي هنڌ سيڙپ ڪرڻ چاهي ٿي پنهنجي ساهيڙي نيها کان هوءَ صلاح وٺي ٿي نيها چيو، ” سيڙپ لاءِ جيون ويما، ميڊي ڪليم، پنهنجو گهر، بئنڪ F.D ، رڪرنگہ کاتو اِنهن بابت ويچار ڪر“ شيوتا چيو، ”مونکي ويمو ٿيل آهي ۽ بئنڪ ۾ پڻ .. ڪيل آهي پگهار مان بہ ڪٽجندو آهي. اَڃان ٻيا ڪهڙا رستا آهن؟




نيها چيو، ”شيئرس، مُچيل فنڊ (MF) ، ڊبينچرس، بانڊ وغيرهہ بہ سيڙپ ڪرڻا جا رستا آهن.




. جيڪي اڄ وڌيل بہ آهن. S.I.P لاءِ ماڻهن جو رخ وڌيو آهي. توکي هاڻي هر مهني مقرر رقم وڌيڪ ملڻ واري آهي. اِن ڪري اُها SIP ( SIP - Systematic Investment Plan ) ۾ تون مقرر ٿيل رقم رکين سگهين ٿي.

اَهڙا گفتگو اَسان جدا جدا هنڌن تي ٻڌندا آهيون جي نقص ڄاڻ ئي سپني لاءِ مفيد ٿيندي. اَچو تہ اَسان شيئرس، مُچئل فنڊ ۽ SIP بابت ڄاڻ حاصل ڪريون.



## چاڙهي وتون

### شيئرس (Shares)

ماڻهوءَ جو پنهنجو دڪان آهي تہ اِنکي مالڪپڻو (پروپرائيٽرشپ) چئبو ہ چار ماڻهون ملي واپار ڪن تہ اُنکي ڀائيوار (پارٽنرشپ) چئبو پر ڪا ڪمپني، ڌندو يا ڪارخانو شروع ڪرڻ لاءِ وڏي سيڙپ کپي، اِها سيڙپ سماج مان ڪٺي ڪجي ٿي.

ڪارخانو يا ڪمپني شروع ڪندڙ ماڻهن نہ گڏ ٿي سماج مان پئسا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمپني ٺاهيندا آهن پارٽيہ ڪمپني 1956 اَنوسار ڪمپني پهريائين درج ڪرائبي آهي. ڪمپني ٺاهيندڙن کي پروموٽرس چئبو آهي. اِها ڪمپني پبلڪ لميٽيڊ ڪمپني هوندي آهي.

ڪمپني شروع ڪرڻ لاءِ جيڪي پئسا کپن، اُن کي سيڙپ چئبو آهي اِن سيڙپ جا ننڍا ننڍا حصا 100ر وغيرھ ملهہ وارا هوندا آهن هرهڪ حصي کي شيئر چئبو آهي اِهي شيئر وڪڻي ڪمپني سيڙپ ڪٺي ڪندي آهي.

شيئر : ڪمپني جي سيڙپ جي هڪ حصي کي شيئر چئبو آهي. شيئر سرٽيفڪيٽ مٿان شيئر جو ملهہ، شيئرن جو اَندازُ نمبر وغيرھ ڇپيل هوندا آهن.

**شيئر هولڊر (شيئر ڌارڪ)** : شيئر خريد ڪندڙ کي شيئر هولڊر (Share Holder) چئبو آهي. ائين چئجي تہ شيئر هولڊر اُن ريشي موجب ڪمپنيءَ جو مالڪ آهي.

**اسٽاڪ ايڪسچينج** (Stock Exchange) اُها جڳهہ جتي شيئرس خريد ڪيا ويندا آهن يا وڪيا ويندا آهن اُنکي شيئر بازار (اِسٽاڪ ايڪسچينج يا اِسٽاڪ مارڪيٽ يا اِڪوٽي مارڪيٽ يا ڪئپيٽال مارڪيٽ يا شيئر مارڪيٽ) چئبو آهي. پبلڪ لميٽيڊ ڪمپنيءَ جو شيئر بازار ۾ درج ڪرائڻ (Listed Company) ضروري آهي.

درسني ملهہ (Face Value-FV) : ڪمپنيءَ جي شيئر سرٽيفڪيٽ تي ڇپيم هڪ شيئر جي قيمت کي درسني ملهہ (FV) چئبو آهي. بازار ملهہ (Market Value-MV) جنهن قيمت تي شيئر بازار ۾ شيئر جي خريدي - وڪرو ٿيندو آهي اُنکي بازار ملهہ (MV) چئبو آهي.

ڪمپني ٺهڻ بعد جيڪڏهن ڪمپنيءَ سٺي نموني ترقي ڪئي تہ اُن ڪمپنيءَ جي شيئرن جي بازار ۾ گهرج (Demand) وڌندي وڃي ٿي. جڏهن تہ ڪمپني طرفان شيئرن جو انداز مقرر ٿئي ٿو تہ اُن جي انداز ۾ واڌ ڪري نہ ٿي سگهجي اِن ڪري اُن ڪمپنيءَ جي شيئرن جو ملهہ وڌندڙ رهي ٿو. جيڪڏهن ڪمپني گهاٽي ۾ آهي تہ شيئرن جو بازار ملهہ گهٽجندو رهي ٿو. اِن واڌ - لاهہ کي نمبروار ▲، ▼ نشانين وسيلي ڏيکارجي ٿو. اِن واڌ لاهہ جي ڪري شيئر بازار جو عدد وڌندو يا گهٽجندو رهي ٿو.

شيئرن جو اَگهه هر پل بدلجندڙ رهي ٿو.

نفعو - حصو (Dividend) ڪمپني جي مالي سال ۾ ٿيل نفعو شيئر ڌارڪن ۾ شيئرس اَنداز موجب ورهايو ويندو آهي. اُنکي ڊويڊنڊ چئبو آهي.

ڪمپني سٺي نموني هلندي رهي ته ڪمپنيءَ جي پراپرٽي وڌندي رهي ٿي ۽ شيئر هولڊرن کي فائدو ملندو رهي ٿو اِهو ياد رهي ته ڊويڊنڊ تي اِنڪم ٽئڪس نه لڳندي آهي.



### اِهو ڌيان ۾ رکو

شيئرس جو اَگهه پل ، بازار ۾ وڌندو يا گهٽجندو رهي پر نفعو حصو (ڊويڊنڊ) اِهو درستي ملهه (FV) تي ئي ملندو آهي.

### وڌيڪ ڄاڻ لاءِ

ممبئيءَ جي شيئر بازار (بامبي اِسٽاڪ ايڪسچينج BSE) ۽ راشٽريه شيئر بازار (نئشنل اِسٽاڪ ايڪسچينج NSE) اِهو ڀارت جو ٻه مکيه شيئر بازارون آهن ممبئيءَ جي شيئر بازار جهوني ۾ جهوني ۽ راشٽريه شيئر بازار اِها وڏي ۾ وڏي شيئر بازار آهي.

شيئر بازار ۾ واڌ - لاهه سمجهڻ لاءِ SENSEX (سينسيڪس) ۽ NIFTY(نفٽي) اِهي ٻه مکيه فوٽ نمائون آهن. SENSEX اِهو SENsisive + indEX اِنهن ٻن لفظن مان تيار ٿيل آهي. BSE 1.1.1986 کان SENSEN ڏيڻ شروع ڪبو . سيني کان وڏي سيڙپ وارين درج ٿيل اَهڙين 30 ڪمپنين جا اَگهه ٻڌائيندي رهي ٿي. NIFTY اِهو NSE+FIFTY لفظن مان نهيل آهي. اِها سيني کان ترقي ڪيل اوچ اَهڙين 50 ڪمپنين بابت ٻڌائي ٿي.



### ICT Tools or Links

SEBI اِنٽرنيٽ تي وٺو BSE، NSE ۽ دوردرشن جي چئنلس يا نيٽ تي شيئر بازار ڄاڻ ڏيندڙ ويڊيو ڏسو، اِن کي سمجهو شيئرن ۾ واڌ لهه .. تي لڳاتار ڏيکاريا ويندا آهن. عام طور متي ڏنل پتي BSE ممبئي ۽ هيٺ واري پتي NSE شيئرن جو اَگهه ٻڌائي ٿي شيئرن جي بوڪ وئليو (Book value) بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

## درستي ملهہ ۽ بازار ملهہ وچ‌ڀيٽ (Comparison of FV and MV) :

(1) جيڪڏهن MV > FV تہ شيئر وڌيڪ ملهہ اگهہ تي (share is at premium) آهي ائين چئبو آهي.

(2) جيڪڏهن MV=FV تہ شيئر برابر ملهہ تي آهي (share is at par) ائين چئبو آهي.

(3) جيڪڏهن FV > MV تہ شيئر گهٽ ملهہ تي آهي (share is at discount) ائين چئبو آهي

مثال (1) سمجهہ FV= 10ر ۽ MV= 15ر اِهو شيئر جو اَگهہ آهي

شيئر پريميم تي آهي. 5 = 10 - 15

(2) سمجهہ FV= 10ر ۽ MV= 10ر

0=10-10 مطلب شيئر ائٽ پار آهي.

(3) سمجهو تہ FV= 10ر MV= 7ر

3=7-10 تہ شيئر ڊسڪائونٽ تي آهي.

ڪل سيڙپ : شيئرس خريديءَ لاءِ ڪل لڳل رقم

مطلب ڪل سيڙپ

هڪ شيئر جو بازار ۾ ملهہ x شيئرن جو انداز = ڪل سيڙپ

مثال 100 رپيا FV واري شيئر جي قيمت 120 ر MV جي حساب سان 50 شيئر خريد ڪيا ويا تہ ڪل سيڙپ ڪيتري؟

حل : هڪ شيئر جو MV x شيئرن جو انداز = ڪل سيڙپ

= 50x120 = 6000 رپيا

## شيئرس جو موٽ (Rate of Return) :

اگهہ اَسان جي شيئرن ۾ لڳايل سيڙپ عرصي بعد ڪيتري موٽ ڏيئي ٿي اِهو سمجهڻ اَهميت واري آهي.

مثال ( 1) راجيش 100 ر FV هڪ شيئرن 120 ر MV جي حساب سان خريد ڪيو ڪمپني 15% ڊويڊنڊ ڏنو تہ شيئرس جو موٽ اَگهہ لهو.

حل : Dividend= 15% ,MV=120 ,FV= 100   سمجهو تہ موٽ اَگهہ x% آهي.

هتي سمجهو تہ 120 ر سيڙپ تي 15% ملن ٿا

| | |
|---|---|
| 15 : 120 جيڪڏهن | |
| x : 100 تہ | |

$$\therefore \quad \frac{15}{120} = \frac{x}{100}$$

$$\therefore \quad x = \frac{15\times100}{120} = \frac{25}{2} = 12.5\%$$

جواب : راجيش کي موٽ اَگهہ 12.5% مليو.

مثال (2) FV = 100ر Premium = 65 ر تہ MV لهو = ؟

حل : MV = FV + Premium = 100 + 65 = 165ر

شيئر جو بازار ملهہ 165 رپيا آهي.

مثال (3) هيٺ ڏنل تختو مناسب عدد پري پورو ڪريو

| نمبر | FV | ملهہ جو قسم | بازار ملهہ |
|---|---|---|---|
| (i) | ₹ 10 | وڌيڪ اگهہ ₹ 7 | |
| (ii) | ₹ 25 | | ₹ 16 |
| (iii) | | برابر اگهہ | ₹ 5 |

حل : (i) 17 = 7 + 10 ر ، (ii) 9ر = 16 - 25 (iii) 5 ر

مثال (4) نيرج هن جدا جدا ڪمپنين ۾ شيئرس ۾ سيڙپ ڪئي

ڪمپني A : 350شيئرس، FV = 10 ₹، شيئر وڌيڪ اَگهہ = 7 ر

ڪمپني B : 2750شيئرس، FV = 5 ₹ ، شيئر وڌيڪ اَگهہ = 4 ر

ڪمپني C : 50 شيئرس، FV = 100₹ ، شيئر وڌيڪ اَگهہ = 150ر

حل: ڪمپني A : شيئرس = 7 ر ۾ وڌيڪ اَگهہ FV + Premium

= 10 + 7 = 17ر

∴ 5950 = 17 × 350 = شيئرس جو اَنداز = سيڙپ

ڪمپني B ۾ 11,000ر =2750x4= xM.V شيئرس جو انداز = سيڙپ

ڪمپني C ۾ 7,500ر =50x150= xM.V شيئرس جو انداز = سيڙپ

ڪل سيڙپ = 5950+ 11000 + 7500 = 24450ر

مثال (5) سميتا 12,000 ر + سيڙپ 10ر F.V وارا شيئر 2 ر پريميم اَگهہ سان ورتا. ٻڌايو تہ هن ڪل ڪيترا شيئرس خريد ڪيا. اِن لاءِ هيٺيئين مشغولي پوري ڪريو.

حل : 2 ر ، Premium = 10ر ، FV =

∴ MV = FV + ☐ = ☐ + ☐ = ☐

∴ شيئرس جو اَنداز = ڪل سيڙپ / MV = 12000 / ☐ = ☐ شيئرس

جواب : سميتا ☐ شيئرس خريد ڪيا

مثال (6) FV 10 ر ملهه وارا 50 شيئرس MV ر في شيئر سان خريد ڪيا ويا ڪمپني اُن تي30% ڊويڊنڊ ظاهر ڪيو تہ (1) ڪل سيڙپ (2) مليل ڊويڊنڊ (3) شيئرس جو موٽ آگهہ لهو

حل : شيئرس جوFV = 10 ر MV= 25 ر۽ شيئرس جو اَنداز = 50

∴ 250 ر = 25x50 = ڪل سيڙپ

$$\text{ڊويڊنڊ} = 10 \times \frac{30}{100} = 3\text{ر هرهڪ شيئر تي}$$

∴ 50 شيئرس تي ڊويڊنڊ = 150=50x3 ر

$$\therefore \quad \text{موٽ آگهہ} = \frac{\text{ڪل ڊوينڊ}}{\text{ڪل سيڙپ}} \times 100$$

$$= \frac{150}{1250} \times 100 = 12\%$$

جواب (1) ڪل سيڙپ : 1250ر (2) 50 شيئرس تي مليل ڪل ڊويڊنڊ 150ر (3) موٽ آگهہ 12%

## اَڀياس 4.3

1. هيٺ ڏنل تختو مناسب عدد ڀري پورو ڪريو

| نمبر | FV | آگهہ جو قسم | MV |
|---|---|---|---|
| (1) | 100 رپيا | برابر آگهہ | . . . |
| (2) | . . . | وڌيڪ آگهہ = 500رپيا | 575 رپيا |
| (3) | 10 رپيا | . . . | 5 رپيا |

2. بازار آگهہ (MV) 80 رپئي FV 100ر وارا 50 شيئرس خريد ڪيا ويا اُن سال ڪمپني 20% ڊويڊينڊ ڏنو تہ سيڙپ تي موٽ آگهہ لهو.

3. جوسف جدا جدا ڪمپنين ۾ شيئرس وٺي سيڙپ ڪئي تہ سندس ڪل سيڙپ لهو.

ڪمپني A : 500 ر =FV پريميم شيئرس ڪمپني شيئرس

ڪمپني B : 500 ر =MVهڪ شيئر

4. شريمتي ديشپانڊي 20000 رسيڙپ ڪري5 رپئي درسني ملهہ وارا 20 ر وڌيڪ آگهہ تي شيئرس خريد ڪيا ڏايو تہ هن ڪل ڪيترا شيئرس خريد ڪيا؟

5. ڪمپني 7% ڊويڊينڊ ظاهر ڪرڻ تي شري شانتيلعل 100ر درستي ملهہ 120 ر بازار ملهہ تي 150شيئرس خريد ڪيا تہ سندس سيڙپ تي موٽ - آگهہ ڪيترو؟

6. هيٺ ڏنل ڪمپنين مان ڪنهن ۾ سيڙپ فائدي واري ٿيندي؟ ٻنهي ڪمپنين ۾ شيئر جو درستي ملهه ساڳيو آهي ڪمپني A جو بازار ملهه 80 رپيا ۽ ڊويڊينڊ 16% ڪو ڪمپني B جو بازار ملهه 120 رپيا ۽ ڊويڊنڊ 20% آهي .

## ICT Tools or Links

انٽرنيٽ تي يا ٻئي ڪنهن ملهه ذريعي پنجن ڪمپنين جا درسني ملهه ۽ بازار ملهه شيئرس جا جاچيو اُنهن جو ڏنل ڪالم گراف ڪيو ۽ ڀيٽ ڪريو. (ممڪن هجي تہ ▼ ,▲ ٻنهي قسمن جا شيئرس ڏسو)

## ڄاڻي ونون

## شيئرس جي خريدي وڪرو تي دلالي ۽ ٽئڪس (Brokerage and taxes on share trading)

دلالي (بروڪريج Brokerage) شيئرس جي خريدي وڪرو خانگي نموني نٿو ڪجي اِهو شيئر بازار جي منظور ٿيل شخص يا سنستا پاران ڪيو ويندو آهي. اُنهن کي **شيئر دلال (Share Broker)** چئبو آهي. دلال ذريعي شيئرس جي خريدي ۽ وڪرو ڪندي بازار ملهه انوسار جيڪو ملهه دلال وٺندو آهي اَنکي دلالي چئبو آهي. معنيٰ شيئرس خريدي ڪندڙ ۽ وڪرو ڪندڙ ٻنهي کي دلالي ڏيڻي پوي ٿي.

مثال 1: سمجهو 100 ر FV ۽ 150 ر MV وارا شيئر آهن. دلالي ۽ جو اَگهه 0.5% آهي. اَهڙن 100 شيئرن خريد ڪرڻ لاءِ ڪيتري رقم ڏيڻي پوندي؟ اَهڙا 100 شيئر وڪڻڻ سان ڪيتري رقم ملندي؟

شيئرس خريد ڪرڻ مهل

دلالي +MV = هڪ شيئر جي خريدي

= 150 ر + 150 ر 0.5% = 150 + 0.75

= 150.75 ∴ هڪ شيئر جي خريدي قيمت

100 شيئرس جي خريدي = 100 × 150.75 = 15075ر

هتي 15000ر جا شيئرس 75 ر دلالي آهي.

شيئرس - وڪرو مهل

دلالي - MV = هڪ شيئر جو وڪرو

= 150 ر - 150 ر 0.5% = 150 - 0.75

= 149.25 ∴ هڪ شيئر جي وڪرو قيمت

∴ 100 شيئرس جي وڪرو قِيمت = 14925 = 100 × 149.25

∴ 100 شيئرس وڪڻڻ سان 14925 ر ملندا.

## اِهو ڌيان ۾ رکو



- دلالي هميشه بازار اَگهه تي لهبي آهي
- شيئر خريد يا وڪڻ مهل دلاليءَ لاءِ هڪ شيئر تي حساب ڪيو ويندو آهي.

**مشغولي I :** پنهنجي علائقي ۾ شيئر دلالي سيوا ڏيندڙ شخص يا سنستا بابت ڄاڻ حاصل ڪريو اُنهن جي دلالي اَگهن وچ ۾ ڀيٽ ڪريو.

**مشغولي II :** ڊي - مئٽ کاتو ( Demat A/c ) ۽ ٽريڊنگ کاتي جا تفصيل ( Statement ) حاصل ڪريو اُن ۾ ڪهڙا ڪهڙا مُدا هوندا آهن اِن بابت نيت جا دلال کان حاصل ڪريو. دوستن ۾ چرچا ڪريو.

**وڌيڪ ڄاڻ لاءِ :** هرهڪ شيئر دلال کي سيبي (SEBI - Securities and Exchange Board of India) قاعدو 1962 تحت درج ڪرائڻو آهي ۽ اُن مٿان SEBI جو ضابطو هوندو آهي

شيئرس، بانڊس، مُچيئل فنڊ وغيره جي درج ڪرائڻ لاءِ ڊي - مئٽ کاتو ۽ خريدي وڪري ٽريڊنگ کاتو ( Dematerialized Account, Trading Account ) کولڻ ضروري آهن اِهي کاتا بئنڪ يا دلالن معرفت کوليا ويندا آهن DP Depository Participants اِهي NSDL,DP ۽ CDSL اِنهن ۾ جي هيٺ هوندا آهن ڊي - مئٽ کاتي ۾ شيئرس جي خريدي ۽ وڪرو جو حساب رکيو ويندو آهي اِهو بئنڪ کاتي وانگر ئي هوندو آهي وڪيل شيئرس جو خرچ Debit ۾ ۽ خريد ڪيل شيئرس جو جمع Credit ۾ درج ڪبو آهي. اُنهن جا تفصيل (Statement) گُهرڻ سان ملندي آهي اِن لاءِ مقرر في ڀربي آهي اِن کاتي ۾ توهان جا شيئرس اليڪٽرانڪ فارمن ۾ جمع رهندا آهن. اِنهن پنهي کاتن سان توهان جي بئنڪ جي بچت کاتي سان جوڙيو ويندو آهي شيئرس جي خريديءَ وقت پئسا اُن مان ڪٽجندا رهن ٿا ۽ شيئرس جي وڪرو وقت اُن ۾ پئسا جمع ٿيندا آهن. دلال ۽ بئنڪ عملو اِنهن بابت مارگدرشن ڪندا آهن.

## ڄاڻي وٺو



### دلالي مٿان دلالي سيوا جو GST (GST on brokerage services)

مارگه درشن شيئر دلال اُنهن جي کاتيدارن پاران شيئرس جي خريدي وڪرو جي سيوا ڏيندا آهن.

دلالي سيوا جو GST اَگهه 18% آهي اُنهن جو SAC نمبر ڄاڇيو.

ٽپ : گراهڪن جي سلامتيءَ لاءِ GST ڪانسواءِ شيئرس جي خريدي - وڪرو تي اَڃا به ڪجهه ننڍيون ٽئڪسون آهن مثال سيڪيورٽي ٽرانزيڪشن ٽئڪس (STT) SEBI چارج، اِسٽئمپ ڊيوٽي وغيره اُنهن بابت اَسان هتي ويچار نه ڪنداسين فقط دلاليءَ مان بابت ويچار ڪنداسين.

مثال (2) مثال (1) ۾ هڪ ماڻهوءَ 15075ر جا شيئرس خريد ڪيا. اِن رقم تي 75ر دلالي آهي تہ هنڪي 75 ر تي 18% اَگهہ سان ڪيتري ٽئڪس لڳندي اِها لهوءِ اُنجي Statement تيار ڪريو.

حل : سمجهو 75ر تي GST = $75 \times \frac{18}{100}$ =

13.50 ر

B شيئرس خريديءِ جو تفصيل نوٽ

| شيئرس جي ڪُل خريدي قيمت | 9% دلالي SGST | 9% دلالي CGST | دلالي 0.5% | شيئرس جي FV | شيئرس MV | شيئرس جو تعداد |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 15088.50 ر | 6.75 ر | 6.75 ر | 75 ر | 15000 ر | 150 ر | 100(B) |

مثال (3) بشيرخان 40 ر MV تي 100 شيئرس خريد ڪيا دلاليءَ جو اَگهہ 0.5% ۽ GST آهي تہ 100شيئرس تي ڪل ڪيترو خرچ ٿيو؟

حل : 100 شيئرس جي قيمت 4000 = 100 × 40 ر

هڪ شيئر تي دلالي = $40 \times \frac{0.5}{100}$ = 0.20 ر

∴ هڪ شيئر جي خريدي قيمت + شيئرس جو اَگهہ = دلالي

= 40 + 0.20 = 40.20 ر

∴ 100 شيئرس جي قيمت 4020 ر = 100 × 40.20 =

100 شيئرس جي دلالي 20 ر = 100 × 0.20

∴ دلاليءَ تي = $\frac{18}{100} \times 20$

= 3.60 ر

جواب : بشير خان 100 شيئرس خريد ڪيا 4023.60 ر = 3.60 + 4020 =

مثال (4) پنڪج 1,25,295 ر سيڙپ ڪري 10 درسني ملهہ وارا ۽ 125 ر بازار ملهہ وارا شيئرس خريد ڪيا دلاليءَ جو اَگهہ 0.5% ۽ GST 18% آهي. (1) ڪل ڪيترا شيئر خريد ڪيا؟ (2) ڪل ڪيتري دلالي ڏني؟ (3) GST ڪيتري پري؟

حل : ڪل سيڙپ 1,25,295ر بازار ملهہ 125ر

دلالي 0.2% ۽ GST=18%

هڪ شيئر جي دلالي = $0.25 = \frac{0.2}{100} \times 125$ ر

هڪ شيئر دلالي تي GST = $0.25 \times 18\% = 0.045$ ر

∴ هڪ شيئر جي ڪل خريدي = بازار اَگهه + دلالي + GST

$= 125 + 0.25 + 0.045 = 125.295$ ر

∴ شيئرس جو اَنداز = $1000 = \frac{125295}{125.295}$ شيئرن

∴ ڪل دلالي $250 = 1000 \times 0.25 =$ رپيا

ڪل GST $45 = 0.045 \times 1000 =$ رپيا

جواب (1) 1000 شيئرس خريد ڪيا (2) دلالي 250 ر (3) جي ايس ٽي 45 ر

مثال (5) نليني ٻائي 10 ر درسني ملهه ۽ بازار اَگهه 60 ر ڊويڊنڊ ملڻ بعد 50 ر بازار اَگهه سان وڪٽي چڙيا هر وهنوار ۾ دلالي 0.4% آهي ته هنڪي نفعو ٿيو يا نقصان اِهو خالي چوڪنڊا ڀري لهو.

حل : هتي ٽئڪس جو اگهه ڏنل نه آهي انڪري هتي GST جو ويچار نه ڪيل آهي

10ر درسني ملهه جو شيئر 60 ر خريد ڪيو.

هرهڪ شيئر جي دلالي = $\frac{0.4}{100} \times 60 = \square$ رپيا

∴ هڪ شيئر جي قيمت = $0.24 + 60 = \square$ رپيا

∴ هڪ شيئرس جو اَنداز $100 = \frac{6024}{60.24}$ شيئرس خريد ڪيا

10 ر درسني ملهه وارا شيئرس 50 ر بازار ملهه تي وڪيا ويا

∴ هرهڪ شيئر تي دلالي $0.20 = 50 \times \frac{0.4}{100} =$ رپيا

∴ هڪ شيئر جي وڪرو قيمت = $0.20 - 50 = \square$ رپيا

∴ 100 شيئرس جو ڊويند قيمت = $49.80 \times 100 = \square$ رپيا

فائدو - حصو 60% مليو

∴ هڪ شيئر تي ڊويڊينڊ = $6 = 10 \times \frac{60}{100}$ رپيا

∴ 100 شيئرس جو ڊويند قيمت = $6 \times 100 = \square$ رپيا

∴ نيلني ٻائي کي مليا (شيئرس وڪرو + ڊويڊينڊ) $\square + \square = 5580$ رپيا

نليني ٻائيءَ جي ڪل سيڙپ = 6024 رپيا

∴ نقصان = $\square - \square = \square$ رپيا

جواب نليني ٻائي کي ڪل 444 ر نقصان ٿيو.

مشغولي : خريدي وڪرو تي 18% GST ۽ مثال (5) موجب نقصان ڪيو. توهان جو جواب 451.92 ر اَچي ٿو ڇا؟ جاچ ڪريو



### جاڳي وٺون

## مچئل فنڊ (Mutual Fund – MF)

شيئرس جو اَڀياس ڪندي آسان سمجهو ته ڪمپني ناڻي لاءِ چاهڪ ماڻهو ڳڏ ٿي. سماج جي سهڪار سان وڏي لاڳت جمع ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪمپني سٺي هلي ته سيني ماڻهن جو فائدو ٿيندو. شيئرس جو بازار ملهه وڌڻ سان فائدو ٿي ٿو. ڪمپنيءَ جي ڪئپيٽم وڏي ٿي. ديش جي ترقي ٿئي ٿي. ٿوري ۾ سماج شاستر جو تتو 'Together we can progress' پر هر سڪي ڪي به پاسا هوندا آهن. شيئرس ۾ ڪڏهن ڪڏهن فائدي بدران نقصان ٿيندو آهي. اِهو نقصان گهٽائي سگهجي ٿو ڇا؟ سيڙپ ڪندڙن لاءِ اِهو خطرو گهٽائي سگهجي ٿو ڇا؟ ها. اَڄڪلهه ڪيترائي ماڻهو مُچئل فنڊ ۾ سيڙپ ڪندا آهن.

مچئل فنڊ مطلب گهڻين ئي سيڙپ ڪندڙن جا پئسا ڳڏ ڪري ناهيل رقم : اِها رقم شيئرس ۾ سيڙپ نه ڪري، سيڙپ جي ڀين قسمن ۾ سيڙايا ويندا آهن جوکم گهٽ ۽ فائدو سيني کي ورهايو ويندو آهي مُچئل فنڊ ۾ سيڙپ ڪيئن ڪجي؟ اُن مان موٽ ڪيئن ملندي آهي؟ ڪيتري عرصي لاءِ رقم سيڙائبي؟ اِنهن سوالن جا جواب مالي - ماهر صلاح ڏيئي ڏائي سگهندو.

> Investments in Mutual Funds are subject to Market risks. Read all scheme related documents carefully.
>
> اهو جملو توهان ڪيترائي دفعا پڙهو يا ڏٺو هوندو اِن جو مطلب سمجهي وٺو. ڪيترائي دفعا MF ۾ فائدي بدران نقصان به ٿي سگهي ٿو. اِهو سيڙپ ڪندڙن کي سوچڻ گهرجي.

MF مطلب ماهر پروفيشنل ماڻهن طرفان ناهيل فنڊ يوجنا اِنهن ماهرن کي AMC مطلب Company Asset Management چئبو آهي. بازار کي سمجهي هي سيڙپ ڪندڙن جا پئسا لڳائيندا آهن جدا جدا ڪمپنين، شيئرس، اِڪوٽي، فنڊ ۾، ڊبينچرس، بانڊس وغيره ۾.

شيئر بازار ۾ پئسا لڳائڻ سان آسان کي شيئرس يونٽس ملندا آهن. MF ۾ آسان کي ملندا آهن

هر يونٽ جو بازار اَگهه اُنجي Net asset Value - Units آهي.

هڪ يونٽ جو NAV x يونٽن جو اَنداز = ڪل سيڙپ ملهه.

ٽپ: شيئرس وانگر MF جا يونٽ پڻ بازار اَگهه ۾ گهٽجندا وڌندا رهندا آهن. اِنهن جي ڊمانڊ تي اِهي خريد ڪيا وڃن ٿا.

بئنڪ يا پارٽيه پوسٽ سيوا ۾ سيڙپ وڌيڪ سلامتيءَ واري آهي اِهو ڌيان رکڻ گهرجي تہ صحيح ڍنگ سان پئسا سيڙپ ڪرڻ گهرجن اِن کي چئبو آهي مالي يوجنا (Financial Planning) اِن ڪري مناسب ويچار ڪري ئي پئسا سيڙائڻ گهرجن.

## نيمت سيڙپ يوجنا (SIP -Systematic Investment Plan)

سمجهو تہ MF ۾ هڪ وقت وڏي رقم آسان سيڙائي نٿا سگهون تہ هر مهني ننڍي قسط سيڙپ ڪري سگهجي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ 500 ر مُچئل فنڊ ۾ سيڙائي سگهجن ٿا. اِن نموني ماهوار يا ٽماهي قسط سيڙائي سگهجي ٿي. اِن ۾ بچت ٿيندي رهي ٿي ۽ اَڳتي بہ مالي مقصد پورا ٿين ٿا. وڏي عرصي لاءِ بہ سيڙپ ڪرڻ فائديمند آهي اِن ۾ جوکم گهٽ آهي. گهٽ ۾ 3 کان 5 سال، وڌ ۾ وڌ 10-15 سال مدو هئڻ گهرجي.

MF جا فائدا

- آزمودگار ماهر مئنيجر
- سيڙپ ۾ جدا جدا ماڌيم (diversifications of funds)
- شفاف پٽو
- گهٽ جوکم
- وڪڻڻ جي سهوليت
- گهٽ ۽ وڌ عرصي ۾ فائدو
- ڪجهہ مقرر ٿيل فنڊ (ELSS) ۾ 80c اِنڪم ٽئڪس رعايت

### حل ڪيل مثال

مثال (1) هڪ مُچئل فنڊ 15 بازار اَگهه 200 ڪروڙ ر ۾ 8 ڪروڙ يونٽس آهن تہ هڪ يونٽ جو NAV لهو.

حل: هڪ يونٽ جو NAV ر = 200 ڪروڙ رپيا / 8 ڪروڙ يونٽ = 25 ر يونٽ

مثال (2) مثال (1) ۾ توهان 10000 جي سيڙپ ڪئي تہ توهان کي ڪيترا يونٽ ملندا؟

حل: يونٽس جو اَنداز = 10,000/25 = 400 يونٽس ملندا.

## اَڀياس 4.4

1. هڪ شيئر جو بازار اَگهه 200 ر ۽ دلالي 0.3% آهي تہ اِن شيئر جي خريدي ڪهڙي؟
2. هڪ شيئر جي بازار ملهہ 1000 ر ۽ دلالي 0.1% تہ اِن شيئر جو وڪرو ڪيترو؟
3. هيٺ شيئر خريدي جو تختو پورو ڪريو (B= خريد ڪيا، S = وڪيا)

| شيئرس انداز | بازار ملهہ | شيئرس قيمت | دلالي 0.2% | دلالي جي CGST 9% | دلالي جي SGST 9% | ڪل قيمت |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 100 B | 45 ر | | | | | |
| 75 S | 200 ر | | | | | |

4. شريمتي ديسائي 100ر درسني ملهہ جا شيئرس بازار ملهہ 50 ر هوندي وڪيا تہ اُنکي 4988.20 ر مليا. دلالي 0.02% ۽ دلالي تي GST 18% آهي تہ اُن گهڻا شيئرس وڪيا اِهو لهو.

5. مسٽر ڊسوزا 50 درسني ملهہ جا 200 شيئرس 100 رپئي وڏيڪ اگهہ تي خريد ڪيا. اُن تي ڪمپني 50% ڊيوڊنٽ ڏنو. ڊيوڊنٽ ملڻ کانپوءِ 100 شيئرس 10 ر گهٽ قيمت تي وڪيا ۽ بچيل 75 شيئرس وڏيڪ اگهہ تي وڪيا. هرهڪ وهنوار ۾ 20 ر دلالي ڏني. تہ اُن ۾ هنکي فائدو ٿيو يا نقصان؟ ڪيترو؟

## گڏيل اَڀياس 4 A

1. مناسب متبدل جواب چونڊي لکو

(1) جيون لاءِ ضروري شين جو GST اگهہ .......... آهي.

(A) 5%  (B) 12%  (C) 0%  (D) 18%

(2) هڪ ئي راجيہ ۾ واپار لاءِ مرڪزي ٽئڪس ۾......... آهي.

(A) IGST  (B) CGST  (C) SGST  (D) UTGST

(3) اسان جي ديش ۾............ کان جي ايس ٽي شروع آهي.

(A) 31 مارچ 2017  (B) 1 اپريل 2017

(C) 1 جنوري 2017  (D) 1 جولاءِ 2017

(4) اِسٽيل برتنن تي جي ايس ٽي 18% آهي تہ اُن مٿان راجيہ جي جي ايس ٽي .......... آهي.

(A) 18%  (B) 9%  (C) 36%  (D) 0.9%

(5) GSTIN ۾ ڪل ............ اَنگہ - اکر هوندا آهن.

(A) 15  (B) 10  (C) 16  (D) 9

(6) هڪ درج ڪيل واپاريءَ جو ٻئي درج ڪيل واپاري جي وهنوار کي ......... چئبو آهي.

(A) BB (B) B2B (C) BC (D) B2C

2. 25000 ر هڪ شوبيز تي واپاريءَ 10% چوٽ ڏيئي، بچيل رقم تي 28% جي ايس ٽي لڳائي ته ڪل بل گهٽ رپين جو ٿيندو؟ اُن ۾ CGST ۽ SGST ڪالمن ۾ گهٽي رقم پيربي؟

3. هڪ ريڊيميڊ ڪپڙن جي دڪان ۾ 1000ر قيمت جي ڊريس تي 5% چوٽ ڏيئي باقي رقم تي 5% GST لڳائي ويو ته اُن لاءِ گهٽا رپيا لڳندا؟

4. سورت، گجرات جي هڪ واپاري 2.5 لک ر ٽئڪس لائق رقم جا سوٽي ڪپڙا راجڪوٽ، گجرات ۾ وڪيا ته ٻئي واپاري کي 5% GST تي ڪيترا رپيا لڳندا؟

5. شريمتي ملهوترا 85,000ر هڪ سولار سيٽ خريد ڪري 90,000 ر وڪيو GST 5% حساب سان کيس ڪيترا روپيا واپس ملندا؟

6. Z سيڪيورٽي ڊينڊز ڪمپني 64,500 ر ٽئڪس لائق رقم جون سيوائون ڏنيون GST 18% آهي اِن ڪمپني لانڊري سروس لاءِ 1550ر پيري آهي. اِن ڪمپني جو ITC ڪيترو؟ CGST ۽ SGST لکو.

7. هڪ واپاري پوليس ڪنٽرول روم لاءِ ٽئڪس سيمنٽ 84000ر قيمت جا واڪي ٽاڪي وڪيا GST 12% آهي ته CGST ۽ SGST لکو.

★8. هڪ ٻڌي واپاريءَ ٽئڪس لائق 50,000 ر جا بجلي اوزار خريد ڪيا اِن اِهي سپ ريزڪي واپاريءَ کي ٽئڪس لائق رقم 1,80,000ر وڪيا 2,20,000ر ته هرهڪ وهنوار ٽئڪس اِنوائز ۾ CGST ۽ SGST ڪٿيو ۽ هرهڪ واپاري لاءِ CGST ۽ SGST لکو.

★9. آٽا پاٽل (ٿاڻي، مهاراشٽر) 14000ر ٽئڪس لائق رقم تي هڪ وئڪيوم ڪلينر (ممبئي) جي هڪ واپاريءَ کي وڪيو GST 28% آهي ته وسئيءَ جي واپاري اِهو گراهڪ کي 16800 ر وڪيو ته

(1) اٽا پاٽل جي CGST ۽ SGST لکو.

(2) وسئي جي واپاريءَ جي گراهڪ جي CGST ۽ SGST لکو

(3) وسئي واپاريءَ جي CGST ۽ SGST لکو.

★10. هيٺ هڪ واپار - زنجير ۾ A,B,C ۾ GST 12% سان لهو.




(1) اُتپادڪ، ڊسٽريبيوٽر، ريزڪي واپاري سرڪار ۾ GST ڪهڙي سِري هن ڏيکاري آهي اهڙو تختو تيار ڪريو.

(2) آخر ۾ اِها گراهڪ کي ڪهڙن رپين ۾ پيئي؟

(3) هن زنجير ۾ B2B ۽ B2C اِنوائز ڪهڙا؟ اِهي لکو.

## گڏيل اَڀياس 4 B

1. هيٺ ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊيو

(1) درسني ملهه (FV) 100ر، بازار ملهه (MV) 75ر ته ڪهڙو جملو صحيح آهي.

(A) 175 ر وڌيڪ اگهه  (B) 25 ر گهٽ اگهه

(C) 25ر وڌيڪ اگهه  (D) 75 رگهٽ اگهه

(2) 50% ڊويڊينڊ ظاهر ڪيل ڪمپني جو 10ر FV لاءِ هڪ شيئر جو ڊوينيڊ ڪيترو؟

**(A) 50 ر  (B) 5 ر  (C) 500 ر  (D) 100 ر**

(3) هڪ مچيئل فنڊ جي هڪ يونٽ جو NAV **10.65** آهي ته 500 يونٽس جي قيمت ڪيتري؟

**(A) 5325  (B) 5235  (C) 532500  (D) 53250**

(4) دلالي تي GST ................ اگهه آهي.

**(A) 5%  (B) 12%  (C) 18%  (D) 28%**

(5) شيئرس خريد ڪرڻ وقت هڪ شيئر جي قيمت لهڻ لاءِ بازار اَگهه، دلالي ۽ GST جو .......... ڪرڻو پوندو.

(A) جوڙ  (B) ڪٽ  (C) ضرب  (D) ونڊ

2. 100ر تي وي وارا شيئر 30 ر وڌيڪ اَگهه تي خريد ڪيا ويا دلالي 0.3% ته هڪ شيئر جي قيمت لهو.

3. پرشانت 100رFV وارا 180ر MV تي 50 شيئر خريد ڪيا ڪمپني 40% ڊويڊينڊ ڏنو تہ پرشانت جو سيڙپ موٽ اَگهہ لهو.

FV. 100ر FV ۽ 30 ر گهٽ اَگهہ تي 300 شيئرس وڪيا تہ ڪل ڪيترا رپيا ملندا؟

5. 100ر FV ۽ 120ر MV 60000ر سيڙائي شيئرس خريد ڪيا ويا شيئرس جو انداز لهو.

6. شريمتي گيتا اَگروال 100 ر MV تي 10,200 شيئرس خريد ڪري 60 شيئرس 125رMV ۽ بچيا شيئر 90ر MV تي وڪيا ڪيس فائدو ٿيو يا نقصان؟ ڪيترا رپيا؟

7. 100ر، درستي ملهہ وارن ٻن ڪمپنين جا MV ۽ ڊويڊينڊ ڏنل آهن ٻڌايو تہ ڪهڙي ڪمپني ۾ سيڙپ فائديواري ٿيندي؟

(1) A- ڪمپني 12% 132 ر (2) A- ڪمپني 16% 144 ر

8.★ آدتيہ 100ر FV، 50ر MV تي 50118ر جا شيئرس خريد ڪيا دلالي 0.2% ڏني ۽ اُن تي 18% GST آهي تہ اُنکي 50118 رپئي ۾ گهٽا شيئرس ملندا.

9.★ شري باٽلي والا 303.50ر جا شيئرس وڪيا ۽ 69650 ر جا شيئرس خريد ڪيا اُن ڏينهن خريدي / وڪري تي 0.1% دلالي ۽ اُن تي GST18% ڏنو. اِن وهنوار ۾ دلاليءَ تي GST لهو.

10.★ شريمتي اَروڻا نڪر هڪ ڪمپنيءَ جا 100 شيئرس 1200ر خريد ڪيا دلالي 0.3% ۽ اُن تي GST18% ڀري تہ

(1) ڪل سيڙپ ڪيتري؟ (2) سيڙپ تي دلالي ڪيتري؟

(3) دلاليءَ تي GST ڪيتري؟ (4) 100 شيئرن تي ڪل ڪيترو خرچ آيو؟

11.★ شريمتي اَنگما دوشي 661ر بازار اَگهہ تي 22 شيئرن ورتا. هن جي ڪل ڪيتري سيڙپ؟ اُنهن شيئرس تي 20% ڊوينيڊ وٺي 100ر درسني قيمت جو 650ر بازار اَگهہ تي وڪيا. هرهڪ وهنوار ۾ دلالي 0.1% هئي اِن وهنوار ۾ نفعو يا نقصان سيڪڙو لهو.

▢▢▢

# 5 اِمڪان



## اَچو تہ سکون

- اِمڪان : سڃاڻپ
- جنس اُوڪاش گھٽنا
- اٽڪل وارو تجربو ۽ نتيجو
- گھٽنا جو اِمڪان



## هلو تہ چرچا ڪريون

ماستر : وديارٿي دوستو، اَسان جي ڪلاس ۾ جيترا شاگرد آهن، اوترين چٽين هن ڪوڪي ۾ وڌل آهن. هرهڪ ڪي هڪ چٽي ڪڍڻ آهي. چٽيءَ تي ٻوٽن جا نالا لکيل آهن ڪنهن بہ چٽيءَ تي ساڳيو ٻوٽو نہ ڏنل آهي. سڀ ڇٽا رول نمبر موجب قطار ۾ ٻيهو. سيني کي چٽي ملڻ ڪانپوءِ ئي توهان پنهنجي چٽي پڙهندا. اَسان ڏسندا سين تہ تلسي ٻوٽي واري چٽي ڪنهن کي ٿي ملي؟

اَروڻا : سر، مان قطار ۾ پهرين نمبر تي آهيان. مان پهرين چٽي نہ ڪڍندس ڇو تہ ايترن چٽين ۾ مونکي اُها ئي چٽي ملي، اِن جو اِمڪام تمام گھٽ آهي.

جهرينا : سر، مان تہ بلڪل آخر ۾ آهيان مان آخرين چٽي نہ ڪڍندس ڇو تہ تلسي واري چٽي تہ اَڳ ۾ئي ڪنيل هوندي ٿوري ۾ پهرين ۽ آخرين شاگرد کي اِها چٽي ملي، اِن جو اِمڪان گھٽ آهي. مٿي ڏنل گفتگو مان اِمڪان گھٽ يا اِمڪان وڌيڪ بابت ويچار ڪيل آهي. اَسان روزاني زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ هيٺيان لفظ واپرائيندا آهيون.

- ممڪن آهي
- اڪثر
- گھڻو ڪري
- تي سگھي ٿو
- ناممڪن
- پڪ، لڳ ڀڳ،
- 50-50

ٿيندڙ ڳالهين بابت هيٺ ڏنل بيان ڏسو

- گھڻو ڪري اَڄ برسات پوندي
- مهنگائي وڌي سگھي ٿي
- ڀارت کي ڪرڪيٽ ۾ ورلڊ ڪپ ملڻ ممڪن آهي.
- پڪ ئي مان پهريون نمبر ايندس
- ٻارن کي پوليو ڊوز ڏبو تہ پوليو جي بيماري ٿيڻ ممڪن نہ آهي.



ﭘر واري شڪل ۾ ڪرڪيٽ رانديگر سڪو
ڦٽي ڪري رهيا آهن ڇا ايندو؟

☐ يا ☐





مطلب سِڪو ڦٽي ڪرڻ تي ☐ اَچي سگهي ٿو

مشغولي 1 ڪلاس ۾ هرهڪ شاگرد هڪ سِڪو اُڇلائيندو ته ڇا ايندو. (ماسٽر بورڊ تي تختو تيار ڪري جواب لکي ٿو)

| ڪر ( T) | بُر (H ) | ممڪن |
|---|---|---|
| . . . | . . . | شاگردن جو اَنداز |

مشغولي 2 هاڻي هرهڪ شاگرد اُهو سڪو ٻه دفعا اُڇلائي ڇا ممڪن ٿيندو؟

| TT | TH | HT | H H | ممڪن |
|---|---|---|---|---|
| | | | | شاگرد جو اَنداز |

مشغولي 3 پنهنجي ويجهو ڏارو اُڇلايو اُن جي مٿاڇڙي تي ڇا ايندو. انجو جو ويچار ڪريو.



(هتي ڏاري جو مٿان وارو پاسو ڏيکاريل آهي.)

جاڻي وٺون

## اَٽڪل وارو تجربو (Random Experiment)

اهو تجربو جنهن ۾ سڀ ممڪن نتيجا اَڳواٽ ئي ڄاڻل رهن پر ڪنهن به نتيجي جي خاطري نه هجي، اُن کي اَٽڪل وارو تجربو چئبو اهي. مثال : سڪو اُڇلائڻ، ڏارو اُڇلائڻ، 1 کان 50 اَنگن جي سيٽ مان هڪ ڪارڊ ڪڍڻ، راند ۾ 52 پتن مان هڪ پتو ڪڍڻ وغيره.

## نتيجو (Outcome)

اَٽڪل واري تجربي ۾ ايندڙ جواب حاصل ٿيل ڳالهين کي نتيجا چئبو آهي.

مثال(1) هڪ سڪو اُڇلائڻ سان ٻه نتيجا اَچن ٿا

(1) مان ڪر (T) ۽ ٻڙ (H)

(2) هڪ ڊارو ڦٽي ڪرڻ سان 6 نتيجا ايندا ٽُبڪن جي عددن تان 6 نتيجا ممڪن آهن.
1 يا 2 يا 3 يا 4 يا 5 يا 6

(3) هڪ ڪانُ 50 اَنگ لکيل ڪارڊن مان هڪ ڪارڊ ڪڍڻ وقت 50 نتيجا ممڪن آهن.

(4) راند جي پتن مان هڪ پتو ڪڍڻ، اِن اَٽڪل واري تجربي ۾ 52 پتا آهن، اِهو هيٺ ڏيکاريل آهي.







ڪدو، چڙيا، ايٽ يا پان اِهي ۴ ويس آهي هڪ ويس جا 13 پتا آهن ان ۾ بادشاهه بيگم ۽ غلام انگن وارا پتا. اَنگ لکيل پتي کي يڪو چئبو آهي. بادشاهه بيگم ۽ غلام اِهي درشتي پتا آهن. ڪل اِهي 12 پتا آهن.

## برابر ممڪن نتيجا (Equally Likely Outcomes)

جيڪڏهن اَسان هڪ ڊارو اُڇليون ٿا ته هرهڪ اَنگ اَچڻ جي سمپاونا ساڳي آهي. مطلب 1 کان 6تائين ڪوبہ اَنگ متئين متاچڙي تي اَچڻ جو اِمڪان ساڳيو آهي. جيڪڏهن ڪو ڊارو اَهڙي نموني ٺهيل آهي جو ڪو خاص اَنگ هر گهڙي اَچي ٿو ته اِهو ڊارو غلط (biased) آهي اِنڪري اِهي نتيجا برابر ممڪن نہ آهن اِنڪري اَٽڪل واري تجربي ۾ گهٽتا (Fair يا Unbiased) هئڻ گهرجي.

جيڪڏهن ممڪن نتيجن مان ڪوبہ نتيجو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دفعا حاصل نٿو ٿئي تہ اهڙن نتيجن کي برابر ممڪن نتيجا چئجي ٿو. مثال آسان سڪو اُڇلايون ٿا تہ ڪر يا ٻُر جا نتيجا برابر عدد ۾ اَچڻ جو اِمڪان آهي يا ڊارو ڦٽي ڪرڻ سان 1 کان 6 تائين نتيجا برابر عدد ۾ اَچن.

## اَڀياس 5.1

1. هيٺ ڏنل تجربن ۾ ڪيترو اِمڪان آهي؟

(i) ونيتا کي مهاراشٽر جي سئر جڳهين بابت ڄاڻ آهي هن کي ميءِ جي مهني ۾ موڪلن ۾ اُتي وڃڻو آهي اَجنتا، مهابليشور، لورينڊ، ڻاڊونا ون، آمبولي، رائيگڙهہ، مئٿيرا، آنند ون.

(ii) هڪ هفتي ۾ اَٽڪل واري تجربي مان هڪ ڏينهن چونڊڻ

(iii) ڀتن مان اٽڪل واري تجربي مان هڪ پتو چونڊڻ

(iv) هرهڪ ڪارڊ تي هڪ انگہ اُن موجب 10 کان 20 تائين انگہ لکيل آهن. اُنهن مان هڪ ڪارڊ اٽڪل واري تجربي موجب چونڊڻ.

### ويچار ڪريو

هيٺ ڏنل تجربن ۾ ڪهڙي تجربي ۾ نتيجي ملڻ جو اِمڪان وڌيڪ آهي؟

(i) هڪ ڊارو ڦٽي ڪرڻ سان 1 ملڻ

(ii) هڪ ناڻو اُڇلائڻ سان H ملي.






### ڄاڻي وٺون

### جنس اَوڪاش (Sample Space)

اَٽڪل واري تجربي جي ممڪن سيني نتيجن جي سيٽ کي جنس اوڪاش چئجي ٿو.
اهو S يا $\Omega$ (گريڪ اَکر اومگيا) نشاني وسيلي ڏيکارجي ٿو. جنس اَوڪاش جي هرهڪ تتوکي جنس ٽِڪو چئجي ٿو. 'S' سيٽ ۾ تتون جو تعداد n(S) وسيلي ڏيکارجي ٿو. جيڪڏهن n(S) محدود آهي تہ اِن کي محدود جنهن آوڪاش چئجي ٿو. هيٺ محدود جنس اَوڪاش جا مثال ڏنل آهن.

| نمبر | اَٽڪل تجربو | جنس اَوڪاش | جنس ٽيڪا |
|---|---|---|---|
| 1 | هڪ سڪو اُڇلائڻ | S = {H, T} | n(S) = 2 |
| 2 | ٻه سڪا اُڇلائڻ | S = { HH, HT, TH, TT} | n(S) = ☐ |
| 3 | ٽي سڪا اُڇلائڻ | S = {HHH, HHT, HTH, THH, HTT, THT, TTH, TTT} | n(S) = 8 |
| 4 | هڪ ڏارو اُڇلائڻ | S = {1, 2, 3, 4, 5, 6} | n(S) = ☐ |
| 5 | ٻه ڏارا اُڇلائڻ | S = {(1, 1), (1, 2), (1, 3), (1, 4), (1, 5), (1, 6),<br>(2, 1), (2, 2), (2, 3), (2, 4), (2, 5), (2, 6),<br>(3, 1), (3, 2), (3, 3), (3, 4), (3, 5), (3, 6),<br>(4, 1), (4, 2), (4, 3), (4, 4), (4, 5), (4, 6),<br>(5, 1), (5, 2), (5, 3), (5, 4), (5, 5), (5, 6),<br>(6, 1), (6, 2), (6, 3), (6, 4), (6, 5), (6, 6)} | n(S) = 36 |
| 6 | 1 کان 25 تائين اَنگَ لکيل ڪارڊن مان 1 ڪارڊ ڪڍڻ | S = {1, 2, 3, 4, .. .. ... .. .. .. .. .. .. .. .., 25} | n(S) = ☐ |
| 7 | چٽيءَ طرح ڏاپ ڏنل 52 پتن مان هڪ پتو ڪڍڻ | ايٽ : ايڪا , 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, راجا, راڻي، غلام<br>پان : ايڪا , 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, راجا, راڻي، غلام<br>ڪدو : ايڪا , 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, راجا, راڻي، غلام<br>چڙيا : ايڪا , 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10,راجا, راڻي، غلام | n(S) = 52 |



**اِهو ڌيان ۾ رکو**

(i) سڪو ٻه دفعا اُڇلائڻ يا 2 سڪا هڪ دفعو اُڇلائڻ ٻنهي تجربن ۾ جنس اَوڪاش ساڳيو رهندو.

(ii) هڪ ڏارو ٻه دفعا اُڇلائڻ يا 2 ڏارا هڪ دفعو اُڇلائڻ ٻنهي تجربن ۾ جنس اَوڪاش ساڳيو رهندو.

## اَڀياس 5.2

1. هيٺ ڏنل هر هڪ تجربي ۾ اَوڪاش ’S‘ ۽ اُن ۾ سمايل جنس ٽيڪا n(S) لکو.

(1) هڪ سڪو ۽ هڪ ڏارو هڪ ئي وقت اُڇلائڻ

(2) 5,3,2 اَنگن مان بنا ڏهرائڻ جي ٻن اَنگن وارا عدد تيار ڪرڻ.

(2) ڇهن رنگن واري گول ڦرندڙ ڦرڪي مٿان ڪهڙي رنگ تي تير چپڪندو؟




| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| MARCH - 2019 | | | | | | |
| M | T | W | T | F | S | S |
| | | | | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 |

(3) سال 2019 جي مارچ مهني ۾ 5 جي ضربجندڙ جون تاريخون حاصل ڪريو.
(ڏنل ڪيلينڊر جو پتو ڏسو)

(4) ٻن ڇوڪرن (B1 , B2) ۽ ٻن ڇوڪرين (G1 , G2) انهن مان هڪ رستو - سلامتي سمتي ٺاهڻ آهي. اِن لاءِ جنس اوڪاش (S) لکڻ لاءِ مشغولي پوري ڪريو .

(1) ٻن ڇوڪرن جي سمتي = ☐ (2) ٻن ڇوڪرين جي سمتي = ☐

(3) هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري ٻن ڄڻن جي سمتي = $B_1, G_1$ ☐ ☐ ☐

(4) ∴ جنس اَوڪاس = {.... ,.... ,.... ,.... ,.... ,.... ,....}

## چاڪي وٺون

### گهٽنا (Event)

ڏنل شرط جو پورائو ڪندڙ نتيجن کي سٺاوا نتيجا (favourable outcome) چئبو آهي. جنس اوڪاش ڏنل آهي . گهٽنا جنس اوڪاش جو اُپ سيٽ اهي گهٽنائون انگريزي وڏن اَکرن A, B, C, D وغيره روپ ۾ ڏيکاريبيون آهن.

مثال : ٻه سڪا اُڇلايا A گهٽنا ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ T اَچي

$$A = \{TT, TH, HT\}$$

گهٽنا A جي تتون جو تعداد n(A) ڏيکاربو آهي. $n(A) = 3$

| گهٽنا جا قسم | وڌيڪ چاڻ لاءِ |
|---|---|
| (i) يقيني گهٽنا (Certain event) | (iv) پورڪ گهٽنا (Complement of an event) |
| (ii) ناممڪن گهٽنا (Impossible event) | (v) اڻ ميلاپي گهٽنائون (Mutually exclusive events) |
| (iii) هڪ تتوي گهٽنا (Simple event) | (vi) سمپورن گهٽنائون (Exhaustive events) |

## حل ڪيل مثال

مثال (1) ٻہ سڪا اُڇلائڻ واري تجربي ۾ جنس اوڪاش 'S' لکو n(S) لکو هن ڏنل گهٽنائن جا سيٽ n(S) تتون جو اَنداز لکو

(i) گهٽنا A: گهٽ ۾ گهٽ هڪ 'H' هئڻ گهرجي.

(ii) گهٽنا B: هڪ H هئڻ گهرجي.

(iii) گهٽنا C: وڌ ۾ وڌ هڪ T هئڻ گهرجي.

(iv) گهٽنا D: هڪ بہ H نہ هئڻ گهرجي.

حل : ٻہ سڪا هڪ وقت اُڇلائڻ

$S = \{HH, HT, TH, TT\}$ $\quad n(S) = 4$

(i) گهٽنا A: گهٽنا گهٽ ۾ گهٽ هڪ H هئڻ گهرجي

$A = \{HH, HT, TH\}$ $\quad n(A) = 3$

(ii) گهٽنا B: ۾ هڪ H هئڻ گهرجي

$B = \{HT, TH\}$ $\quad n(B) = 2$

(iii) گهٽنا C: وڌ ۾ وڌ هڪ T هئڻ گهرجي

$C = \{HH, HT, TH\}$ $\quad n(C) = 3$

(iv) گهٽنا D: ۾ هڪ بہ H نہ هئڻ گهرجي

$D = \{TT\}$ $\quad n(D) = 1$

مثال (2) هڪ ٿيلهيءَ ۾ 1 کان 50 اَنگن لکيل ڪارڊ آهن. اُن مان هڪ ڪارڊ ڪيڍٿو آهي تہ S لهو n(S) لهو. B ۽ A گهٽنائون ۽ تتوَن جو اَنداز لکو.

(i) گهٽنا A: عدد 6 سان ونڊجندڙ هجي

(ii) گهٽنا B: ۾ عدد پورڻ ٻي سگهي هجي

حل : $S = \{1, 2, 3, \ldots, 49, 50\}$ $\quad n(S) = 50$

(i) گهٽنا .A: عدد 6 سان ونڊجندڙ هجي

$A = \{6, 12, 18, 24, 30, 36, 42, 48\}$, $\quad n(A) = 8$

(ii) گهٽنا B: عدد پورڻ ٻي سگهي هجي

$B = \{1, 4, 9, 16, 25, 36, 49\}$, $\quad n(B) = 7$

مثال (3) 3 ڇوڪرن ۽ ٻن ڇوڪرين، اِنهن مان ٻن شاگردن جي صفائِي سمتي نـاهٽي آهي ‘S’ ۽ n(S) لکو

هيٺ ڏنل گهٽنائن لاءِ جنس ٽيڪا لهو.

(i) گهٽنا A : گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڇوڪري هئڻ گهرجي

(ii) گهٽنا B : سمتي ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري هئڻ گهرجي

(iii) گهٽنا C: فقط ڇوڪرا هئڻ گهرجن

(iv) گهٽنا D : وڌ ۾ وڌ هڪ ڇوڪري هئڻ گهرجي

حل : سمجهو تي ڇوڪرا آهن $B_1, B_2, B_3$ ۽ تي ڇوڪريون آهن $G_1, G_2$

$$S = \{B_1B_2, B_1B_3, B_2B_3, B_1G_1, B_1G_2, B_2G_1, B_2G_2, B_3G_1, B_3G_2, G_1G_2\} \qquad n(S) = 10$$

(i) گهٽنا A ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڇوڪري هئڻ گهرجي

$$A = \{B_1G_1, B_1G_2, B_2G_1, B_2G_2, B_3G_1, B_3G_2, G_1G_2\} \qquad n(A) = 7$$

(ii) گهٽنا B ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري هئڻ گهرجي

$$B = \{B_1G_1, B_1G_2, B_2G_1, B_2G_2, B_3G_1, B_3G_2\} \qquad n(B) = 6$$

(iii) گهٽنا A ۾ فقط ڇوڪرا هئڻ گهرجن

$$C = \{B_1B_2, B_1B_3, B_2B_3\} \qquad n(C) = 3$$

(iv) $$D = \{B_1B_2, B_1B_3, B_2B_3, B_1G_1, B_1G_2, B_2G_1, B_2G_2, B_3G_1, B_3G_2\} \qquad n(D) = 9$$

مثال (4) ٻہ ڏارا اُڇلائڻ ۾ ‘S’ ۽ n(S) لهو.

هن شرط پورا ڪندڙ گهٽنائن جا سيٽ ۽ تتون جو تعداد لکو

(i) مٿئين مٿاڇري تي اَنگن جو جوڙ مفرد عدد هئڻ گهرجي

(ii) مٿئين مٿاڇري تي اَنگن جو جوڙ 5 جو ضربجندڙ هئڻ گهرجي

(iii) مٿئين مٿاڇري تي اَنگن جو جوڙ 25 هئڻ گهرجي

(iv) پهرين ڏاري جو اَنگ ٻئي ڏاري جي اَنگ کان ننڍو هئڻ گهرجي.

حل جنس اُوڪاش

$$S = \{(1,1),(1,2),(1,3),(1,4),(1,5),(1,6),$$
$$(2,1),(2,2),(2,3),(2,4),(2,5),(2,6),$$
$$(3,1),(3,2),(3,3),(3,4),(3,5),(3,6),$$
$$(4,1),(4,2),(4,3),(4,4),(4,5),(4,6),$$
$$(5,1),(5,2),(5,3),(5,4),(5,5),(5,6),$$
$$(6,1),(6,2),(6,3),(6,4),(6,5),(6,6)\} \quad n(S) = 36$$

(i) سمجهو تہ E گهٽنا ۾ اَنڱن جو جوڙ مفرد عدد آهي

$$E = \{(1,1),(1,2),(1,4),(1,6),(2,1),(2,3),(2,5),(3,2),(3,4),$$
$$(4,1),(4,3),(5,2),(5,6),(6,1),(6,5)\} \quad n(E) = 15$$

(ii) سمجهو تہ F گهٽنا ۾ انڱن جو جوڙ 5 جو ضربجنديڙ هجي

$$F = \{ (1,4),(2,3),(3,2),(4,1),(4,6),(5,5),(6,4) \} \quad n(F) = 7$$

(iii) سمجهو تہ G گهٽنا ۾ اَنڱن جو جوڙ 25 آهي.

$$G = \{ \ \} = \phi \qquad n(G) = 0$$

(iv) سمجهو تہ H گهٽنا ۾ پهرين ڏاري جو انڱہ ٻئي ڏاري جي اَنڱہ کان ننڍو آهي.

$$H = \{(1,2)\ (1,3)\ (1,4)\ (1,5)\ (1,6)\ (2,3)\ (2,4)\ (2,5)\ (2,6)$$
$$(3,4)\ (3,5)\ (3,6)\ (4,5)\ (4,6)\ (5,6)\} \qquad n(H) = 15$$

## اَڀياس 5.3

1. هيٺ هرهڪ اَٽڪل واري تجربي ۾ S,n(S) ساڳئي نموني، C,B,A ۽ n(A), n(B) ۽ n(C) لکو.

(i) هڪ ڏارو اُڇلائڻ

گهٽنا A: متئين متاڇڙي تي ٻڌي عدد هئڻ گهرجي

گهٽنا B: متئين متاڇڙي تي اڪي عدد هئڻ گهرجي

گهٽنا C: متئين متاڇڙي تي مفرد عدد هئڻ گهرجي

(2) ٻہ ڏارا اُڇلائڻ

گهٽنا A: متئين متاڇڙي تي اَنڱن جو جوڙ 6 ضربجنديڙ هئڻ گهرجي

گهٽنا B: متئين متاڇڙي تي اَنڱن جو جوڙ گهٽ ۾ گهٽ 10 ضربجنديڙ هئڻ گهرجي

گهٽنا C: ٻنهي ڏارن تي ساڳيو اَنڱہ هئڻ گهرجي.

(3) ٽي سڪا هڪ ئي وقت اُڇلائڻ

گهٽنا A : گهٽ ۾ گهٽ ٻه دفعا H اَچڻ گهرجي

گهٽنا B : هڪ به H نه هئڻ گهرجي

گهٽنا B : ٻئي سڪي تي H هئڻ گهرجي

(4) : 5,4,3,2,1,0 اَنگ بنا دهراوت واپرائي ٻن اَنگن وارا عدد ٻڌي هئڻ گهرجي.

گهٽنا A : ملندڙ عدد ٻڌي هئڻ گهرجي.

گهٽنا B : 4 سان ونڊجندڙ عدد هئڻ گهرجن.

گهٽنا B : ملندڙ عدد 50 کان وڏا هئڻ گهرجن.

(5) ٽن مردن ۽ ٻن عورتن مان ٻن ڄڻن جي 'پرياورڻ سمتي' ٺاهڻي آهي.

گهٽنا A : سمتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عورت هئڻ گهرجي.

گهٽنا B : سمتي ۾ هڪ مرد ۽ هڪ عورت هئڻ گهرجي.

گهٽنا C : سمتي ۾ هڪ به عورت نه هئڻ گهرجي.

(6) هڪ سڪو ۽ هڪ ڊارو هڪ ئي وقت اُڇلائڻ

گهٽنا A : H ۽ اِڪي عدد هئڻ گهرجي.

گهٽنا B : H يا T ۽ ٻڌي عدد هئڻ گهرجي.

گهٽنا C : T ۽ عدد 7 کان وڏو هئڻ گهرجي.



### چاڻي وٺون

### گهٽنا جو اِمڪان (Probability of an event)

هڪ سولو تجربو سوچيون ٿا هڪ ٿيلهي ۾ ساڳئي آڪار جا چار بال آهن.

اُنهن ۾ ٽي اَڇي رنگ ۽ هڪ ڪاري رنگ جو آهي.

اُنهن مان اکيون بند ڪري هڪ بال ڪڍڻو آهي اَڇي رنگ جو بال هئڻ جو وڌيڪ اِمڪان آهي.

علم رياضي ۾ هڪ گهٽنا جو ممڪن هئڻ کي گهٽنا جو اِمڪان چئجي ٿو.

ڪنهن اَٽڪل واري تجربي ۾ جنس اَوڪاش S ۽ A هڪ گهٽنا آهي ته اُن گهٽنا جو اِمڪان P(A) نموني ڏيکاربو آهي. اِهو سوتر وسيلي لکجي ٿو.

$$P(A) = \frac{\text{A جنس ٽيڪن جو عدد}}{\text{S ۾ ٽيڪن جو عدد}} = \frac{n(A)}{n(S)}$$

متي ڏنل تجربي ۾ سمجھو A گھٽنا ۾ اَڇا بال آھن. $n(A) = 3 \quad n(S) = 4$

∴ تہ A جو اِمڪان : $P(A) = \frac{n(A)}{n(S)} = \frac{3}{4}$

B گھٽنا ۾ سمجھو ڪارو بال آھي تہ B گھٽنا جو اِمڪان $P(B) = \frac{n(B)}{n(S)} = \frac{1}{4}$ ∴ $(B) = 1$

## حل ڪيل مثال

مثال (1) هڪ سڪو اُڇلائڻ ۾ هيٺ ڏنل گھٽنائن جو اِمڪان لھو

(i) H ملڻ　　(ii) T ملڻ

حل : سمجھو تہ S جنس اوڪاش آھي

$S = \{H, T\} \qquad n(S) = 2$

(i) سمجھو A گھٽنا ۾ H ملي ٿي

$A = \{H\} \qquad n(A) = 1$

$$P(A) = \frac{n(A)}{n(S)} = \frac{1}{2}$$

(ii) سمجھو B گھٽنا ۾ T ملي ٿي

$B = \{T\} \qquad n(B) = 1$

$$P(B) = \frac{n(B)}{n(S)} = \frac{1}{2}$$

مثال (2) هڪ ڊارو اُڇلائڻ ۾ هيٺ ڏنل گھٽنائن جو اِمڪان لھو.

(i) متئين متاچڙي تي مغرد عدد هجي.　　(ii) متئين متاچڙي تي عدد ٻڌي هجي.

حل : سمجھو تہ جنس اَوڪاش 'S' آھي

$S = \{1, 2, 3, 4, 5, 6\} \qquad n(S) = 6$

(i) سمجھو A گھٽنا ۾ مغرد عدد آھي.

$A = \{2, 3, 5\} \qquad n(A) = 3$

$$P(A) = \frac{n(A)}{n(S)}$$

$$P(A) = \frac{3}{6} = \frac{1}{2}$$

(ii) گهٽنا B ۾ متئين متاڇڙي تي ٻڌي عدد هجي

$B = \{2, 4, 6\}$ $\quad n(B) = 3$

$$P(B) = \frac{n(B)}{n(S)}$$

$$P(B) = \frac{3}{6} = \frac{1}{2}$$

مثال (3) سني نموني ڦاپيل 52 پتن مان هڪ پتو ڪڍڻ. اِنهن گهٽنائن جو اِمڪان لهو.

(i) پتو ڳاڙهو هجي (ii) درشتي پتو هجي .

حل : سمجهو تہ جنس اَوڪاش S آهي $\therefore\ n(S) = 52$

گهٽنا A: ۾ ڳاڙهو پتو آهي

13 ايٽ + 13 پان = 26 ڳاڙها پتا

$n(A) = 26$

$$P(A) = \frac{26}{52} \qquad \frac{n(A)}{n(S)} = \frac{1}{2}$$

(ii) گهٽنا B ۾ درشتي پتو آهي

ڪل بادشاهہ, راڻي ۽ غلام جا 12 درشتي پتا آهن $\therefore\ n(B) = 12$

$$P(B) = \frac{12}{52} \qquad \frac{n(B)}{n(S)} = \frac{3}{13}$$

مثال (4) هڪ ڪوڪي ۾ 5 اِسترابيري، 6 ڪافي ۽ 2 پيپرمنٽ جا چاڪليٽ آهن تہ

(i) ڪافي چاڪليٽ

(ii) پيپرمنٽ چاڪليٽ اِنهن جو اِمڪان لهو

حل : سمجهو تہ جنس اَوڪاش S آهي $\therefore\ n(S) = 5 + 6 + 2 = 13$

گهٽنا A ۾ ڪافي چاڪليٽ

$n(A) = 6$

$$P(A) = \frac{n(A)}{n(S)}$$

$$P(A) = \frac{6}{13}$$

گهٽنا B ۾ پيپرمينٽ چاڪليٽ

$n(B) = 2$

$$P(B) = \frac{n(B)}{n(S)}$$

$$P(B) = \frac{2}{13}$$



### اِهو ڌيان ۾ رکو

- امڪان ٻڌائڻ يا لکڻ وقت اڪثر يا سيڪڙو واپرائجي ٿو
- ڪنهن به گهٽنا جو اِمڪان 0 کان 1 يا 0% کان 100% هوندو آهي.

مطلب $0 \% \leq P(E) \leq 100 \%$ يا $0 \leq P(E) \leq 1$

مثال $\frac{1}{4}$ اِمڪان 25% لکي سگهجي ٿي.

- باب جي شروعات ۾ ڪلاس ۾ ٻارن کي ٻوٽن جي نالن واريون چٺيون ڪڍڻ لاءِ چيو ويو اُن وقت تلسي ٻوٽي اِهو نالو هوندڙ شاگرد جي اِمڪان بابت ويچار ڪيو ويو هڪ ٺي چٺيءَ تي تلسيءَ جو نالو آهي 40 شاگردن کي اِن تلسيءَ واري نالي ڪڍڻ جي چٺيءَ جو اِمڪان هرهڪ شاگرد لاءِ $\frac{1}{40}$ آهي. شروعاتي، وچ ۾ يا آخر ۾ چٺي ڪڍندڙ بار جو اِمڪان ساڳيو ئي آهي.

## اَڀياس 5.4

1. ٻن سڪن جي اُڇلائڻ سان هيٺ ڏنل گهٽنائن جو اِمڪان لکو.

(1) گهٽ ۾ گهٽ هڪ H ملڻ (2) هڪ به H نه ملڻ

2. ٻه ڏارا اُڇلائڻ سان هيٺ گهٽنائن جو اِمڪان لکو

(1) متئين متاڇڙي تي اَنڱن جو جوڙ گهٽ ۾ گهٽ 10 هئڻ

(2) متئين متاڇڙي تي اَنڱن جو جوڙ 33 هئڻ

(3) پهرين ڏاري جو اَنڱ، ٻئي ڏاري جي اَنڱ کان وڏو هئڻ

3. هڪ پيٽيءَ ۾ 15 ٽڪيٽون آهن هرهڪ ٽڪيٽ تي 1 کان 15 مان هڪ عدد لکيل آهي اُن ۾ هڪ ڪڍڻي آهي ته

(1) ٻڌي عدد هئڻ (2) 5 جو ضربجندڙ عدد اِنهن جو اِمڪان لکو

4. 2,3,5,7,9 اِهي اَنڱ بنا دهرائڻ جي هڪ دفعو ڪم آڻي ٻن اَنڱن وارا عدد تيار ڪيا ته گهٽنائن جو اِمڪان لکو.

(1) عدد اڪي آهي (2) 5 جو ضربجندڙ عدد آهي.

5. چڱيءَ طرح ڦاٻيل 52 پتن مان هڪ پتو ڪڍڻ سان هيٺ ڏنل گهٽنائن جو اِمڪان لکو

(1) يڪو ملڻ (2) ڪُڏوُ پتو ملڻ

## گڏيل اَڀياس -5

.1 هيٺ هرهڪ سوال جو مناسب متبدل چونڊيو

(1) هيٺ ڏنل جوابن مان ڪهڙو اِمڪان ناممڪن آهي .

(A) $\frac{2}{3}$ (B) 1.5 (C) 15% (D) 0.7

(2) هڪ ڊارو اُڇلائڻ سان 3 کان گهٽ ايندڙ انگن جو اِمڪان ............ آهي.

(A) $\frac{1}{6}$ (B) $\frac{1}{3}$ (C) $\frac{1}{2}$ (D) 0

(3) 1 کان 100 تائين ڪنيل مفرد عددن جو اِمڪان ........ آهي.

(A) $\frac{1}{5}$ (B) $\frac{6}{25}$ (C) $\frac{1}{4}$ (D) $\frac{13}{50}$

.4 هڪ ٿيلهي ۾ 1 کان 40 انگ لکيل ڪارڊ آهن. اِنهن ڪارڊن مان هڪ ڪارڊ ڪڍڻ وقت اُهو 5 جو ضربجندڙ آهي ته اِن گهٽنا جو اِمڪان.......... ٿيندو.

(A) $\frac{1}{5}$ (B) $\frac{3}{5}$ (C) $\frac{4}{5}$ (D) $\frac{1}{3}$

(5) جيڪڏهن $n(A) = 2$، $P(A) = \frac{1}{5}$، ته $n(S) = ؟$

(A) 10 (B) $\frac{5}{2}$ (C) $\frac{2}{5}$ (D) $\frac{1}{3}$

.2 باسڪيٽ بال رانديگر جان، واسم ۽ آڪاش هڪ مقرر جڳهه تي راند جو اَڀياس ڪن ٿا باسڪيٽ بال ۾ بال وجهڻ ۾ جان جو اِمڪان $\frac{4}{5}$ ، واسم جو 0.83 ۽ آڪاش جو 58% آهي ته اِنهن مان سڀ کان وڏيڪ اِمڪان ڪنهن جو آهي؟

.3 هڪ هاڪي ٽيم ۾ 6 بچاءُ ڪندڙ، 4 حملو ڪندڙ ۽ 1 گول ڪيپر آهي اَٽڪل تجربي ۾ هڪ ڪئپٽين چونڊٽو آهي ته اِمڪان لکو. (1) گول ڪيپر ڪيپٽين آهي (2) بچاؤُ ڪندڙ رانديگر ڪيپٽين آهي.

.4 جوسف ٽوپيءَ ۾ 26 ڪارڊ، هرهڪ تي انگريزيءَ جو هڪ اکر وارو ڪارڊ رکيو اِن مان سيوَر (vowel) واري ڪارڊ جو اِمڪان لکو.

.5 ڦوڪڻي واري وٽ 2 ڳاڙها، 3 نيرا ۽ 4 ساوا اِنهن رنگن جا ڦوڪڻا آهن. هڪ ڦوڪڻو پرٽاليءَ ڪي ڏيئي تو گهٽنائن جو اِمڪان لکو.

(1) حاصل ٿيل قڪوڻو ڳاڙهو هئڻ

(2) حاصل ٿيل ڦوڪڻو نيرو هئڻ

(3) حاصل ٿيڻ ڦوڪڻو ساٺو هئڻ.

6. هڪ باڪس ۾ 5 ڳاڙهي رنگ، 8 نيري رنگ ۽ 3 سائي رنگ جون پينيون آهن اَٽڪل واري تجربي ۾ ريتا کي هڪ ٻين ڪيڏي نيري رنگ واري ڪيڏي آهي ته اِن گهٽنا جو اِمڪان لهو.

7. هڪ ڊاري ۾ ڇهن مٿاچڙا هيٺ ڏنل نموني موجب آهن.

| A | B | C | D | E | A |
|---|---|---|---|---|---|

هڪ دفعو ڊارو اُڇلائڻ سان هيٺ گهٽنائن جو اِمڪان لهو.

(1) مٿئين مٿاچڙي تي ‘A’ هئڻ (2) مٿئين مٿاچڙي تي D هئڻ

8. هڪ ڪوکي ۾ 1 کان 30 لکيل اَهڙيون 30 ٽڪيٽون آهن.

هيٺ ڏنل گهٽنائن جو اِمڪان لهو

(1) ٽڪيٽ جو عدد اِڪي آهي (2) ٽڪيٽ تي عدد پورڻ ٻي سگهه آهي.




9 هڪ مستطيل باغ جي ڊيگهه ۽ ويڪر نمبروار 77 م ۽ 50 م آهي باغ ۾ 14 م قطر وارو تلاءُ آهي باغ جي پرسان هڪ عمارت مان هڪ ٽوال باغ ۾ اَچي ڪريو ته باغ ۾ تلاءُ ۾ اُن جي ڪرڻ جو اِمڪان لهو.

10. چٽاپيٽي راند ۾ 8,7,6,5,4,3,2,1 اِنهن مان هڪ اَنگ تي تير هٽڻو آهي هيٺ ڏنل گهٽنائن جو اِمڪان لهو




(1) اِهو تير 8 اَنگ تي پوي ٿو

(2) اِهو پنڙ اِڪي انگ تي پوي ٿو

(3) تير 2 کان وڏي اَنگ تي پوي ٿو.

(4) تير 9 کان گهٽ اَنگ تي پوي ٿو.

11. هڪ ڪارڊ تي ۾ 0 کان 5 تائين اَنگ لکيل 6 ڪارڊ آهن ته هيٺ ڏنل گهٽنائن جو اِمڪان لهو.

(i) ڪڍيل ڪارڊ تي قدرتي عدد آهي.

(ii) ڪڍيل ڪارڊ تي 1 کان گهٽ عدد آهي.

(iii) ڪڍيل ڪارڊ تي سچو عدد آهي.

(iv) ڪڍيل ڪارڊ تي 5 کان گهٽ عدد آهي

12. هڪ ٿيلهي ۾ 3 ڳاڙها ، 3 اَڇا ۽ 2 سائي رنگ جا بال آهن. 1 بال ڪيڍڻ لاءِ گهٽنائن جو اِمڪان لهو.

(1) ڪيڍيل بال ڳاڙهي رنگ جو آهي

(2) ڪيڍيل بال ڳاڙهي رنگ جو نہ آهي

(3) ڪيڍيل بال ڳاڙهو يا اڇو آهي.

13. هرهڪ ڪارڊ تي Mathematics اِن لفظ جا سڀ اَکر ڪٽي ڪارڊ تيار ڪيا ويا ۽ اُهي اُبتا رکيا ويا تہ اُن مان 'm' اَکر واري ڪارڊ ڪيڍڻ جو اِمڪان لهو.

14. هڪ اِسڪول ۾ 200 شاگردن مان 135 شاگردن کي ڪبڊي راند پسند آهي باقي ٻين ٻارن کي اِها راند پسند نہ آهي. سيني ٻارن مان هڪ شاگرد چونڊڻ ۾ راند کي نہ پسند ڪرڻ اِمڪان لهو.

★15. 4,3,2,1,0 اِهي اَنگہ بنا دهرائڻ جي ٻن اَنگن جا عدد تيار ڪرڻا آهن تہ هيٺ ڏنل گهٽنائن جو اِمڪان لهو.

(i) اُهو عدد مفرد آهي

(ii) اِهو عدد 4 جو ضربجندڙ آهي.

(iii) اِهو عدد 11 جو ضربجندڙ آهي.

★16. هڪ ڏاري تي متاڇڙن تي 5,4,3,2,1,0 اِهي اَنگہ آهن اِهو ڏارو ٻہ دفعا اُڇلائڻ سان متين متاڇڙن تي ملندڙ انگن جو ضرب اُپٽ ٻڙي اَچي، اِن گهٽنا جو اِمڪان لهو.

17. هيٺيون مشغوليون ڪريو.

مشغولي : I توهانجي ڪلاس جو ڪُل تعداد n(S) = [ ]

ڪلاس ۾ عينڪ وارا ٻار n(A) = [ ]

سيني ٻارن مان هڪ عينڪ وارو ٻار اٽڪل وارو تجربي ذريعي ڳولهڻ جو اَمڪان P(A) = [ ]

سيني ٻارن ۾ عينڪ واپرائڻ وارو هڪ ٻار اٽڪل واري تجربي ذريعي ڳولهڻ جو اَمڪان n(S) = [ ]

مشغولي II جنس اَوڪاش مقرر ڪري هينيان چؤڪٽ پريو.

| جنس اوڪاش | گهٽنا A لاءِ برابر عدد ملڻ ضروري |
| --- | --- |
| ↓ | ↓ |
| S = { } | A = { } |
| ↓ | ↓ |
| n(S) = [ ] | n(A) = [ ] |

$P(A) = \frac{[\ ]}{[\ ]} = [\ ]$

# 6 عدد شاستر

## اڇو تہ سکي وٺون

- مرڪزي رُخ جون ماپون - گروهيل جهجهائي ڇڄري ۾ سراسري، وچون عدد، ڇڄري جو ڍنگ
- عددي چاڙ جو شڪل وسيلي پيشڪش - هستوگرام، جهجهائي گهٽڪندو، گول گراف (پاءِ ڊائگرام)

انسان جي زندگيءَ ۾ عدد شاستر جو انيڪ ڪيترن ۾ اُپيوگ آهي مثال ڪيتي، آرٽ شاستر، واپار، ميڊيڪل، علم نباتات، علم حيات - تڪنيڪ، علم ڪيميا، عام سڪيا، سماج وگيان، بندوبست وغيره هڪ تجربي مان ڪيترائي نتيجا ممڪن آهن جڏهن اُنهن جو اِمڪان جاچڻو آهي، اُن وقت وڏي پيماني تي تجربو ڪري سڀ چاڙ سٺي نموني درج ڪبي آهي. اِن درج جو اِستعمال ڪري جدا جدا نتيجا جاچيا وڃن ٿا. اِن ڪري عدد شاستر ۾ ڪجهہ عددي نيم ٺاهيا ويا آهن.



فرانسز گالٽن

**فرانسز گالٽن** (1822-1911) برٽش سائنسدان عدد شاستر ۾ بنيادي ڪم ڪيو. هو سوال تيار ڪري عام ماڻهن ۾ ورهائيندو هو ۽ سوالن جا جواب پرڻ لاءِ عرض ڪندو هو. آهڙي ريت چاڙ حاصل ڪري، اُنهن ماڻهن جي اَڳہ حالت، آرٿڪ دشا، بيماريون، تندرستي وغيره جي چاڙ نوٽ ڪندو هو. گالٽن ڪيترن ئي ماڻهن جي آڱرين جا نشان حاصل ڪري اُنهن جو ورگيڪرڻ ڪرڻ جو بنياد وڌو.

اِهو ڏيکاريو تہ ڪن بہ ٻن ماڻهن جي آڱرين جا نشان ساڳيا نہ هوندا آهن. آڱرين جي نشانن سان ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ممڪن ٿي. ڏوهاري ڪندڙن کي سڃاڻڻ ۾ اِهو طريقو ڪورٽن ۾ پڻ منظور ٿيل آهي. اِنسان ۽ جانورن جي آدِ-شاستر ۾ هن خوب ڪم ڪيو

## ڄاڻي وٺون

سروي مان حاصل ٿيل عددي چاڙ مان هڪ خاصيت تہ ظاهر آهي تہ سڀ مليل ڪٿون ڪنهن خاص ڪٿ چوگرد يا اُن جي آسپاس مرڪزي ٿيڻ جو ڍنگہ اِها خاص ڪٿ سڄي گروهہ جو عيوضي عدد هوندي آهي اِن ملهہ کي مرڪزي رخ جي ماپ چئبو آهي. اَڻ گروهيل ڇڄري ۾ سراسري (Mean) وچون عدد (Median) ۽ ڍنگہ (Mode) بابت آسان سکي چڪا آهيون.

عملي ڪم 1 : توهان جي ڪلاس ۾ سيني ٻارن جي اوچائي س م ۾ درج ڪريو. اَسان کي ائين لڳندو تہ ڪيترن ئي ٻارن جي اوچائي ڪنهن خاص عدد جي چوگرد يا آسپاس مرڪزي ٿيندڙ نظر ايندي.

عملي ڪم 2 : پيپل جا هيٺ ڪريل پن جمع ڪريو هرهڪ شاگرد کي هڪ پن ڏيو هرهڪ کي پن جي ڊيگهہ ماپڻ لاءِ چئو سڀني ڄاڻ درج ڪريو. توهان ڏسندا تہ مليل عدد (ڪٽٽون) ڪنهن خاص عدد جي چوگرد يا مرڪزي هوندي.

هاڻي اَسان عددي ڄاڻ جي مرڪزي رخجون ماپون سراسري (Median) وچون عدد (Mean) ۽ ڊينگہ (Mode) بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

$$\text{عددي ڄاڻ جي سراسري} = \frac{\text{سيني ڪٽٽن جو جوڙ}}{\text{ڪل ڪٽٽون}} = \frac{\sum_{i=1} x_i}{N}$$

سراسري $\overline{X}$ وسيلي ڏيکاريل آهي اِها عددي ڄاڻ جي سراسري آهي

$$\overline{X} = \frac{\sum_{i=1}^{N} x_i}{N}$$



ڄاڻي وٺون

## گروهيل ڇڄري مان سراسري (Mean from classified frequency distribution)

جيڪڏهن ڪٽٽن جو اَنداز وڏو هوندو آهي تہ سراسري لهڻ لاءِ مٿي ڏنل فارمولا ڪم آڻبي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وڏي ڄاڻ گروهيل ڇڄري ۾ حاصل ٿيل هوندي آهي. اَهڙي وقت مٿي ڏنل فارمولا وسيلي سراسري نہ لهي سگهبي اِن هي هيٺ ڏنل طريقا ڪم آڻي سگهجن ٿا.

### سڌو طريقو (Direct Method)

هاڻي گروهيل عددي ڄاڻ مان سراسري لهڻ جو طريقو سمجهنداسين.

مثال : هيٺ ڏنل ڇڄري ۾ هڪ ڪم پورو ڪرڻ ۾ مزورن جو جهجائي جو لڳل وقت ڏنل آهي تہ هڪ مزور جو ڪم ۾ لڳل وقت جي سراسري لهو.

| هرهڪ کي ڪم پورو ڪرڻ لاءِ لڳل وقت (ڪلاڪن ۾) | 15-19 | 20-24 | 25-29 | 30-34 | 35-39 |
|---|---|---|---|---|---|
| مزورن جو تعداد | 10 | 15 | 12 | 8 | 5 |

حل :

(1) چار ڪالم هوندڙ چجرو تيار ڪيو
(2) پهرين ڪالم ۾ ڪلاس وٺي ڪم ۾ لڳل وقت آهي.
(3) ٻئي ڪالم ۾ ڪلاس وچ ٽيڪو (ڪلاس نشان) $x_i$ لکيو
(4) ٽئين ڪالم ۾ مزورن جي جهجهائي $(f_i)$ لکيو.
(5) چوٿين ڪالم مو هرهڪ ڪلاس لاءِ $(x_i \times f_i)$ اِها ضرب اُپٽ لکي
(6) ڪم جا ڪل ڪلاڪ : $\sum_{i=1}^{N} x_i f_i$ لکي.
(7) فارمولا ڪم آڻي سراسري ڪڍي

| ڪلاس وقت (ڪلاڪن ۾) | ڪلاس درج $x_i$ | جهجهائي $f_i$ | $x_i f_i$ |
|---|---|---|---|
| 15-19 | 17 | 10 | 170 |
| 20-24 | 22 | 15 | 330 |
| 25-29 | 27 | 12 | 324 |
| 30-34 | 32 | 8 | 256 |
| 35-39 | 37 | 5 | 185 |
| ڪُل | | $\sum f_i = 50$ | $\sum x_i f_i = 1265$ |

$$\text{سراسري} = \bar{X} = \frac{\sum x_i f_i}{N} = \frac{1265}{50} = 25.3 \quad \because \sum f_i = N$$

هڪ مزور ڪي سراسري لڳندڙ وقت 25.3 ڪلاڪ آهي. (اٽڪل)

## حل ڪيل مثال

مثال (1) هيٺ ڏنل چجري ۾ 50 شاگردن جو يونٽ آزمائش ۾ مارڪن جو سيڪڙو ڏنل آهي تہ مارڪن جي سيڪڙو جي سراسري لهو.

| مارڪن جو سيڪڙو | 0-20 | 20-40 | 40-60 | 60-80 | 80-100 |
|---|---|---|---|---|---|
| شاگردن جو انداز | 3 | 7 | 15 | 20 | 5 |

حل : ڏاڪن جي آڌار تي چجرو تيار ڪيو

| ڪلاس (مارڪن جو سيڪڙو) | ڪلاس نشان $x_i$ | جهجائي (شاگردن جو اَنداز) $f_i$ | ڪلاس نشان $x_i f_i$ |
|---|---|---|---|
| 0-20 | 10 | 3 | 30 |
| 20-40 | 30 | 7 | 210 |
| 40-60 | 50 | 15 | 750 |
| 60-80 | 70 | 20 | 1400 |
| 80-100 | 90 | 5 | 450 |
| ڪُل | | $N = \sum f_i = 50$ | $\sum x_i f_i = 2840$ |

$$\bar{X} = \frac{\sum x_i f_i}{\sum f_i} = \frac{2840}{50} = 56.8$$

$\therefore$ مارڪن جي سيڪڙو جي سراسري $= 56.8$

مثال (2) گذريل سال مهاراشٽر جي 30 جدا جدا شهرن اونهاري ۾ هڪ ڏينهن جو وڌ ۾ وڌ گرمي پد $C^\circ$ هيٺ ڄاڻايل چجري ۾ ڏنل آهي. ته اُن گرمي پد جي سراسري لهو.

| وڌ ۾ وڌ گرمي | 24-28 | 28-32 | 32-36 | 36-40 | 40-44 |
|---|---|---|---|---|---|
| شهرن جو تعداد | 4 | 5 | 7 | 8 | 6 |

حل :

| ڪلاس (گرمي پد$C^\circ$) | ڪلاس نشان $x_i$ | جهجهائي $f_i$ | ڪلاس × ڪلاس نشان $x_i f_i$ |
|---|---|---|---|
| 24-28 | 26 | 4 | 104 |
| 28-32 | 30 | 5 | 150 |
| 32-36 | 34 | 7 | 238 |
| 36-40 | 38 | 8 | 304 |
| 40-44 | 42 | 6 | 252 |
| ڪُل | | $N = \sum f_i = 30$ | $\sum x_i f_i = 1048$ |

سراسري = $\overline{X} = \dfrac{\sum x_i f_i}{\sum f_i} = \dfrac{1048}{30} = 34.9\,^\circ C$

## مچيل سراسري طريقو (Assumed Mean Method)

متي حل ڪيل مثالن ۾ ڪڏهن ڪڏهن $x_i f_i$ اِها ضرب اُپت تمام وڏي ٿئي ٿي. اِنڪري سڌي طريقي سراسري ڪيڏو ڪجهه اوکي ٿئي ٿي. اِن لاءِ هڪ طريقو مچيل سراسري طريقو سمجهي وٺون. اِن طريقي ۾ سراسري لهڻ لاءِ ننڍن عددن جو جوڙي ونڊ ڪرڻ سولو آهي.

مثال : 40, 42, 43, 45, 47, 48 اِهي ڪٿنون آهن اِنهن جو سراسري لهڻي آهي.

اِن مثال کي جاچڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سراسري 40 کان وڌيڪ آهي. اَسان سمجهو 40 کي سراسري مچيون ٿا اِها مچيل سراسري آهي $40-40 = 0,\ 42-40 = 2,\ 43-40 = 3,\ 45-40 = 5,\ 47-40 = 7,$

$48-40 = 8$ اِهي فرق ڏسو اِنهن کي ڦيريل چئبو آهي. اِنهن فرقن جي سراسري لهي اُنهن ۾ 40 ملائبا ته اسان کي سچي ڄاڻ جي سراسري ملندي.

ڦيريلن جي سراسري + مچيل سراسري = سراسري

$$\overline{X} = 40 + \left(\frac{0+2+3+5+7+8}{6}\right) = 40 + \frac{25}{6} = 40 + 4\frac{1}{6} = 44\frac{1}{6}$$

سمجهو تہ مجيل سراسري A مجيل سراسري جا ڦيريل d ۽ ڦيريلن جي سراسري $\overline{d}$ آهي.

اِهو سوتر ڪم آڻبو $\overline{X} = A + \overline{d}$

ساڳيو مثال آسان مجيل سراسري 43ڪري ڏسون

$40 - 43 = -3,\ 42 - 43 = -1,\ 43 - 43 = 0,\ 45 - 43 = 2,\ 47 - 43 = 4,\ 48 - 43 = 5$

ڦيريلن جو جوڙ $= -3 -1 + 0 + 2 + 4 + 5 = 7$

هاڻي $\overline{X} = A + \overline{d}$

$= 43 + \left(\frac{7}{6}\right)$ (هتي ڪُل 6 ڦيريل آهن)

$= 43 + 1\frac{1}{6}$

$= 44\frac{1}{6}$

ان مان سمجهہ ۾ اَچي ٿو تہ مجيل سراسري کهڙي بہ ڪٿت ڪٿبي تہ سراسري ۾ ڪابہ تبديل نہ ايندي. هاڻي اِها گروهيل جهجهائي ۾ اِهو طريقو ڪيئن ڪم آڻبو، مثال وسيلي سمجهنداسين.

مثال : 100 ياجي وڪڻندڙ جو روز جو وڪرو هيٺ ڏنل آهي. مجيل سراسري طريقي سان روزاني وڪرو جي سراسري لهو.

| روزانو وڪرو | 1000−1500 | 1500−2000 | 2000−2500 | 2500−3000 |
|---|---|---|---|---|
| وڪڻندڙ جو اَنداز | 15 | 20 | 35 | 30 |

حل : سمجهيو $A = 2250$ مجيل $A$ سراسري $d_i = x_i - A$

| ڪلاس روزانو وڪرو (رپين ۾) | ڪلاس نشان $x_i$ | $d_i = x_i - A$ $= x_i - 2250$ | وڪڻندڙن جو اَنداز $f_i$ | جهجهائي × ڦيريل $f_i d_i$ |
|---|---|---|---|---|
| 1000−1500 | 1250 | −1000 | 15 | −15000 |
| 1500−2000 | 1750 | −500 | 20 | −10000 |
| 2000−2500 | 2250→A | 0 | 35 | 0 |
| 2500−3000 | 2750 | 500 | 30 | 15000 |
| ڪُل | | | $N = \sum f_i = 100$ | $\sum f_i d_i = -10000$ |

هينيان ڏاڪا ڪم آڻي چجرو تيار ڪيو.

(1) مچيل سراسري A=2250 کڻين (رواجي طرح وڏيڪ جهجهائي وارو ڪلاس نشان ڪڻڻ گهرجي)

(2) پهرين ڪالم ۾ وڪرو ڪلاس ۾ لکيو.

(3) ٻئين ڪالم ۾ ڪلاس نشانو لکيو.

(4) ٽئين ڪالم ۾ $d_i = x_i - A = x_i - 2250$ ملهه لکيو.

(5) چوٿين ڪالم ۾ هرهڪ ڪلاس جي وڪڻندڙن جو اَنداز ۽ جوڙ $\sum f_i$ لکيو

(6) پنجين ڪالم ۾ $(f_i \times d_i)$ لکيو ۽ جوڙ $\sum f_i d_i$ ڪيو

سوتر ڪم آڻي $\overline{X}$ $\overline{d}$ ڪڍي.

$$\overline{d} = \frac{\sum f_i d_i}{\sum f_i} = -\frac{10000}{100} = -100 \qquad \therefore\ \overline{X} = A + \overline{d} = 2250 - 100 = 2150$$

روزانو وڪرو سراسري 2150 ر

مشغولي : اِهو مثال سڌي طريقي حل ڪريو

## حل ڪيل مثال

مثال (1) هيٺ ڏنل چجري ۾ هڪ ڪارخانيدار وٽ 50 مزورن جي روزاني پگهار جهجهائي ڏنل آهي هڪ مزور جي روزاني سراسري ڪمائي مچيل سراسري طريقي لهو.

| روزانو پگهار رپين ۾ | 200-240 | 240-280 | 280-320 | 320-360 | 360-400 |
|---|---|---|---|---|---|
| مزورن جو انداز | 5 | 10 | 15 | 12 | 8 |

حل : سمجهو ته A = 300 مچيل سراسري :

| مزورن جو اَنداز | ڪلاس نشان $x_i$ | $d_i = x_i - A$<br>$d_i = x_i - 300$ | ڪلاس پگهار (رپين ۾) $f_i$ | $f_i d_i$ |
|---|---|---|---|---|
| 200-240 | 220 | -80 | 5 | -400 |
| 240-280 | 260 | -40 | 10 | -400 |
| 280-320 | 300→A | 0 | 15 | 0 |
| 320-360 | 340 | 40 | 12 | 480 |
| 360-400 | 380 | 80 | 8 | 640 |
| ڪُل | | | $\sum f_i = 50$ | $\sum f_i d_i = 320$ |

$$\overline{d} = \frac{\sum f_i d_i}{\sum f_i} = \frac{320}{50} = 6.4$$

سراسري , $\overline{X} = A + \overline{d}$

$= 300 + 6.4$

$= 306.40$

روزانو سراسري پگهار 306.40 ر

## قيرايل ڏاڪي وارو طريقو (Step deviation method)

اَسان سراسري لهڻ لاءِ سڌو طريقو ۽ مچيل سراسري طريقو اُپياس ڪيو وڌيڪ سهوليت لاءِ سراسري لهڻ لاءِ هڪ ٻيو طريقو سمجهنداسين.

- پهريائين A اِها مچيل سراسري ڪٿ ڪري $d_i$ وارو ڪالم تيار ڪنداسين.
- سپ $d_i$ جي اوچائي $g$ ملندو ته $u_i = \frac{d_i}{g}$ وارو ڪالم تيار ڪنداسين.
- $u_i$ انهن عددن جي سراسري $\overline{u}$ لهنداسين
- $\overline{X} = A + \overline{u}\, g$ اهو سوتر ڪم آڻي سراسري لهنداسين

نمونو مثال : 100 ڪُٽنبن جي صحت لاءِ اِنشورنس رقم هيٺ جهجهائي چجري ۾ ڏنل آهي. قيرايل ڏاڪي واري طريقي سالياني اِنشورنس جي سراسري لهو.

| ويما رقم رپين ۾ | 800-1200 | 1200-1600 | 1600-2000 | 2000-2400 | 2400-2800 | 2800-3200 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪٽنبن جو اَنداز | 3 | 15 | 20 | 25 | 30 | 7 |

حل : سمجهو ته مچيل سراسري $A = 2200$ سيئي $d_i$ ڏسي هتي $g = 400$

| ڪلاس ويما رقم (رپيا) | ڪلاس نشان $x_i$ | $d_i = x_i - A$ $= x_i - 2200$ | $u_i = \frac{d_i}{g}$ | جهجهائي ڪٽنبن جو انداز $f_i$ | $f_i u_i$ |
|---|---|---|---|---|---|
| 800-1200 | 1000 | -1200 | -3 | 3 | -9 |
| 1200-1600 | 1400 | -800 | -2 | 15 | -30 |
| 1600-2000 | 1800 | -400 | -1 | 20 | -20 |
| 2000-2400 | 2200→A | 0 | 0 | 25 | 0 |
| 2400-2800 | 2600 | 400 | 1 | 30 | 30 |
| 2800-3200 | 3000 | 800 | 2 | 7 | 14 |
| ڪُل | | | | $\sum f_i = 100$ | $\sum f_i u_i = -15$ |

مٿي ڏنل چجري هيٺ ڏاڪن تي تيار ڪيل آهي.

(1) پهرين ڪالم ۾ ويما رقم ڪلاس ۾ لکي

(2) ٻئين ڪالم ۾ ڪلاس نشان $x_i$ لکيو.

(3) ٽئين ڪالم ۾ $d_i = x_i - A$ ملهه لکيو

(4) چوٿين ڪالم ۾ سڀ عدد 400 جا ضربجندڙ آهن اِنڪري $g$-400 اِن ڪالم ۾ $u_i = \frac{d_i}{g} = \frac{d_i}{400}$ جو ملهه لکيو

(5) پنجين ڪالم ۾ جهجهائي لکي.

(6) ڇهين ڪالم ۾ $f_i \times u_i$ جو ملهه لکيو.

$u_i$ جي سراسري فارمولا ڪم آڻي ڪيڏي.

$$\overline{u} = \frac{\sum f_i u_i}{\sum f_i} = \frac{-15}{100} = -0.15$$

$$\overline{X} = A + \overline{u}\, g$$

$$= 2200 + (-0.15)(400)$$

$$= 2200 + (-60.00)$$

$$= 2200 - 60 = 2140$$

ڪٽنبن جي ويما رقم جي ساليانِي سراسري 2140ر آهي.

ڌيان ڏيو : سڌي طريقي. مڃيل سراسري طريقي يا ڦيريل ڏاڪي واري طريقي ڪيڏيل سراسري ساڳي هوندي آهي.

## حل ڪيل مثال

مثال (1) اِسڪول جي 50 شاگردن پوڙ راحت لاءِ ڏنل چندي جو جهجهائي ڇيڙو هيٺ ڏنل آهي.جمع ڪيل چندي جي سراسري ڦيرايل ڏاڪو طريقو ڪم آڻي لهو.

| چندو (روپيا) | 0-500 | 500-1000 | 1000-1500 | 1500-2000 | 2000-2500 | 2500-3000 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| شاگرد | 2 | 4 | 24 | 18 | 1 | 1 |

پڇاڙيءَ وارن ڪلاسن ۾ ڪٿون تمام گهٽ هجڻ ڪري اُهي ٻئي ملائي هڪ ڪلاس ڪرڻ سولو ٿيندو 0-500 ۽ 500-1000 جو هڪ ڪلاس ۽ 2500 - 2000 ۽ 3000-2500 جو هڪ ڪلاس ڪيو.

| چندو رقم (رپين ۾) | 0-1000 | 1000-1500 | 1500-2000 | 2000-3000 |
|---|---|---|---|---|
| شاگرد | 6 | 24 | 18 | 2 |

حل : سمجهو تہ A=1250 سڀ $d_i$ جاچي $g$=250 کنيو.

| ڪلاس چندو رقمون رپين ۾ | ڪلاس نشان $x_i$ | $d_i = x_i - A$ $= x_i - 1250$ | $u_i = \frac{d_i}{g}$ | جهجهائي $f_i$ | $f_i u_i$ |
|---|---|---|---|---|---|
| 0-1000 | 500 | -750 | -3 | 6 | -18 |
| 1000-1500 | 1250→A | 0 | 0 | 24 | 0 |
| 1500 - 2000 | 1750 | 500 | 2 | 18 | 36 |
| 2000-3000 | 2500 | 1250 | 5 | 2 | 10 |
| | | | | $\sum f_i = 50$ | $\sum f_i u_i = 28$ |

$$\overline{u} = \frac{\sum f_i u_i}{\sum f_i} = \frac{28}{50} = 0.56,$$

$$\overline{u}\, g = 0.56 \times 250 = 140$$

$$\overline{X} = A + g\overline{u} = 1250 + 140 = 1390$$

∴ ڪٺو ڪيل چندو سراسري 1390 رپيا آهي

مشغولي -

1. اِهو مثال سڌي طريقي حل ڪريو.

2. متين مثال ۾ ڪڍيل سراسري مجيل سراسري طريقي لهي جاچ ڪريو.

3. A=1750 ڪٺي متيون مثال حل ڪريو.

## اَڀياس 6.1

1.ڏهين درجي جي 50 شاگردن جو روزانو اَڀياس ڪرڻ ۾ گذاريل ڪلاڪ ۽ شاگردن جو تعداد جو جهجهائي ڇڇرو ڏنل آهي ڪلاڪن جي سراسري سڌي طريقي لهو.

| وقت (ڪلاڪن ۾) | 0-2 | 2-4 | 4-6 | 6-8 | 8-10 |
|---|---|---|---|---|---|
| شاگرد | 7 | 18 | 12 | 10 | 3 |

2. هڪ هاءِ وي ٽول ناڪي تي صبوح جو 6 ڪان شام جو 6 تائين جمع ٿيل ٽئڪس ۽ واهڻن جو انداز هيٺ جهجهائي ڇڇري ۾ ڏنل آهي مٽيل سراسري طريقي جمع ٽئڪس جي سراسري لهو.

| جمع ٽئڪس(رپيا) | 300-400 | 400-500 | 500-600 | 600-700 | 700-800 |
|---|---|---|---|---|---|
| واهن انداز | 80 | 110 | 120 | 70 | 40 |

3. هڪ کير وڪرو ڪندڙ مرڪز تان 50 گراهڪن ۾ ورهايل کير (ليٽرن ۾) اِن جو جهجهائي ڇڇرو هيٺ ڏنل آهي ته کير جو ليٽرن ۾ سڌي طريقي سراسري لهو.

| کير ورهاست (ليٽرن ۾) | 1-2 | 2-3 | 3-4 | 4-5 | 5-6 |
|---|---|---|---|---|---|
| گراهڪ-انداز | 17 | 13 | 10 | 7 | 3 |

